عدالت بنيادي حقن جي تحفظ، قانون جي بالادستي ۽ وقت سر انصاف لاءِ پرعزم آهي: چيف جسٽس آف پاڪستان

انصاف جي ذميواري ان وقت وڌيڪ اهميت اختيار ڪري ويندي آهي، جڏهن عام شهري اميد، اعتماد ۽ ڪجهه وقت بي وسي جي عالم ۾ عدالتن جو رخ ڪندا آهن

نئون سال غور ۽ فڪر، سڌارن ۽ ان عزم جي تجديد جو گهرجائو آهي ته عدالتي عمل ۾ شهرين کي مرڪزيت ڏني وڃي. انصاف رڳو اصولي نه پر عملي طور پهچ جوڳو هجڻ گهرجي

نئين سال ۾ عدالتي سڌارن جو مقصد انصاف تائين پهچ کي بهتر بڻائڻ، ڪيسن ۾ دير کي گهٽ ڪرڻ، شفافيت کي مضبوط بڻائڻ ۽ عدالتي ڪارڪردگي ۾ بهتري لاءِ ٽيڪنالاجي جو ذميوارانو استعمال آهي

انهن سڌارن جو محور اهي نتيجا هوندا جيڪي عوام لاءِ سڀني کان وڌيڪ اهم آهن، ان ۾ وقت سر فيصلا، قابل فهم طريقيڪار ۽ اهڙيون عدالتون شامل آهن جيڪي عوام دوست ۽ انساني همدردي تي ٻڌل هجن

اميد آهي ته نئون سال قانون جي حڪمراني تي عوام جي اعتماد ۾ اضافي ۽ اهڙي انصاف واري نظام، جو موجب بڻجندو جيڪو هر ماڻهو تائين پهچي سگهي: چيف جسٽس يحيٰ آفريدي

اسلام آباد (اي پي پي)چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس يحيٰ آفريدي چيو آهي ته عدالت بنيادي حقن جي تحفظ، قانون جي بالادستي منصفاڻي غيرجانبدار ۽ وقت سر انصاف جي فراهمي لاءِ پرعزم آهي. سپريم ڪورٽ مان جاري پڌرائي موجب چيف جسٽس نئين سال جي شروعات تي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو2

ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO -2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) جمعو 02 جنوري 2026ع 12 رجب المرجب 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيه شمارو (140)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

446 پارليامينٽ ۽ صوبائي اسيمبلي ميمبرن گوشوارا جمع نه ڪرايا

15 جنوريءَ تائين گوشوارا جمع نه ڪرائيندڙ ميمبرن جي ميمبرشپ معطل ڪئي ويندي: اليڪشن ڪميشن

اسلام آباد (اي پي پي) اليڪشن ڪميشن

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو2

پاڪستان ۽ ڀارت پاران ائٽمي ٺڪاڻن ۽ سهولتن جي لسٽن جي ڏي وٺ

اها مٽاسٽا پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ ۾ ائٽمي ٺڪاڻن ۽ سهولتن تي حملن جي منع بابت معاهدي تحت عمل ۾ آئي

پاڪستاني اختيارين پاران اسلام آباد ۾ قائم ڀارتي هاءِ ڪميشن جي هڪ نمائندي جي حوالي ڪئي وئي

ڀارتي اختيارين ائٽمي ٺڪاڻن ۽ سهولتن جي فهرست نئين دهلي ۾ قائم پاڪستان هاءِ ڪميشن جي نمائندي کي فراهم ڪئي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان ۽ ڀارت ائٽمي ٺڪاڻن ۽ سهولتن جي فهرستن جي سالياني بنيادن تي مٽاسٽا ڪئي آهي اها مٽاسٽا پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ ۾ ائٽمي ٺڪاڻن ۽ سهولتن تي حملن جي منع بابت

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو2

ڪي پي ڪي ۾ روزانو 400 بيرل تيل ۽ 10.5 ملين ڪيوبڪ فٽ گئس جي پيداوار جا وڏا ذخيرا هٿ

او جي ڊي سي ايل قوم لاءِ نئين سال جو تحفي طور سمجهيو ويندڙ ڪي پي ڪي جي ضلعي ڪوهاٽ ۾ واقع ايڪسپلوريٽري کوهه براڳزئي ايڪس ون (سلانٽ) مان تيل ۽ گئس جا اهم ذخيرا دريافت ڪري ورتا

نشپا بلاڪ ۾ جاڳايل کوهه ۾ يو جي ڊي سي ايل آپريٽر طور 65 سيڪڙو ۽ پي پي ايل ۽ گورنمينٽ هولڊنگز ترتيبوار 30 ۽ 5 سيڪڙو حصيدار. دريافت او جي ڊي سي ايل جي مسلسل محنت جو نتيجو قرار

نئين دريافت ملڪ ۾ توانائي ۽ وسيلن ۾ واڌ سميت قومي توانائي جي طلب ۽ پهچ جي فرق کي گهٽائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي. او جي ڊي سي ايل جي هائيڊروڪاربن ذخيرن کي وڌيڪ مضبوط ڪندي: ترجمان

وزيراعظم جي تيل ۽ گئس جي نئين ذخيرن جي ڳولا حڪومتي ترجيحن ۾ شامل ڪرڻ ۽ تيل ۽ گئس سپلاءِ چين کي درآمد ٿيڻ کان وٺي صارفين جي استعمال تائين ڊيجيٽائيز ڪرڻ جي لاءِ فوري قدمن جي هدايت

هن سال سرديءَ جي موسم ۾ گهريلو صارفين کي گذريل سال جي ڀيٽ ۾ بهتر پريشر سان گئس مهيا ڪئي پئي وڃي. آر ايل اين جي جي ڪنيڪشنز تي تيزي سان ڪم جاري آهي: وزيراعظم کي اجلاس ۾ بريفنگ

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ/اي پي پي) او جي ڊي سي ايل خيبرپختونخوا جي ضلعي ڪوهاٽ ۾ نشپا بلاڪ وٽان تيل ۽ گئس جا وڏا ذخيرا دريافت ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو او جي ڊي سي ايل جي ترجمان موجب براڳزئي ايڪس ون کوهه مان روزانو 4100 بيرل تيل ۽ 10.5 ملين معڪب فٽ گئس جي پيداوار حاصل ٿي آهي. قوم لاءِ نئين سال جو تحفي طور سمجهيو ويندڙ

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو2

اسلام آباد: وزيراعظم محمد شهباز شريف اجلاس جي صدارت ڪندي

وزيراعظم پاران معاشي قدمن تي ٻڌل جامع حڪمت عملي لاءِ تجويزون طلب

سيڙپڪارن جي آساني جي لاءِ ادارجاتي ۽ انتظامي سهولتن جي فراهمي حڪومت جي اولين ترجيح آهي: وزيراعظم

وزارتون سيڙپڪاري ۾ اضافي جي لاءِ صنعتي پيداوار، زراعت ۽ ٻين سمورن اهم شعبن تي ڌيان ڏين: وزيراعظم جي هدايت

وزيراعظم کي جاري ترقياتي منصوبن ۽ معاشي ادارجاتي انتظامي سڌارن تي جاري ڪم جي اڳڀرائي کان آگاهه ڪيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو2

صدر آصف زرداري پاران سوئٽزرليڊ ۾ افسوسناڪ واقعي تي ڏک جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو2

استنبول ۾ غزا لاءِ لکين ماڻهو روڊن تي نڪري آيا، تشدد جي خاتمي جو مطالبو

سخت ٿڌ باوجود هزارين ماڻهن روڊن تي نڪري فلسطينين سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو

استنبول (م د) استنبول ۾ نئين سال جي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو2

گلوبل اڪنامڪ گيلپ سروي ۾ پاڪستان ڀارت کي پوئتي ڇڏي ڏنو

پاڪستان اقتصادي خوشحالي ۽ امن جي قيام ۽ عالمي اوسر ٻنهي ۾ بهتر ڪارڪردگي ڏيکاري

اقتصادي خوشحالي جي حوالي سان 53 سيڪڙو پاڪستاني 2026ع کي هڪ خوشحال سال سمجهن ٿا

پاڪستاني عوام غيريقيني عالمي ماحول باوجود 2026ع جي حوالي سان پراعتماد ۽ پراميد آهي: گلوبل اڪنامڪ گيلپ سروي

اسلام آباد (اي پي پي)گلوبل اڪنامڪ گيلپ سروي جي تازن نتيجن موجب پاڪستان 2026ع جي شروعات تي اقتصادي خوشحالي ۽ امن جي حوالي سان

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو2

استنبول: فلسطين جي حق ۾ استنبول ۾ تاريخ ساز عوامي مظاهري جو ڏيک

سنڌ پوليس جي 86هين آءِ جي جاويد عالم اوڍو کي گارڊ آف آنر پيش

سي پي او ڪراچي پهچڻ تي سنڌ پوليس جي چاق ۽ چوبند دستي طرفان سلامي ڏني وئي

آءِ جي سنڌ پوليس جي شهيدن جي يادگار تي حاضري ڏني، گلن جي چادر چاڙهي فاتحه پڙهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وفاقي حڪومت پاران جاري ڪيل نوٽيفڪيشن کان پوءِ باضابطه طور جاويد عالم اوڍو انسپيڪٽر

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو2

صدر پاڪستان آصف زرداري ٽنڊوالهيار ۾ زمينن جو دورو، سيڪيورٽي سخت

صدر پاڪستان سهيل انور سيال ۽ سيد ذوالفقار علي شاهه سان ملاقات پڻ ڪئي

آصف علي زرداري ڪجهه ڏينهن بختاور ڀٽو زرداري هائوس تي قيام ڪندو: ذريعا

ٽنڊوالهيار (ج ر) گذريل ڏينهن صدر پاڪستان ۽ پ پ پ جي چيئرمين آصف علي زرداري نجي دوري تي بائي روڊ

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو2

نئون سال سنڌ جي ترقي، سهولت ۽ استحڪام جو سال ثابت ٿيندو: شرجيل ميمڻ

صوبائي حڪومت جاري ۽ نون ترقياتي رٿائن کي وقت سر مڪمل ڪرڻ لاءِ جامع حڪمت عملي جوڙي آهي

روڊن، پلن، صحت، تعليم، پاڻي ۽ سيوريج جا ڪيترائي منصوبا عملي شڪل اختيار ڪندا

ٽريفڪ جي دٻاءُ کي گهٽائڻ لاءِ نوان روٽ ۽ پبلڪ ٽرانسپورٽ جا منصوبا تيزي سان مڪمل ڪيا پيا وڃن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته سال 2026 سنڌ جي ترقي، سهولت ۽ استحڪام جو سال ثابت ٿيندو. سنڌ

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو2

وڏي وزير پاران نئين آءِ جي کي ڏوهن جي خاتمي لاءِ ڪوششون وڌيڪ تيز ڪرڻ جي هدايت

آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو سان ملاقات دوران چارج سنڀالڻ تي نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو

ڪچي وارن علائقن ۾ ڌاڙيل عنصرن خلاف آپريشن بنا ڪنهن وقفي جي جاري رکڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان سنڌ جي نئين مقرر ٿيل انسپيڪٽر جنرل پوليس (آءِ جي)

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو2

ڪراچي: سنڌ جي وڏي وزير سان نئون مقرر ٿيل آءِ جي سنڌ ملاقات ڪندي

سعيد احمد ميتلو وقتي سيڪريٽري قومي اسيمبلي مقرر

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر سردار اياز صادق، قومي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو2

مشڪل گهڙيءَ ۾ اسان سوئس حڪومت ۽ سوئٽزرليڊ جي عوام سان يڪجهتي جو اظهار ڪريون ٿا: وزيراعظم

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو2

ڪرغزستان چوٿون ڀيرو شنگهائي سهڪار تنظيم جي چيئرمين شپ سنڀالي ورتي

بشڪيڪ (اي پي پي) ڪرغزستان چوٿون

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو2

سال 2026 مفاهمت، سياسي استحڪام ۽ قومي اعتماد جي نئين باب جي شروعات ثابت ٿيندو: بلاول ڀٽو

قومون تڏهن اڳتي وڌن ٿيون جڏهن اختلافن کي جمهوري ادارن ۽ آئين جي دائري ۾ حل ڪيو وڃي

گذريل سال پاڪستاني فوج دشمن کي عبرتناڪ شڪست ڏئي قومي خودمختياري جو ڀرپور دفاع ڪيو

اميد ته پاڪستان هن سال هڪ پرامن، خوشحال ۽ ترقي يافته مستقبل ڏانهن تيزي سان اڳتي وڌندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري نئين سال 2026 جي شروعات تي قوم کي دل جي گهراين سان مبارڪباد ڏيندي ملڪ ۽ قوم لاءِ اميد، اتحاد ۽ استحڪام جي دعا

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو2

سنڌ ۾ ڌاڙيلن خلاف زيرو ٽالرنس پاليسي ڏوهن خلاف هڪ اثرائتو هٿيار ثابت ٿي آهي: گهرو وزير

عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ، امن جو قيام ۽ قانون جي عملداري سنڌ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي

نئين مقرر ٿيل آءِ جي جاويد عالم اوڍو صوبائي گهرو وزير سان ملاقات ڪري سيڪيورٽي صورتحال تي ڳالهيون ڪيون

پائيدار امن جي قيام، ڏوهن خلاف اثرائتي حڪمت عملي گڏيل تعاون وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جو عزم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار سان انسپيڪٽر جنرل پوليس سنڌ جاويد عالم اوڍو ملاقات ڪئي، جنهن دوران صوبي ۾ امن امان ۽ سيڪيورٽي جي مجموعي صورتحال تي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو2

پاڪ - آمريڪا لاڳاپا 2026ع ۾ وڌيڪ مضبوط ٿيندا: پاڪستاني سفير

ٻئي ملڪ دهشتگرديءَ جي خاتمي، صحت ۽ تعليم جي شعبن ۾ تعاون جاري رکندا

ٻنهي ملڪن ۾ عوامي سطح تي رابطن کي همٿي ڏيڻ ۽ پائيدار واپاري لاڳاپن جي ضرورت آهي

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪا ۾ پاڪستان جي سفير رضوان سعيد شيخ 2025ع دوران پاڪستان ۽ آمريڪا جي لاڳاپن ۾ انقلابي نوعيت جي تبديليءَ کي اجاگر ڪندي اميد ظاهر ڪئي ته 2026ع ۾ ٻنهي ملڪن جا

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو2

يوڪرين فوج جا 2025ع ۾ 5 لک 10 هزار فوجي زخمي يا مارجي ويا: روس جي دفاع واري وزارت جي دعويٰ

ماسڪو (اي پي پي)روس جي دفاع واري وزارت دعويٰ ڪئي آهي ته سال 2025ع ۾ يوڪرين جي فوج کي وڏو جاني ۽ مالي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو2



ptcl | telenor | ufone 4G | U microfinance bank

SPREADING OUR WINGS TO RULE THE SKIES

PTCL acquires Telenor Pakistan to empower Pakistan's ascent.

Unlocking new possibilities for newer avenues of growth & impact as PTCL guides itself by a bold vision to power Pakistan's digital future. Leading a technology driven flight beyond networks, PTCL is setting new benchmarks in intelligence, adaptability and next generation digital experiences. Designed to be faster, go farther and be seamless, all to empower people, businesses and societies to rise & thrive in a digitally evolving Pakistan.

www.ptcl.com.pk

ايمسٽرڊيم ۾ نئين سال جي جشن دوران 19هين صدي جو چرچ باهه لڳڻ سبب سڙي ويو

جشن جي تقريبن دوران 1872 ۾ تعمير ٿيل ونڊيلڪرڪ چرچ ۾ اوچتو باهه وڪوڙي وئي

باهه سبب چرچ جو 50 ميٽر اوچو ٽاور باهه سبب ڪري پيو ۽ ڇت کي به نقصان پهتو

ايمسٽرڊيم (م ر) نيدرلينڊز جي تخت گاهه ايمسٽرڊيم ۾ نئين سال جي خوشي جي موقعي تي جشن دوران 19هين صدي جو هڪ چرچ باهه لڳڻ سبب سڙي ويو. پرڏيهي ميڊيا موجب ايمسٽرڊيم ۾ 1872 ۾ تعمير ٿيندڙ ونڊيلڪرڪ چرچ ۾ باهه لڳي. چرچ جو 50 ميٽر اوچو ٽاور باهه سبب ڪري پيو ۽ ڇت کي به نقصان پهتو آهي پر ان جو ڍانچو برقرار رهيو. رپورٽ موجب فوري طور باهه لڳڻ جو ڪارڻ معلوم ناهي ٿي سگهيو.

سال 2025ع ۾ پاڪستان دشمن کي عبرتناڪ شڪست ڏني: انجنيئر امير مقام

وزيراعظم ليپ ٽاپ اسڪيم جو مقصد نوجوانن کي هنر، تعليم ۽ روزگار فراهم ڪرڻ آهي

وزيراعظم شهباز شريف مختصر مدي ۾ ملڪ کي ڊيوالپٽي کان ڪڍي پنهنجي پيرن تي بيهاريو

مردان (اي پي پي) ڪشمير، گلگت بلتستان ۽ سيفران واري وفاقي وزير انجنيئر امير مقام چيو آهي ته گذريل سال دفاعي لحاظ کان پاڪستان لاءِ تاريخي رهيو، پاڪستان پاڻ کان ڪيترائي ڀيرا وڏي دشمن کي عبرتناڪ شڪست ڏني. وزيراعظم ليپ ٽاپ اسڪيم صرف هڪ ليپ ٽاپ نه پر هي پنهنجي نوجوانن کي هنر تعليم ۽ روزگار فراهم ڪرڻ آهي. اهڙو اظهار هن ڪالهه عبدالولي يونيورسٽي مردان ۾ شاگردن ۾ وزيراعظم ليپ ٽاپ اسڪيم تحت ليپ ٽاپ ورهائڻ جي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو. وفاقي وزير چيو ته اڄ سان پاڪستان جي مستقبل يعني نوجوانن کان مخاطب آهيان. نئين سال تي اوهان سميت پوري قوم کي مبارڪون پيش ڪريان ٿو. هن چيو ته گذريل سال دفاعي لحاظ کان پاڪستان لاءِ تمام گهڻو سٺو ۽ تاريخي رهيو، فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي اڳواڻي ۽ وزيراعظم شهباز شريف جي سربراهيءَ ۾ پاڪستان پاڻ کان ڪيترائي ڀيرا وڏي دشمن کي عبرتناڪ شڪست ڏني. هن ڪاميابي اسان جي ملڪ ۽ قوم جو پوري دنيا ۾ مان مٿانهون ڪيو. پوري دنيا ۾ پاڪستانين جي عزت ۾ واڌ ٿي. وفاقي وزير چيو ته وزيراعظم محمد شهباز شريف مختصر مدي ۾ ملڪ کي اونداهين ۽ ڊيوالپٽي کان ڪڍي پنهنجي پيرن تي بيهاريو. اسان جي حڪومت اچڻ کان اڳ مهانگائي 40 سيڪڙو تائين پهچي چڪي هئي. شهباز شريف جي ڏينهن رات جي محنت سبب مهانگائي گهٽجي ٿي 4 سيڪڙو تي اچي وئي. ان شاءَ الله وزيراعظم جي اڳواڻيءَ ۾ مهانگائي منفي تائين پهچي ويندي.

بقايا 1 جمع نه ڪرايا

پاران ڏنل ڊيڊ لائن تائين 446 پارليامينٽ ۽ صوبائي اسيمبلي جي ميمبرن پنهنجن اثاثن جا گوشوارا جمع نه ڪرايا، 15 جنوريءَ تائين گوشوارا جمع نه ڪرايا ويا ته 16 جنوري تي سندن ميمبرشپ معطل ڪئي ويندي. اليڪشن ڪميشن طرفان جاري تفصيلن موجب هر سال 31 ڊسمبر تائين پارليامينٽ ۽ صوبائي اسيمبلين جي ميمبرن طرفان پاڻ ۽ پنهنجي ڪفالت هيٺ ماڻهن جا گوشوارا جمع ڪرائڻ لازمي هوندو آهي. چونڊ قانون 2017ع جي شق 137 تحت 15 جنوري تائين پارليامينٽ جي ميمبرن کي مهلت ڏني وڃي ٿي ته هو پنهنجا گوشوارا جمع ڪرائين. جڏهن ته ان ۾ ناڪام رهندڙ پارليامينٽ جي ميمبرن جي ميمبرشپ 16 جنوريءَ کان معطل ڪئي وڃي ٿي جڏهن ته گوشوارا جمع ڪرائڻ تي سندن ميمبرشپ بحال ڪئي ويندي آهي. سينيٽ جي 26، قومي اسيمبليءَ جي 125، پنجاب اسيمبليءَ جا 159، سنڌ اسيمبليءَ جي 62، ڪي پي ڪي اسيمبليءَ جي 48 ۽ بلوچستان اسيمبليءَ جي 26 ميمبرن پنهنجا ۽ پنهنجي ڪفالت هيٺ ماڻهن جا مالي سال 2024-25ع جا گوشوارا جمع نه ڪرايا ته 16 جنوري 2026ع تي سندن ميمبرشپ معطل ڪئي ويندي.

بقايا 2 ذخيرا هٿ

آئل اينڊ گئس ڊولپمينٽ ڪمپني لميٽيڊ ڪي پي ڪي جي ضلعي ڪوهاٽ ۾ واقع ايڪسپلوريٽري کوهه براگزئي ايڪس ون (سلائٽ) مان تيل ۽ گئس جا اهم ذخيرا دريافت ڪيا آهن. نشپا بلاڪ ۾ ڄاڻايل کوهه ۾ او جي ڊي سي ايل آپريٽر طور 65 سيڪڙو ۽ پي پي ايل ۽ گورنمينٽ هولڊنگز ٽريبوار 30 ۽ 5 سيڪڙو حصيدار آهن. اها دريافت نشپا بلاڪ ۾ او جي ڊي سي ايل جي مسلسل محنت جو نتيجو آهي. براگزئي ايڪس ون کوهه جي کوٽائي 30 ڊسمبر 2024ع تي شروع ڪئي وئي هئي. ڪنگرياليءَ فارميشن تائين 5170 ميٽر جي مجموعي گهرائي تائين ڊرل ڪيو ويو. اوپن هول وائر لائين لاگ ڊيٽا جي ٽيڪنيڪي بنياد تي ڊٽا فارميشن ۾ ڪيسڊ هول ڊرل اسٽيم ٽيسٽ ڪيو ويو جنهن دوران 3880 پائونڊ في چورس انچ وهڪري دوران 32/64 انچ چوڪ ذريعي ڄاڻايل کوهه مان 4100 بيرل روزانو تيل ۽ 10.5 ملين ڪيوبڪ فيٽ روزانو گئس جي پيداوار حاصل ٿي آهي. نئين دريافت ملڪ ۾ مقامي سطح تي توانائي ۽ وسيلن ۾ اضافو ڪندي قومي توانائي جي طلب ۽ پهچ جي فرق کي گهٽائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي ۽ گڏوگڏ ٿي او جي ڊي سي ايل جي هائيڊروڪاربن ذخيرن کي وڌيڪ مضبوط ڪندي پاڪستان جي انرجي سيڪيورٽي هدفن کي حاصل ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي. او جي ڊي سي ايل ملڪ ۾ تيل ۽ گئس جا وڌيڪ ذخيرا ڳولڻ لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکندي پاڪستان جي مضبوط معيشت ۽ قابل اعتماد توانائي فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي. ٻئي طرف وزيراعظم محمد شهباز شريف قيمتي پرڏيهي ناڻو بچائڻ جي لاءِ تيل ۽ گئس جي نئين ذخيرن جي ڳولا کي حڪومتي ترجيحن ۾ شامل ڪرڻ ۽ تيل ۽ گئس سپلاءِ چين کي درآمد ٿيڻ کان وٺي صارفين جي استعمال تائين ڊيجيٽائيز ڪرڻ جي لاءِ فوري قدمن جي هدايت ڪئي آهي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ ڪالهه خميس ڏينهن پيٽروليم ڊويزن سان لاڳاپيل معاملن تي اهم اجلاس ٿيو جنهن ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار اقتصادي معاملن واري وفاقي وزير احد خان چيما، پيٽروليم واري وفاقي وزير علي پرويز ملڪ ۽ لاڳاپيل سرڪاري آفيسرن شرڪت ڪئي. اجلاس کي خطاب ڪندي وزيراعظم هدايت ڪئي ته تيل ۽ گئس سپلاءِ چين کي درآمد ٿيڻ کان وٺي صارفين جي استعمال تائين ترجيحي بنيادن تي ڊيجيٽائيز ڪيو وڃي. هن چيو ته تيل ۽ گئس جي پهچ جي سپلاءِ چين جي ڊيجيٽائيزيشن سان انهن مصنوعات جي اسمگلنگ جي روڪٿام ممڪن ٿيندي ۽ قومي ناڻي کي فائدو پهچندو. اجلاس کي پيٽروليم ۽ گئس شعبي جي روڊ ميپ جي حوالي سان بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته آئل اينڊ گئس ڊولپمينٽ ڪمپني (او جي ڊي سي ايل) ڪوهاٽ ضلعي ۾ ناشپا بلاڪ ۾ تيل ۽ گئس جا وڏا ذخيرا ڳولي لڌا آهن. وزيراعظم ناشپا بلاڪ ۾ تيل ۽ گئس جي وڏي ذخيرن جي ڳولا تي قوم کي مبارڪباد ڏني ۽ ان حوالي سان لاڳاپيل ادارن جي ڪم کي ساراهيو. وزيراعظم کي ٻڌايو ويو ته انهن ذخيرن مان ڏهاڙي 4100 بيرل تيل ڪڍي سگهبو. بريفنگ موجب هن سال سرديءَ جي موسم ۾ گهريلو صارفين کي گذريل سال جي ڀيٽ ۾ بهتر پريشر سان گئس مهيا ڪئي پئي وڃي. آر ايل اين جي جي ڪنيڪشنز تي تيزي سان ڪم جاري آهي ۽ جون 2026ع تائين 350000 ڪنيڪشنز جو هدف مڪمل ڪيو ويندو. بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته شيوا گئس فيلڊ ۽ بناني گئس فيلڊ جي لاءِ پائيپ لائينز کي ڪميشن ڪيو ويو آهي جڏهن ته ڪوٽ پالڪ گئس فيلڊ کان پائيپ لائين تي ڪم جاري آهي.

بقايا 3 تجويزون طلب

شهباز شريف معيشت سان لاڳاپيل سمورين وزارتن کان عملي قدمن ۽ گهٽ کان گهٽ وقت تي ٻڌل جامع حڪمت عملي جي لاءِ تجويزون طلب ڪري ورتيون آهن ۽ چيو آهي ته سيڙپڪارن جي آساني جي لاءِ ادارجاتي ۽ انتظامي سهولتن جي فراهمي حڪومت جي اولين ترجيح آهي. سيڙپڪاري ۾ اضافي جي لاءِ برآمدات جي شعبي جي اوسر جي تجويزن ۽ تجويز ڪيل ترقياتي منصوبن کي خصوصي اهميت ڏني وڃي. موثر معاشي سڌارن ۽ مجموعي معاشي ترقي جي لاءِ سمورين وزارتن جي گڏيل هم آهنگي ۽ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن جو گڏيل تعاون اهميت رکندڙ آهي. ڪالهه خميس ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب هن اهڙن خيالن جو اظهار نئين سال جي پهرين ڏينهن معيشت سان لاڳاپيل سمورين وزارتن ۾ جاري انتظامي ۽ معاشي سڌارن سيڙپڪاري ۾ اضافي ۽ تجويز ڪيل ترقياتي منصوبن تي اڳڀرائي بابت جائزه اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو. اجلاس ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير محمد اسحاق ڊار، منصوبابندي ۽ ترقي واري وفاقي وزير احسن اقبال، اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ، پيٽروليم واري وفاقي وزير علي پرويز ملڪ، اقتصادي معاملن واري وفاقي وزير احد خان چيما، وزيراعظم جي صلاحڪار رانا ثناءُ الله، وزيراعظم جي خاص معاون هارون اختر، سمورن صوبن جي چيف سيڪريٽريز، نيشنل ڪوآرڊينيٽر ايس آءِ ايف سي ۽ ٻين لاڳاپيل سرڪاري عملدارن شرڪت ڪئي. وزيراعظم معيشت سان لاڳاپيل سمورين وزارتن کان عملي قدمن ۽ گهٽ کان گهٽ وقت تي ٻڌل جامع حڪمت عملي ۽ سفارشون طلب ڪري ورتيون. ان موقعي تي مختلف وزارتن پاران وزيراعظم کي جاري ترقياتي منصوبن ۽ معاشي ادارجاتي انتظامي سڌارن تي جاري ڪم جي اڳڀرائي کان آگاهه ڪيو. وزيراعظم معاشي ترقي ۽ سڌارن جي تجويزن ۾ وزارتن جي وچ ۾ گڏيل هم آهنگي ۽ صوبن ۽ وفاقي ادارن جي گڏيل تعاون کي يقيني بڻائڻ جي پڻ هدايت ڪئي. وزيراعظم چيو ته حڪومت پاران پيش ڪيل اقتصادي سڌارن تي ٻڌل معاشي گورننس جي پاليسي تي سمورين وزارتن پاران موثر عملدرآمد لازمي آهي. وزيراعظم هدايت ڏني ته سمورين وزارتون پنهنجي شعبن سان لاڳاپيل ٻاهرين ۽ اندروني سيڙپڪاري ۽ ترقياتي منصوبن جي لاءِ سفارشون جلد کان جلد جوڙين. سيڙپڪارن جي آساني جي لاءِ ادارجاتي ۽ انتظامي سهولتون حڪومت جي اولين ترجيح آهي. وزيراعظم ٻاهرين ۽ ملڪي سيڙپڪارن کي وڌيڪ سهولتون ڏيڻ جي لاءِ سفارشون پڻ طلب ڪري ورتيون ۽ هدايت ڪئي ته سيڙپڪاري ۾ اضافي جي لاءِ برآمدات جي شعبي جي اوسر جي تجويزن ۽ تجويز ڪيل ترقياتي منصوبن کي خصوصي اهميت ڏني وڃي. هن چيو ته موثر معاشي سڌارن ۽ مجموعي معاشي ترقي جي لاءِ سمورين وزارتن جي گڏيل هم آهنگي ۽ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن جو گڏيل تعاون اهميت رکي ٿو. ٻاهرين سيڙپڪاري ۾ اضافي جي لاءِ لاڳاپيل وزارتون سڄي دنيا ۾ پاڪستاني سفارتخانن جي ذريعي ٻاهرين سيڙپڪارن جي سهولت جي لاءِ موثر تعاون ڪن. سيڙپڪاري جي لاءِ پاڪستاني سفارتخانن ۾ سيڙپڪارن جي لاءِ سهولتن ۽ ٻي اهم معلومات جي شروعاتي آگاهي کي يقيني بڻايو وڃي. وزيراعظم چيو ته وزارتون سيڙپڪاري ۾ اضافي جي لاءِ صنعتي پيداوار زراعت ۽ ٻين سمورن اهم شعبن تي ڌيان ڏين.

بقايا 4 مظاهرو

پهرئين ڏينهن غزا لاءِ نڪتل ريلي ۾ لکين ماڻهن شرڪت ڪئي. احتجاج ڪندڙن کي فلسطين ۽ ترڪي جا جهنڊا کنيل هئا ۽ انهن غزا پٽي ۾ تشدد جي خاتمي جو مطالبو ڪيو. پرڏيهي ميڊيا موجب سخت ٿڌ باوجود هزارين ماڻهو روڊن تي نڪتا ۽ چيو ته اسان چُپ نه ويهنداسين، اسان فلسطين کي نه وساريندا سين. ريلي ۾ 400 کان وڌيڪ سول سوسائٽي تنظيمن شرڪت ڪئي جن مان هڪ جي اڳواڻي ترڪ صدر رجب طيب اردگان جو ننڍو پٽ بلال اردگان ڪري رهيو هو. ترڪي جي پوليس ذريعن ۽ سرڪاري خبررسان ايجنسي موجب مارچ ۾ تقريبن 5 لک ماڻهن شرڪت ڪئي جتي تقريرون ٿيون ۽ لبنان ڄائي گلوڪار ماهر زين پنهنجو گانو "فري فلسطين" ڳايو.

بقايا 5 ڏک جو اظهار

زرداري سوئٽزرلينڊ جي شهر ڪرانس مونٽانا ۾ ڌماڪي ۽ باهه جي افسوسناڪ واقعي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. ڪالهه خميس ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب صدر آصف علي زرداري واقعي ۾ قيمتي جانين جي زيان تي متاثر خاندانن سان دلي تعزيت ڪئي. صدر زخمين جي جلد صحتيابي لاءِ دعا ڪندي چيو ته ڏک جي هن گهڙيءَ ۾ پاڪستان سوئٽزرلينڊ سان يڪجهتي جو اظهار ڪري ٿو.

بقايا 6 چڙهي ڏنو

۽ عالمي اوسر بنهي ۾ بهتر ڪارڪردگي ڏيکاري آهي. اها سروي 60 ملڪن ۾ ڪئي وئي ۽ ان جا انگ اکر پاڪستاني عوام جي اعليٰ اميد ۽ اعتماد جي عڪاسي ڪن ٿا. سروي موجب پاڪستان ۾ 51 سيڪڙو ماڻهو نئين سال جي حوالي سان پراميد آهن جڏهن ته ڀارت ۾ اها شرح صرف 39 سيڪڙو آهي. عالمي اوسر جي ڀيٽ ۾ اها 24 سيڪڙو ڪان به ڪافي بلند آهي. اقتصادي خوشحالي جي حوالي سان 53 سيڪڙو پاڪستاني 2026ع کي هڪ خوشحال سال سمجهن ٿا. امن جي حوالي سان به پاڪستان بهتر ڪارڪردگي ڏيکاري آهي. 52 سيڪڙو پاڪستانين جو خيال آهي ته دنيا ۾ امن وڌندو جڏهن ته ڀارت ۾ اها شرح صرف 26 سيڪڙو آهي. اها سطح پاڪستان ۾ 1994ع کانپوءِ رڪارڊ ڪئي وئي اميدن مان هڪ بلند ترين سطح آهي جيڪا 1990ع جي ڏهاڪي جي آخر ۽ 2010ع جي ڏهاڪي جي وچ واري ڏٺل رجحان جي برابر آهي. سروي موجب پاڪستان عالمي سطح تي ٽن اهم پئمانن مجموعي اميد، اقتصادي خوشحالي ۽ امن جي اميد ۾ اوسر کان بهتر ڪارڪردگي ڏيکاري آهي ۽ ان مان ٻن پئمانن ۾ ڀارت کان برتري حاصل ڪئي آهي. گلوبل اڪنامڪ گيلپ سروي موجب پاڪستاني عوام غير يقيني عالمي ماحول باوجود 2026ع جي حوالي سان پراعتماد ۽ پراميد آهي ۽ اها سروي معاشي ترقي ۽ عالمي امن جي باري ۾ پاڪستان جو مثبت تصور پيش ڪري ٿي.

بقايا 7 شرجيل ميمڻ

حڪومت سڄي صوبي ۾ جاري ۽ نون ترقياتي رٿائن کي وقت سر مڪمل ڪرڻ کي يقيني بڻائڻ لاءِ جامع حڪمت عملي جوڙي ورتي آهي. هڪ بيان ۾ هن چيو ته سنڌ حڪومت جو ڌيان عوامي مسئلن جي جٽادار حل بنيادي ڍانچي جي بهتري ۽ شهري ۽ ٻهراڙي وارن علائقن جي وچ ۾ ترقياتي فرق کي گهٽائڻ آهي. سال 2026 ۾ ساليانو ترقياتي پروگرام (اي ڊي پي) تحت روڊن، پلن، ٽرانسپورٽ، صحت، تعليم، پاڻي ۽ گندي پاڻي جي نيڪال جا ڪيترائي منصوبا عملي شڪل اختيار ڪندا. سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڪراچي سميت سڄي سنڌ جي وڏن شهرن ۾ انفرا اسٽرڪچر جي بهتري حڪومت جي پهرين اولين آهي. شهر ۾ روڊن جي بحالي، پلن ۽ انڊر پاسز جي اڏاوت، ٽريفڪ جي دٻاءُ کي گهٽائڻ لاءِ نوان روٽ ۽ پبلڪ ٽرانسپورٽ جا منصوبا تيزي سان مڪمل ڪيا پيا وڃن. سنڌ حڪومت جي رٿائن سان شهرين کي سفر ۾ سهولت ملندي ۽ وقت جي بچت ٿيندي. سندس چوڻ هو ته سنڌ حڪومت عوامي ٽرانسپورٽ جي نظام کي جديد بڻائي رهي آهي. ڊبل ڊيڪر اي وي بسون ۽ ٻيون بس سروس عورتن جي محفوظ سفري سهولتون ۽ ماحول دوست ٽرانسپورٽ سنڌ حڪومت جي ڪاوشن جو حصو آهي. سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته تعليم ۽ صحت جي شعبي ۾ به وڏي پيماني تي سيڙپڪاري ڪئي پئي وڃي. سال 2026 جي رٿائن ۾ اسڪولن جي اپ گريڊيشن، نيون طبي سهولتون قائم ڪرڻ عملي ۾ واڌارو حڪومت جي اوليتن ۾ شامل آهي. هن چيو ته پاڻي جي کوٽ، گندي پاڻي جي نيڪال جي مسئلن جي حل لاءِ به ڪيترائي منصوبا 2026 ۾ مڪمل ٿيڻ وڃي رهيا آهن. واهن جي بهتري، ڊرينيج سسٽم جي اپگريڊيشن ۽ ماحولياتي تبديلين کي منهن ڏيڻ جي لاءِ قدم حڪومت جي ڊگهي مدي واري وزن جو حصو آهي. شرجيل انعام ميمڻ وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت ترقياتي رٿائن ۾ شفافيت، رفتار ۽ معيار کي يقيني بڻائي رهي آهي. اسان چاهيون ٿا ته عوام کي رڳو واعدا نه پر عملي نتيجا نظر اچن. 2026 ۾ سنڌ جا شهري انقلابي تبديلي محسوس ڪن. سنڌ حڪومت عوامي فلاح جي ايجنڊا تي ثابت قدم آهي ترقي جو هي سفر ايندڙ ورهين ۾ به ڀرپور طريقي سان جاري رهندو.

بقايا 8 سيڪيورٽي سخت

تندوالهيار ريجهو تيل موري تي بختاور ڀٽو زرداري هائوس تي پهتو ۽ صدر پاڪستان آصف علي زرداري جي تندوالهيار آمد وقت سيڪيورٽي جا انتظام انتهائي سخت ڪيا ويا هئا جڏهن ته اهم ويجهن ذريعن موجب آصف علي زرداري ڪجهه ڏينهن بختاور ڀٽو زرداري هائوس تي قيام ڪندو اڄ ٻي ڏينهن تي صدر پاڪستان سهيل انور سيال ۽ سيد ذوالفقار علي شاهه سان ملاقات پڻ ڪئي جڏهن ته صدر پاڪستان جا پ پ جي ٻين اهم اڳواڻن سان ملاقات پڻ متوقع آهن ان کان علاوه صدر پاڪستان آصف علي زرداري جي نجي دوري تي بختاور هائوس پهچڻ تي پيپلز پارٽي تعلقه چمبڙ جي صدر محمد رمضان مري سوين پي پي ورڪرن سان گڏ سندس استقبال ڪيو ۽ گلن جي ورکا پڻ ڪئي

بقايا 9 پيش

جنرل آف پوليس سنڌ جي عهدي جو چارج سنڀالي ورتو آهي. جاويد عالم اوڍو سنڌ پوليس جي 86هين آءِ جي آهن. سي پي او ڪراچي پهچڻ تي سنڌ پوليس جي چاق ۽ چوبند دستي طرفان آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو کي گارڊ آف آنر پيش ڪيو ويو. ان موقعي تي آءِ جي سنڌ پوليس جي شهيدن جي يادگار تي حاضري ڏني، گلن جي چادر چاڙهي فاتحه خواني ڪئي ۽ شهيدن جي عظيم قربانين کي خراج عقيدت پيش ڪيو. جاويد عالم اوڍو شهيدن جي بلند درجن لاءِ دعا پڻ ڪئي ۽ چيو ته سنڌ پوليس جي شهيدن جون قربانيون هميشه ياد رکيون وينديون. بعد ۾ آءِ جي سنڌ سي پي او ڪراچي ۾ اعليٰ پوليس آفيسرن سان ملاقات ڪئي جنهن جي مجموعي امن امان جي صورتحال، پوليس جي ڪارڪردگي ۽ انتظامي معاملن بابت بريفنگ ڏني وئي. آءِ جي سنڌ چيو ته سنڌ پوليس کي وڌيڪ پروفيشنل، جوابده ۽ عوام دوست بڻائڻ لاءِ سڀني وسيلن کي بروءِ ڪار آندو ويندو.

بقايا 10 چيف جسٽس آف پاڪستان

پاڪستاني قوم عدليه جي ميمبرن، قانوني برادري ۽ انصاف جي گهرجائو سمورن ماڻهن کي دلي مبارڪون ڏنيون ۽ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو. هن چيو ته آئين عدالت کي اها اهم ذميواري سونپي ٿو ته انصاف نه رڳو ڪيو وڃي پر ٿيندي به نظر اچي. اها ذميواري ان وقت وڌيڪ اهميت اختيار ڪري ويندي آهي جڏهن عام شهري اميد، اعتماد ۽ ڪجهه وقت بي وسي جي عالم ۾ عدالتن جو رخ ڪندا آهن. مرڪزي انصاف جي نظام تي زور ڏيندي چيف جسٽس چيو ته نئون سال غور ۽ فڪر سڌارن ۽ ان عزم جي تجديد جو گهرجائو آهي ته عدالتي عمل ۾ شهرين کي مرڪزيت ڏني وڃي. هن واضح ڪيو ته انصاف رڳو اصولي نه پر عملي طور تي پهچ جوڳو هجڻ گهرجي، طريقيڪار باوقار ۽ عورتن، ٻارن، معاشري جي محروم طبقن ۽ ڏورانهن ۽ پٺتي پيل علائقن ۾ رهندڙ ماڻهن جي ضرورتن سان هم آهنگ هجڻ گهرجي. هن چيو ته نئين سال ۾ عدليه اهڙن بامعنيٰ سڌارن وارن قدمن تي ڪم ڪندي جن جو مقصد انصاف تائين پهچ کي بهتر بڻائڻ، ڪيسن ۾ دير کي گهٽ ڪرڻ، شفافيت کي مضبوط بڻائڻ ۽ عدالتي ڪارڪردگي ۾ بهتري لاءِ ٽيڪنالاجي جو ذميوارانه استعمال آهي. چيف جسٽس چيو ته انهن سڌارن جو محور اهي نتيجا هوندا جيڪي عوام لاءِ سڀني کان وڌيڪ اهم آهن. ان ۾ وقت سر فيصلا، قابل فهم طريقيڪار ۽ اهڙيون عدالتون شامل آهن جيڪي عوام دوست ۽ انساني همدردي تي ٻڌل هجن. اداري تي اعتماد جو اظهار ڪندي جسٽس يحيٰ آفريدي چيو ته اجتماعي عزم، پيشيوراڻي مهارت ۽ ديانتداري ذريعي عوامي اعتماد کي وڌيڪ مستحڪم ۽ آئين ۾ داخل اعليٰ قدرن کي پاسداري جاري رکندي. هن ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته عدليه هر شهري جي خدمت انصاف، خودمختياري ۽ همدردي سان ڪندي رهندي. هن اميد ظاهر ڪئي ته نئون سال قانون جي حڪمراني تي عوام جي اعتماد ۾ اضافي ۽ اهڙي انصاف واري نظام جو موجب بڻجندو جيڪو هر ماڻهو تائين پهچي سگهي.

بقايا 11 ڏي وٺ

معاهدي تحت عمل ۾ آئي. ڪالهه خميس ڏينهن پرڏيهي وزارت پاران جاري بيان موجب ٻنهي ملڪن هڪ ٻئي جي ائٽمي ٺڪاڻن ۽ سهولتن جي فهرست اسلام آباد ۾ قائم ڀارتي هاءِ ڪميشن جي هڪ نمائندي جي حوالي ڪئي وئي جڏهن ته انهي وقت ڀارتي پرڏيهي وزارت ڀارت جي ائٽمي ٺڪاڻن ۽ سهولتن جي فهرست نئين دهلي ۾ قائم پاڪستان هاءِ ڪميشن جي نمائندي کي فراهم ڪئي. بيان موجب اهو معاهدو پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ ۾ ائٽمي ٺڪاڻن ۽ سهولتن تي حملن جي منع بابت معاهدي تحت عمل ۾ آئي جنهن موجب ٻئي ملڪ هر سال پهرين جنوري تي معاهدي جي دائري ۾ ايندڙ پنهنجي ائٽمي ٺڪاڻن ۽ سهولتن بابت هڪ ٻئي کي آگاهه ڪرڻ جا پابند آهن. اهو معاهدو 31 ڊسمبر 1988ع تي طئي ٿيو هو ۽ 27 جنوري 1991ع تي لاڳو ٿيو جڏهن ته ٻئي ملڪ پهرين جنوري 1992ع کان باقاعدگي سان انهن فهرستن جي مٽاسٽا ڪري رهيا آهن

بقايا 12 هدايت

جاويد عالم اوڍو سان ملاقات ڪئي ۽ صوبائي پوليس فورس جو چارج سنڀالڻ تي کيس نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو. سروسز اينڊ جنرل ايڊمنسٽريشن ڊپارٽمينٽ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي منظوري سان اڄ پهرين جنوري 2026 تي جاويد عالم اوڍو جي مقرري جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو. الله بخش المعروف جاويد عالم اوڍو 1994 ۾ پوليس سروس آف پاڪستان ۾ شامل ٿيو هو صوبي جي سٺن ضلعن ۾ ايس ايس پي/ڊي پي او طور خدمتون سرانجام ڏئي چڪو آهي ۽ پوليس ٽريننگ ڪاليج سعيد آباد، ڪراچي جو پرنسپل پڻ رهيو آهي. کيس 2012 ۾ ڊي آءِ جي جي عهدي تي ترقي ڏني وئي ۽ هن سکر لاڙڪاڻو، ميرپورخاص، حيدرآباد، ويسٽ سائوٿ سميت مختلف زونن ۾ خدمتون سرانجام ڏنيون. 2021 ۾ کيس ايڊيشنل انسپيڪٽر جنرل (ايڊيشنل آءِ جي)، بي پي ايس-21 ۾ ترقي ملي ۽ هو ٻه ڀيرا ايڊيشنل آءِ جي پوليس ڪراچي طور به خدمتون انجام ڏئي چڪو آهي. جاويد اوڍو ٻين صوبن ۾ به مختلف ذميواريون نڀايون آهن ۽ گڏيل قومن جي مشن ڪوسوو ۾ پڻ شرڪت ڪئي آهي. هو هڪ سنجيده ۽ سٺي شهرت رکندڙ آفيسر طور سڃاتو وڃي ٿو. ملاقات دوران وڏي وزير مراد علي شاهه پوليس قيادت کي ڪراچي ۾ اسٽريٽ ڪرائم جي خاتمي لاءِ ڪوششون وڌيڪ تيز ڪرڻ جي هدايت ڪئي ۽ چيو ته هي مسئلو سڌي طرح عوام جي اعتماد ۽ شهرين جي تحفظ جي احساس تي اثرانداز ٿئي ٿو. وڏي وزير نئين آءِ جي پوليس کي صوبي ۾ امن امان جي بحالي کي اولين ترجيح ڏيڻ جي هدايت ڪئي. هن زور ڏنو ته ڪچي وارن علائقن ۾ ڌاڙيل عنصرن خلاف آپريشن مڪمل طاقت سان ۽ بنا ڪنهن رڪاوٽ جي جاري رهڻ گهرجي. سنڌ پوليس جي عوام دوست ساک بحال ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏيندي وڏي وزير سروس ڊليوري بهتر بڻائڻ ۽ پوليس ۽ عوام جي وچ ۾ اعتماد مضبوط ڪرڻ لاءِ ٺوس قدمن جي هدايت ڪئي. هن پوليس فورس کي جديد بڻائڻ (ماڊرنائيزيشن) واري مشن کي ڀرپور انداز ۾ اڳتي وڌائڻ تي پڻ زور ڏنو. مراد علي شاهه سيف سٽي پروجيڪٽ کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ لاءِ نگراني جي نظام، ٽيڪنالاجي جي بهتر انضمام ۽ آپريشنل ڪارڪردگي ۾ بهتري جي اهميت تي زور ڏنو. هن صوبي ۾ منشيات جي استعمال ۽ اسمگلنگ جي روڪٿام لاءِ منشيات خلاف جاري ڪارروائين کي وڌيڪ تيز ڪرڻ جي به هدايت ڪئي. وڏي وزير چيو ته سنڌ حڪومت پوليس فورس جي بهتري لاءِ جامع قدم کڻي رهي آهي پر پوليس کي به عملي ۽ نمايان نتيجا ڏيکارڻا پوندا. هن نئين آءِ جي پوليس تي زور ڏنو ته قانون لاڳو ڪرڻ ۽ ڏوهن تي ضابطو آڻڻ ۾ واضح بهتري يقيني بڻائي وڃي. آءِ جي پوليس جاويد عالم اوڍو وڏي وزير جو شڪريو ادا ڪيو ۽ حڪومت جي هدايتن تي مڪمل عملدرآمد ۽ سنڌ ۾ امن امان مضبوط ڪرڻ لاءِ ڀرپور عزم جو اظهار ڪيو.

بقايا 13 مقرر

اسيمبليءَ جي ايڊيشنل سيڪريٽري (انتظامي معاملا) سعيد احمد ميتلو کي وقتي سيڪريٽري قومي اسيمبلي جي عهدي تي مقرريءَ جي منظوري ڏئي ڇڏي. قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ سعيد احمد ميتلو جو وقتي سيڪريٽري جي مقرريءَ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو. قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ موجب سعيد احمد ميتلو وقتي سيڪريٽري قومي اسيمبلي طور پنهنجا فرض سرانجام ڏيندو. سعيد احمد ميتلو وقتي سيڪريٽري قومي اسيمبلي طور پنهنجون ذميداريون سنڀالي ورتيون. واضح رهي ته هي مقرري اڳوڻي سيڪريٽري طاهر حسين جي ريٽائرمينٽ ڪانپوءِ عمل ۾ آندي وئي.

بقايا 14 وزيراعظم

شهباز شريف نيو ايئر نائيٽ تي سوئٽزرلينڊ جي سڪي ريزارٽ ۾ باهه لڳڻ جي واقعي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. ڪالهه خميس ڏينهن سماجي رابطي جي ويب سائيٽ ايڪس تي هڪ پوسٽ ۾ وزيراعظم چيو ته اسان نيو ايئر نائٽ تي سوئٽزرلينڊ جي هڪ سڪي ريزارٽ ۾ پيش ايندڙ باهه جي افسوسناڪ واقعي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪريون ٿا. وزيراعظم متاثرين سان همدرديءَ جو اظهار ڪيو ۽ زخمين جي جلد صحتيابي لاءِ دعا ڪئي. هن چيو ته هن مشڪل گهڙيءَ ۾ اسان سوئس حڪومت ۽ سوئٽزرلينڊ جي عوام سان يڪجهتي جو اظهار ڪريون ٿا.

بقايا 15 سنڀالي ورتي

پيرو شنگهائي تعاون تنظيم (ايس سي او) جي چيئرمين شپ سنڀالي ورتي. پرڏيهي ميڊيا مطابق ان موقعي تي ڪرغزستان جي صدر هڪ بيان ۾ چيو ته پنهنجي چيئرمين شپ دوران ڪرغزستان تنظيم جي مالياتي نظام کي تيار ڪرڻ ۽ ان جي بنيادي ڍانچي کي بهتر بڻائڻ تي ڌيان ڏيندو. هن چيو ته سندس طرفان تنظيم جي صدارت ايس سي او جا 25 سال "گڏجي پائيدار امن، ترقي ۽ خوشحالي ڏانهن" جي عنوان سان ڪئي ويندي ۽ سندس ترجيح اقتصادي سهڪار جي صلاحيت حاصل ڪرڻ سان گڏو گڏ سيڙپڪاري فنڊ ۽ علائقائي اقتصادي جي ضمن ٺيڻ جي قدمن تي هوندي. هن چيو ته ايس سي او جي ميمبر ملڪن کي درپيش سيڪيورٽي خطرن ۽ چيلينجن جي مقابلي لاءِ به قدم کنيا ويندا جن ۾ دهشتگردي، عليحدگي پسندي ۽ انتهاپسندي جو مقابلو خاص طور تي ذڪر جوڳا آهن.

بقايا 16 بلاول ڀٽو

ڪئي آهي. بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته سال 2026 ملڪ ۾ مفاهمت، سياسي استحڪام ۽ قومي اعتماد جي نئين باب جي شروعات ثابت ٿيندو. هن چيو ته سال 2025 آزمائشن سان ڀريل هو پر ان قوم جي اتحاد، همت ۽ حوصلي کي هڪ ڀيرو ٻيهر ثابت ڪري ڇڏيو. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته مئي مهيني دوران پاڪ ڀارت جنگ جي صورتحال ۾ پاڪستاني فوج دشمن کي عبرتناڪ شڪست ڏني. قومي خودمختياري جو ڀرپور دفاع ڪيو جنهن تي سموري قوم کي فخر آهي. هن چيو ته هٿياربند فوجن جي ان ڪاميابي سان نه رڳو ملڪ جي سرحدن جو تحفظ ممڪن بڻيو پر عوام ۽ سرحدن جي محافظن وچ ۾ اعتماد جو رشتو وڌيڪ مضبوط ٿيو. پيپلز پارٽي جي چيئرمين چيو ته نئون سال مڪالمي، مفاهمت ۽ گذريل زخمن جي مداوا لاءِ وقف ٿيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته سياسي استحڪام ئي معاشي بحالي، ترقي ۽ عوامي ڀلائي جي بنياد هوندو آهي. هن چيو ته قومون تڏهن اڳتي وڌن ٿيون جڏهن اختلافن کي جمهوري ادارن ۽ آئين جي دائري ۾ حل ڪيو وڃي. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ملڪ ۾ جمهوريت، آئين جي بالادستي ۽ سماجي انصاف جي حوالي سان پاڪستان پيپلز پارٽي اڄ به غيرمتزلزل عزم سان بيٺل آهي. هن چيو ته پيپلز پارٽي قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي وزن تي اڄ به ڪاربند آهي جيڪو عوامي اختيار، انساني وقار ۽ برابري تي ٻڌل آهي. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته کيس پورو يقين آهي ته اتحاد ۽ اجتماعي عزم جي ذريعي پاڪستان هن سال هڪ پرامن، خوشحال ۽ ترقي يافته مستقبل ڏانهن تيزي سان اڳتي وڌندو.

بقايا 17 گهرو وزير

تفصيلي خيال جي ڏي وٺ ڪئي. ملاقات ۾ ڏوهن جي روڪٿام، اسٽريٽ ڪرائم ۽ منظم ڏوهن خلاف جاري آپريشن ۽ مستقبل جي اثرائتي حڪمت عملي تي پڻ غور ڪيو ويو. سنڌ جي گهرو وزير جي ترجمان موجب، ملاقات دوران ڪچي وارن علائقن ۾ امن قائم ڪرڻ، ڌاڙيلن جي خاتمي ۽ رياستي رٽ کي مڪمل طور بحال ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت جي جامع حڪمت عملي جو جائزو ورتو ويو. ان موقعي تي سنڌ جي گهرو وزير چٽي لفظن ۾ چيو ته ڏوهن ۾ ملوث عنصرن کي ڪنهن به صورت ۾ کليل رهڻ جي اجازت نه ڏني ويندي ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا مڪمل اختيارن سان بي خوف ۽ بغير دٻاءُ جي ڪارروايون جاري رکندا. ضياءُ الحسن لنجار چيو ته زيرو ٽالرنس پاليسي ڏوهن خلاف هڪ اثرائتو هٿيار ثابت ٿي آهي، جيڪا ڌاڙيلن ۽ ٻين ڏوهن ۾ ملوث عنصرن لاءِ خوف جي علامت بڻجي چڪي آهي. هن ان عزم کي ورجايو ته عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ، امن جو قيام ۽ پوري صوبي ۾ بغير ڪنهن فرق جي قانون جي عملداري سنڌ حڪومت جي اولين ترجيح آهي ۽ ڏوهن جي مڪمل خاتمي تائين ڪارروايون جاري رهنديون. ملاقات دوران آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو سنڌ جي گهرو وزير کي يقين ڏياريندي چيو ته پوليس حڪومتي پاليسي ۽ گهرو وزير جي وزن موجب ڪم ڪندي. هن چيو ته ڪراچي سميت پوري صوبي مان ڏوهن جو خاتمو پوليس جي اولين ترجيح آهي ۽ ان مقصد لاءِ سڀ موجود وسيلا استعمال ڪيا ويندا. ملاقات جي پڄاڻيءَ تي ٻنهي ڌرين پاران صوبي ۾ پائيدار امن جي قيام، ڏوهن خلاف مربوط ۽ اثرائتي حڪمت عملي جي تسلسل ۽ عوام جي تحفظ لاءِ گڏيل تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي عزم جو اظهار ڪيو ويو.

بقايا 18 پاڪستاني سفير

لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ٿيندا. هن نئين سال جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته هو پاڪستاني عوام، آمريڪين ۽ پوري آمريڪي قوم کي نئين سال جون واڌايون ڏئي ٿو. هن ان اميد جو اظهار ڪيو ته ٻنهي طرفن لاڳاپن ۾ وڌيڪ اڳڀرائي ٿيندي. پاڪستاني سفير چيو ته 2025ع پاڪستان ۽ آمريڪا لاڳاپن لاءِ هڪ انقلابي سال ثابت ٿيو. اسان تقريبن 8 ڏهاڪن تي ٻڌل ٻه طرفن لاڳاپن ۾ مثبت رفتار کي نه صرف ڏٺو پر عملي طور محسوس پڻ ڪيو. هن چيو ته ٻئي ملڪ دهشتگرديءَ جي خاتمي، صحت ۽ تعليم جي شعبن ۾ تعاون جاري رکندا. جڏهن ته ان سان گڏوگڏ اهڙن ٺوس شعبن جي نشاندهي به ڪئي جن ذريعي پراڻن لاڳاپن کي اسٽريٽجڪ ۽ ڊگهي مدي جي حصيداريءَ ۾ بدلي سگهجي جنهن جو بنياد مضبوط اقتصادي رابطن تي هجي. پاڪستاني سفير چيو ته اسان آءِ ٽي، معدني وسيلن، توانائي، مهمان نوازي، سياحت ۽ ٻين شعبن کي گڏيل مفادن تي ٻڌل تعاون جي ٺوس موقعن تي سڃاتو آهي، جيڪي وقت جي ڪسوٽي تي پورا لهڻ گهرجن. هن ٻڌايو ته 2025ع دوران ٻنهي ملڪن جي قيادتن وچ ۾ ڪيترين ئي ملاقاتون ٿيون. سفير چيو ته پاڪستان ۽ آمريڪا وچ ۾ عوامي سطح تي رابطن کي هٿي ڏيڻ ۽ پائيدار واپاري لاڳاپن جي ضرورت آهي. پاڪستاني سفير چيو ته جيتوڻيڪ اسان 2025ع ۾ تعاون جي ٺوس شعبن ۽ موقعن جي ڳولا ڪئي ۽ سال جي پڄاڻيءَ تي انهن جي ڪاميابين جو جشن ملهائي رهيا آهيون پر هاڻ ضروري آهي ته انهن خيالن کي عملي قدمن ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ سنجيده غور ويچار ۽ رٿابنديءَ سان ڪئي وڃي.

بقايا 19 دعوي

نقصان ڪٿيو پيو آهي، جنهن ۾ 5 لک 10 هزار کان وڌيڪ يوڪرين جا فوجي مارجي يا زخمي ٿيا. پرڏيهي ميڊيا مطابق روس جي دفاع واري وزارت ۽ روس جي هٿياربند فوج جي جنرل اسٽاف جي انگن اکرن مان ظاهر ٿئي ٿو ته سال 2025ع دوران روس جي فوج يوڪرين جي فوجي سامان کي به شديد نقصان پهچايو جنهن ۾ سندن 19 جنگي جهاز 50 کان وڌيڪ ميزائل سسٽم 67000 کان وڌيڪ ڊرونز ۽ 6500 کان وڌيڪ ٽينڪون ۽ بڪتر بند گاڏيون تباهه ٿيون. پرڏيهي ميڊيا مطابق اهي انگ اکر روس جي دفاعي ذريعن تي ٻڌل آهن ۽ يوڪرين طرفان ان جي تصديق ناهي ٿي.

THE UNIVERSITY OF MIRPURKHAS

NOTICE INVITING TENDER

No. NIT/UMPK/REG/2025/08

The University of Mirpurkhas invites electronic bids from the original manufacturer/authorized distributer/supplier/-contractor/service providers register with income tax and sales tax department having vast experience in respective fields for the following items on **"Single Stage Two Envelope basis"**.

S.No	Items
1	Supply, Installation, Configuration and Commissioning of Senate Hall Equipment
2	Supply, Installation, Configuration and Commissioning of Senate Hall Furniture
3	Supply, Installation, Configuration and Commissioning of Computer Lab Equipment
4	Supply, Installation, Configuration and Commissioning of Computer Lab Furniture

E-Bidding documents as per regulations, containing detailed terms and conditions, specifications, and requirements, are available on any working day from **Jnauary 02, 2026 to January 16, 2026**, for the registered bidders on EPADS at https://portalsindh.eprocure.gov.pk and the official website of the University. Interested bidders should submit a non-refundable fee of Rs. 3000 and a bid security of 3% of the estimated cost (refundable) in the shape of a bank draft/pay order in the name of The University of Mirpurkhas. Both must reach the Procurement Officer, The University of Mirpurkhas, before the dead line. The electronic bids must be submitted by using EPADS on or before **January 16, 2026, up to 01:00pm**. Manual bids shall not be accepted, Electronic bids will be opened on the same day at 01:30pm. The financial proposals of only technically eligible firms will be accepted/opened. The procurement agency reserves the right to reject any or all bids subject to relevant provisions of SPPRA Rules 2010 and may cancel the bidding process at any time prior to the acceptance of a bid or proposal under Rule-25 of said rules and as per PPRA Rules.

PLEASE SEND YOUR QUERIES: procurement.officer@umpk.edu.pk

ADDRESS FOR SUBMISSION:
Procurement Officer
The University of Mirpurkhas
Adjacent Shah Abdul Latif Degree College Mirpurkhas, Sindh
Phone No: (0233) 920249 Website: http://umpk.edu.pk

PID(H) 256/2025

آفيس آف دي ڊپٽي ڪمشنر ميرپورخاص

ڪليل ڪچهري

ضلعو ميرپورخاص ۾ پيٽروليم ۽ گيس مصنوعات جي ڳولا ڪرڻ واري ڪمپني يونائيٽڊ انرجي پاڪستان (UEP) جي طرفان ضلعي ميرپورخاص کي سوشل ويلفيئر فنڊ جي مد ۾ ڏنل رقم سان سماجي ڀلائي جي ڪم جي منصوبہ بندي ڪئي وئي آهي، ان سلسلي ۾ عوام الناس کي اطلاع ڏو ڪجي ٿو تہ ميرپورخاص ۾ سوشل ويلفيئر فنڊ سان مڪمل ٿيڻ واري ترقياتي اسڪيمون ۽ نئين اسڪيمن جي متعلق تجويزون، اعتراضن جي حوالي سان تاريخ 27-01-2026 صبح 11:00 وڳي ڊپٽي ڪمشنر آفيس ميرپورخاص ۾ ڪليل ڪچهري جو انعقاد ڪيو ويو آهي.

مڪمل ٿيڻ واري بنيادي ترقياتي اسڪيمون هيٺ ڄاڻايل آهن:

1. سول اسپتال ميرپورخاص ۾ هوميوڊائلاسز سينٽر جي تعمير لاڳت: (M) 15.918
2. رورل هيلٿ سينٽر (آر ايڇ سي) ميرواهه گورچاڻي تعلقو شجاع آباد، ميرپورخاص ۾ ايڪسري پلانٽ جي فراهمي لاڳت (M) 4.392
3. تعلقو اسپتال ڪوٽ غلام محمد ۾ هوميوڊائلاسز مشين جي فراهمي لاڳت (M) 1.4342
4. 34 سرڪاري اسڪولن ۾ مرمت ۽ بنيادي سهولتن جي فراهمي لاڳت: (M) 54.900
5. تعلقو ڪوٽ غلام محمد خوشحال خان ڳوٺ ۾ پاڻي جي فراهمي لاڳت (M) 0.800
6. تعلقو ڪوٽ غلام محمد ميڊيڪل ڊسپينسري جي مرمت جي فراهمي لاڳت: (M) 3.00
7. نئين اسڪيمن جي لاءِ دستياب رقم (M) 106.043

عوام الناس کان اپيل آهي تہ ان ڪليل ڪچهري ۾ شموليت ڪري بنيادي ترقياتي اسڪيمن تي پنهنجون تجويزون ڏين تہ جيئن فنڊز جو بهتر استعمال ٿي سگهي ۽ عوام جي فلاح و بهبود تي خرچ ٿي سگهي. عوام الناس سان درخواست آهي تہ اهي سادي ڪاغذ تي پنهنجي شناختي ڪارڊ جي فوٽو ڪاپي سان گڏ ترقياتي اسڪيمن تي تجويزون ڏين.

اسڪيمون بنيادي صحت، پاڻي جي فراهمي، گندي پاڻي جي نيڪال ۽ تعليم سان لاڳاپيل هجن.

پاران ڊپٽي ڪمشنر/سيڪريٽري ضلع سوشل ويلفيئر ميرپورخاص

وڌيڪ معلومات جي لاءِ ڊپٽي ڪمشنر آفيس جي هيٺ ڄاڻايل فون نمبرن تي رابطو ڪريو:
فون نمبر: 0233-9290069، 0233-9290071، فيڪس: 0233-9290254

INF/KRY No.08/2026

i WORK FOR SINDH JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT
www.iwork4sindh.com

پراونشل ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي (PDMA)

محڪمہ بحالي، حڪومت سنڌ

پلاٽ نمبر. 26-سي، مين خيابان جامي، ڊي ايڇ اي فيز-VII ڪراچي
فون نمبر: 021-35314219 فيڪس: 021-35318192

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

1. پراونشل ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي (PDMA) سنڌ محڪمہ بحالي، حڪومت سنڌ ڪراچي کي سيڪيورٽي خدمتن جي حصول لاءِ اهل واڪ ڏيندڙن کان سمورا قابل اطلاق ڊيوٽيون ۽ ٽيڪسن جيئن تہ انڪم ٽيڪس ۽ سنڌ سيلز ٽيڪس سميت PAK-E اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (EPADS) جي ذريعي اِي واڪ گهربل آهن. واڪ ڏيندڙ فرمن کي فيڊرل بورڊ آف روينيو (FBR) ۽ سنڌ روينيو بورڊ (SRB) سان گڏ رجسٽرڊ فعال ٽيڪس ڏيندڙ هئڻ گهرجن ۽ انهن وٽ سيڪيورٽي ايجنسي جي طور تي ڪم ڪرڻ جي لاءِ هڪ درست لائسنس/ اين او سي بہ هجي هي خريداري سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 (جيئن تہ وقت بوقت ترميم ڪئي وڃي ٿي) جي مطابق پي ڊي ايم اي سنڌ جي احاطي ۾ مالي سال 2025-26 (قابل توسيع) جي لاءِ حفاظتي خدمتون فراهم ڪرڻ جي لاءِ آهي.
2. سمورن واڪ صرف EPADS جي ذريعي اليڪٽرانڪ صورت ۾ جمع ڪرائيون وڃن. دستي واڪ قابل قبول نہ هوندا. دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙ هيٺ ڄاڻايل لنڪ پر EPADS ۾ رجسٽريشن ڪرائين. https:// sindh.eprocure.gov.pk/#/supplier/registration

سيريل نمبر	آسامي جو نالو	تفصيل
01	مالي سال 2025-26 (قابل توسيع) جي لاءِ سيڪيورٽي سروسز جي فراهمي	تقريبن پنجاهہ (50) هٿياربند سيڪيورٽي اهلڪار گهربل آهن جيڪي PDMA هيڊ ڪوارٽر ڪراچي، PDMA گودام ماڙيپور روڊ ڪراچي، PDMA گودام جامشورو ۽ PDMA گودام سکر ۾ مقرر ڪيا ويندا. اهلڪارن جي تعداد ضرورت جي مطابق گهٽ يا وڌ ڪري سگهجي ٿي.

3. سابق فوجي اهلڪار نيم خودڪار هٿيارن (بشمول رائفلز ۽ پستول) کان ليس هجن. واڪ لڳائڻ وارين فرمن کي سيڪيورٽيز اينڊ ايڪسچينج ڪميشن آف پاڪستان (SECP) ۾ رجسٽرڊ هئڻ ضروري آهي يا رجسٽرار آف فرمز وٽ وزارت داخلا/ محڪمہ داخلا جو هڪ درست NOC هجي جنهن وٽ پاڪستان ٽيلي ڪميونيڪيشن اٿارٽي (PTA) جي طرفان جاري ڪيل هڪ درست وائرليس لائسنس هجي ۽ آل پاڪستان سيڪيورٽي ايجنسيز ايسوسيئشن (APSAA) سان گڏ فعال رڪنيت هجي. فرمن کي سيڪيورٽي گارڊز جي مناسب تربيت ۽ موبائل ريسپانس يونٽس جي دستيابي ۽ مرڪزي ڪنٽرول روم جي قيام کي بہ يقيني بڻائڻو هوندو.
4. دلچسپي رکندڙ اهل واڪ ڏيندڙ سيڪيورٽي سروسز فرم جي حصي جي لاءِ شرط ۽ ضابطن سان گڏ پي ڊي ايم اي جي ويب سائيٽ: (www.pdma.gos.pk) يا SPPRA/EPADS پورٽل (https:// portalsindh.eprocure.gov.pk/#/) کان تفصيلي واڪ دستاويزات اين آءِ ٽي جي اشاعت کان 19 جنوري 2026 منجهند 3 وڳي تائين ڊائون لوڊ ڪري سگهن ٿا. نالي پراونشل ڊزاسٽر مئنيجمينٽ فنڊ 5000 رپيا جي ناقابل واپسي ٽينڊر فيس جو پي آرڊر/ ڊمانڊ ڊرافٽ جي ذريعي جمع ڪرايا ويندا. متبادل طور تي انهيءَ فيس جي ادائگي تي پي ڊي ايم اي هيڊ آفيس کان واڪ جي دستاويز حاصل ڪري سگهجن ٿا.
5. EPADS تي واڪ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ 19 جنوري، 2026 وقت شام 4:00 وڳي واڪ انهيءَ ڏينهن 19 جنوري، 2026 وقت شام 4:30 وڳي پراونشل ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي سنڌ (PDMA) پلاٽ نمبر 26-سي خيابان جامي، ڊي ايڇ اي فيز-VII ڪراچي جي ڪميٽي روم ۾ واڪ ڏيندڙن يا ان جي مجاز نمائندن جي موجودگيءَ ۾ کوليا ويندا.
6. هر واڪ سان گڏ 500000 رپيا بطور ارنسٽ مني (زرضمانت) بذريعہ پي آرڊر/ ڊمانڊ ڊرافٽ/ بينڪ گارنٽي پراونشل ڊزاسٽر مئنيجمينٽ فنڊ جي نالي جمع ڪرائڻ لازمي آهي. اصل واڪ ضمانت ۽ ٽينڊر فيس واڪ کولڻ کانپوءِ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر (P)، PDMA هيڊ ڪوارٽر ڪراچي کي جمع ڪرائي وڃي.
7. سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 جي ضابطن (2) 46 جي تحت واڪ سنگل اسٽيج- ٻہ لفافا طريقيڪار جي مطابق جمع ڪرايا ويندا هر واڪ ۾ الڳ الڳ ٽيڪنيڪي ۽ مالي تجويزون شامل هونديون جيڪي SPPRA-EPADS جي متعلقہ سيڪشن ۾ اپ لوڊ ڪيون وينديون.
8. اگر واڪ دستاويزات مڪمل، صحيح ٿيل ۽ مهر لڳل نہ هوندا يا گهربل دستاويزات جي بغير جمع ڪرائي وڃي يا قاعدي جي مطابق نہ هجن تہ ادارو ڪنهن بہ يا سمورن واڪن کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿو ادارو سيڪشن 25 سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 جي تحت ٽينڊر جو مڪمل عمل منسوخ ڪرڻ جو اختيار بہ رکي ٿو
9. ڄاڻايل قيمتن ۾ قابل اطلاق ٽيڪس شامل هوندا. ٽيڪنيڪي معيار، شرط ۽ ضابطا واڪ دستاويزات ۾ درج آهن جن تي سختي سان عمل ڪيو ويندو. ڪنهن بہ سرڪاري موڪل، امن و امان جي صورتحال يا غير متوقع واقعي جي صورت ۾ ٽينڊر جمع ڪرائڻ ۽ کولڻ جي تاريخ ايندڙ ڪم ڪار وارو ڏينهن تائين وڌائي ويندي.

نوٽ: ڪنهن بہ قسم جي مشڪل جي صورت ۾ EPADS هيلپ لائين 237-051-111-137 تي آفيس وقت دوران رابطو ڪري سگهجي ٿو يا صحيح ڪندڙ آفيسر سان رابطو ڪري سگهجي ٿو

اسسٽنٽ ڊائريڪٽر (P)
پراونشل ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي، سنڌ (PDMA)
پلاٽ نمبر C-26 خيابان جامي، ڊي ايڇ اي فيز-VII، ڪراچي
ٽيليفون نمبر: 021-35318192، فيڪس: 021-35314219

INF-KRY.NO.4543/2025

i WORK FOR SINDH JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT
www.iwork4sindh.com

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
پيٽروليم قيمتن ۾ لاٽ جو فائدو عام ماڻهوءَ کي ب ٿيڻ گهرجي!
صفحو 4

محمود شام
ڊگهي اننگز ڪيڊٽ جو ارادو
صفحو 4

2026ع ۾ اي آءِ کان ايجنٽڪ اي آءِ جا ايندڙ انقلاب!
غلام فاروق
صفحو 4

ساره حسن
سعودي عرب ۽ گڏيل عرب امارات ۾ ڇڪتاڻ!
صفحو 4

سنڌالاجي جي رٽائر ٿيندڙ ملازمن غلام رسول چنا ۽ عباس علي سولنگي جي مان ۾ الوداعي تقريب

ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف رٽائر ٿيندڙ ملازمن کي اجرڪ اوڍايا ويا. اداري لاءِ سندن خدمتن جي واکاڻ

ٻنهي ملازمن جون سنڌالاجي اداري لاءِ سرانجام ڏنل خدمتون سدائين ياد رکيون وينديون: ڊاڪٽر فياض لطيف

ڊائريڪٽر طرفان اهڙو مان ڏيڻ تي سنڌس ٿورائتا آهيون، ٻنهي ملازمن پنهنجي جنم ڏينهن جو ڪيڪ پڻ ڪاٽيو

ڄامشورو سنڌالاجي جي ٻن ملازمن جي الوداعي تقريب جي موقعي تي اداري جا ملازم ۽ آفيسر ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف سان گڏ

ڄامشورو (پ. ر) انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي ڪارڪنن غلام رسول چني ۽ عباس علي سولنگي جي رٽائرمينٽ جي موقعي تي ڊائريڪٽر آفيس ۾ سندن مان ۾ الوداعي تقريب منعقد ڪئي وئي. ان موقعي تي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف کين اجرڪ اوڍايا ۽ اداري لاءِ سندن خدمتن جي واکاڻ ڪئي. پنهنجا ويچار ونڊيندي ڊاڪٽر فياض لطيف چيو ته جيتوڻيڪ اداري جون ذميواريون سنڀاليندي ڪيس گهڻو عرصو نه ٿيو آهي پر هن عرصي دوران مون هنن ٻنهي ڪارڪنن کي تمام گهڻي ايمانداري، ديانتداري، وقت جي پابندي ۽ مڪمل ذميواري سان پنهنجا فرض ادا ڪندي ڏٺو. اداري لاءِ نيڪ نيتي سان سرانجام ڏنل سندن خدمتون سدائين ياد رکيون وينديون. هن چيو ته نوڪري ۾ عمر جي حد مڪمل ٿيڻ تي هر ملازم کي رٽائرمينٽ جو هي ڏينهن ڏسڻو آهي پر صحت، عزت ۽ وقار سان پنهنجون ذميواريون پوريون ڪرڻ وڏي خوشنصيبي جي ڳالهه آهي. هن رٽائر ٿيندڙ ڪارڪنن لاءِ پنهنجي نيڪ تمنائن جو اظهار ڪندي چيو ته هن اداري توڙي سنڌس دل جا دروازا سندن لاءِ سدائين کليل رهندا. ان موقعي تي غلام رسول چني ۽ عباس علي سولنگي ڊائريڪٽر ۽ اداري جي آفيسرن ۽ ملازمن سان گڏجي پنهنجي جنم ڏينهن جو ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ۽ ڊائريڪٽر طرفان اهڙو ڀرپور مان ڏيڻ تي سنڌس تمام گهڻي مهرباني مڃي. ان موقعي تي هنن ڊگهي عرصي کان اداري ۾ سرانجام ڏنل پنهنجي خدمتن جون خوبصورت يادون پڻ ونڊيون. هن تقريب ۾ سنڌالاجي جي مختلف شعبن جي هيڊز سان گڏ ملازمن شرڪت ڪئي ۽ ٻنهي ڪارڪنن جي پرخلوص شخصيت ۽ خدمتن جي ساراهه ڪئي. شرڪت ڪندڙن ۾ واحد پارس هيسباڻي، سلميٰ قيوم شيخ، سلطان احمد چانڊيو، آغا عتيق احمد پٺاڻ، زاهد علي ڪلهوڙو، نجم سهاروڻ، سرائي ذوالفقار علي گوپانگ، الله بخش خاصخيلي، پرويز علي سمون، ذوهيب علي بلوچ، دلاور علي ٿيٻو، شير علي ٻبر، منظور ملاح ۽ ٻيا شامل هئا.

ٽالهي جي تاريخي ريلوي اسٽيشن جي سرڪاري پلاٽن تي قبضا مافيا هڪ ڀيرو ٻيهر سرگرم

سرڪاري پلاٽن تي مبينا قبضن وارو سلسلو تيزي سان جاري، منهن ماري پڻ روز جو معمول بڻجي وئي

پلاٽن تي مبينا قبضن ڪانپوءِ اربين رپين جو سرڪاري لوهه ۽ ٻيو قيمتي سامان پڻ مبينا چوري ٿي چڪو

سرڪاري پلاٽن تي قبضا ختم ڪرايا وڃن ته جيئن قبضن جي چڪر ۾ ڪو اڻٿيندڙ واقعو پيش نه اچي: شهري

ٽالهي تاريخي ريلوي اسٽيشن جي سرڪاري پلاٽن تي قبضن جو ڏيک

ٽالهي(ن ع) ٽالهي جي تاريخي ريلوي اسٽيشن جي سرڪاري پلاٽن تي قبضا مافيا هڪ ڀيرو ٻيهر سرگرم ٿي ويا سرڪاري پلاٽن تي مبينا قبضن وارو سلسلو تيزي سان جاري آهي مبينا قبضن جي چڪر ۾ منهن ماري پڻ روز جو معمول بڻجي وئي ميڊيا توڙي سوشل ميڊيا تي نشاندهين بعد تازو انتظاميا پاران نوٽيس جاري ڪيو ويو ۽ جيڪو پڻ نوٽيس ٿي رهجي ويو آهي ۽ انتظاميا پاران ڪا ڪارروائي عمل ۾ آندي وئي آهي. انهي سلسلي ۾ گڏ ڪيل معلومات موجب سرڪاري پلاٽن تي مبينا قبضن ڪانپوءِ اربين رپين جو سرڪاري لوهه ۽ ٻيو قيمتي سامان پڻ مبينا چوري ٿي چڪو ميرپورخاص ريلوي انتظاميا جي لاپرواهي ۽ بي ڌياني ڪري سرڪاري پلاٽن تي بااثرن ٽريڪٽر ٽرالين ڪرينن ذريعي مختلف هنڌن تي ڀرائيون ڪري پڪيون دڪانن سميت هوٽلون قائم ڪري هزارين رپيا مسواڙ اوڳاڙڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي سرڪاري پلاٽن تي قبضا ٿيڻ ڪري سياسي سماجي اڳواڻن ۾ پڻ مايوسي واري لهر ڇانيل آهي سڄاڻ ڌرين ميرپورخاص ريلوي انتظاميا سميت لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته سرڪاري پلاٽن تي قبضا ختم ڪرايا وڃن ته جيئن قبضن جي چڪر ۾ ڪو اڻٿيندڙ واقعو پيش نه اچي سگهي

ڳڏيجي يونين ڪائونسل ۾ صفائي جو نظام ناڪاره

شهر جو گندو پاڻي قبرستان ۾ داخل ٿيڻ سبب حالت خراب ٿي وئي

چيئرمين ۽ جنرل ڪائونسلر علائقي جا بنيادي مسئلا حل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي ويا آهن: رهواسي

سوڀوديرو (ن ع) سوڀوديرو تعلقي جي قديم شهر ڳڏيجي يونين ڪائونسل ۾ صفائي ۽ نيڪال جو نظام خراب آهي. ڳڏيجي شهر جو گندو پاڻي قبرستان ۾ داخل ٿيڻ سبب لاکو ظفر قبرستان ڏانهن ويندڙ رستي تي هلڻ ناممڪن ٿي ويو آهي، تنهن ڪري فوت ٿيلن جا لاش مختلف رستن تان پيادل قبرستان ۾ دفن ڪيا ويندا آهن. ڳڏيجي جي رهواسي پير سيد بشير شاهه ۽ علائقي جي ٻين رهواسين چيو ته ڳڏيجي شهر ۾ داخل ٿيندڙ رستا، پراڻي نيشنل هاءِ وي، سيڊارجا لنڪ روڊ، گندي پاڻي سان ڀريل آهن جنهن ڪري هتان ايندڙن کي سخت مشڪلاتون پيش اچي رهيون آهن. ڳڏيجي شهر جا رهواسي جنهن ۾ سومرا محلا، صديقي محلا سميت ٻيا پاڙا شامل آهن صحت، صفائي، گندي پاڻي جي نيڪال ۽ ٻين بنيادي سهولتن کان محرومي جي ڪهاڻي ٻڌائيندا نظر اچن ٿا. علائقي جي رهواسين چيو ته ڳڏيجي يونين ڪائونسل جو چيئرمين ۽ جنرل ڪائونسلر علائقي جا بنيادي مسئلا حل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي ويا آهن. ڳڏيجي جي رهواسين اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته يونين ڪائونسل ڳڏيجي شهر جي حالت بهتر ڪئي وڃي ۽ بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن

سوڀوديرو ڳڏيجي يونين ڪائونسل ۾ صفائي نظام ناڪاره نظر اچي ٿو

سجاول پوليس جي گٽڪو ۽ منشيات وڪرو ڪندڙن خلاف ڪارروائي

پوليس جي ڪامياب ڪارروائي دوران ٻه جوابدار گرفتار، ٻه فرار، ڪيس داخل

ڪارروائي دوران 39 ڪلوگرام گٽڪو مٽيريل، 1000 تيار ٿيل گٽڪا شراب ۽ موٽرسائيڪل هٿ

سجاول(پ ر) سجاول ضلع پوليس جو گٽڪو ۽ منشيات وڪرو ڪندڙن خلاف ڪارروائي 39 ڪلوگرام گٽڪو مٽيريل، 1000 تيار ٿيل گٽڪا 10 ليٽر ديسي شراب ۽ هڪ 125 موٽر سائيڪل هٿ، ٻه جوابدار گرفتار ٻه فرار ڪيس داخل پوليس ترجمان موجب ايس ايس پي سجاول عليننا راڄپر جي حڪمن تي ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي حدن ۾ گٽڪو ۽ منشيات فروشن خلاف ڪارروايون ايس ايڇ او منير احمد ڦڪڙو چيڪنگ دوران سجاول چوڪ جمالي روڊ موري لڳ ڪارروائي ڪندي گٽڪو مٽيريل سپلائي ڪندڙ ٻه جوابدار 125 موٽر سائيڪل سميت 4 ڪٽا گٽڪو سوپاري ۽ 1000 پڙيون تيار ٿيل گٽڪو ڇڏي فرار ٿي ويا. پوليس موٽر سائيڪل ۽ گٽڪو مٽيريل قبضي ۾ وٺي فرار جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي ايس ايڇ او سجاول مير محمد گاڏهي ٿاڻي جي حدن ۾ مختلف هنڌن تي چيڪنگ دوران جوابدار نياز محمد ميمڻ کي 500 گٽڪن سميت ۽ جوابدار ارشد ميربحر کي 10 ليٽر ديسي شراب سميت گرفتار ڪري ٻن جوابدارن خلاف سجاول ٿاڻي تي الڳ الڳ ڪيس داخل ڪيا ويا

سجاول پوليس ڪارروائي ۾ گرفتار ڪيل جوابدار ۽ هٿ آيل منشيات

سنڌ چلڊرينس اڪيڊمي خيرپور ۾ نئين سال جي آمد تي تقريب

تقريب ۾ 50 کان وڌيڪ اديبن، شاعرن ۽ علمي شخصيتن کي ايوارڊ ڏنا ويا

اهڙيون تقريبون منعقد ڪرڻ سان علمي شعور وڌندو ۽ سماج ۾ بيداري پيدا ٿيندي: ڊاڪٽر يوسف خشڪ

خيرپور(پ ر) سنڌ چلڊرينس اڪيڊمي خيرپور ۾ نئين سال جي آمد جي موقعي تي شاندار مرحبائي تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب جو اهتمام اڪيڊمي جي ڊائريڪٽر قربان منگي طرفان ڪيو ويو. تقريب جي صدارت شاهه عبداللطيف يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر يوسف خشڪ ڪئي.تقريب دوران علمي ۽ ادبي خدمتون سرانجام ڏيڻ تي 50 کان وڌيڪ اديبن، شاعرن ۽ علمي شخصيتن کي ايوارڊ ڏنا ويا. ايوارڊ وائيس چانسلر ڊاڪٽر يوسف خشڪ هٿان ورهايا ويا.علمي ايوارڊ حاصل ڪندڙ شخصيتن ۾ سنڌ يونيورسٽي جو رٽائرڊ پروفيسر ڊاڪٽر سعيد منگي سينيئر صحافي غلام عباس پنهور، غلام حسين فاتح ڊپٽي ڊائريڪٽر انفارميشن خيرپور سيد ساجد حسين شاهه ڊپٽي ڊائريڪٽر انفارميشن ڪراچي صاحب خان ٻڍل، عبدالمجيد پنهور، ڊاڪٽر عرفان منگي آصف نظاماڻي محمد بخش جويو محمد اطهر صديقي براڊ ڪاسٽر احسن راڻا، ميڊم حاجره ناز ملڪ نويد کهوڙو صفي الله شر شفيق شر حاجي خان پنهور ناول پيرائيو سائل پنهور ناول پي آر او شاهه عبداللطيف يونيورسٽي عرفان ڦلپوٽو شاعر منظور خاموش حبدار جاگيراڻي شاهنواز ڪلهوڙو عامر عباسي اسد الله ناريجو عابد بلوچ جان محمد ناريجو شعيب چنو سميت ٻين ڪيترين ئي علمي ۽ ادبي شخصيتون شامل هيون.تقريب دوران نئين سال جي آمد جي مناسبت سان مرحبائي مشاعرو پڻ منعقد ٿيو وائيس چانسلر ڊاڪٽر يوسف خشڪ پنهنجي خطاب ۾ چيو ته اهڙيون تقريبون منعقد ڪرڻ سان علمي شعور وڌندو ۽ سماج ۾ بيداري پيدا ٿيندي، هن چيو ته قربان منگي علم دوست شخصيت آهن جن خيرپور ۾ سنڌ چلڊرينس اڪيڊمي قائم ڪري هڪ مثالي قدم کنيو آهي اهڙن ادارن جي قيام سان علم کي هٿي ملندي.ان موقعي تي قربان منگي پنهنجي خطاب ۾ وائيس چانسلر ڊاڪٽر يوسف خشڪ ۽ ٻين مهمانن جو تقريب ۾ شرڪت ڪرڻ تي ٿورائتو مڃو ۽ چيو ته دوستن جي سهڪار سان اهڙيون علمي ۽ ادبي تقريبون مستقبل ۾ به منعقد ڪندو رهندس.تقريب ۾ منعقد ڪيل مشاعري دوران ميان غلام حسين فاتح سميت ڪيترن ئي شاعرن نئين سال جي آمد جي مناسبت سان پنهنجون شاعريون پيش ڪيون.

اٽلي ڏانهن پاڪستان جي واپاري ڳاٽيٽي ۾ جاري مالي سال دوران اضافو رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) اٽلي ڏانهن پاڪستان جي واپاري ڳاٽيٽي ۾ جاري مالي سال دوران اضافو ٿيو آهي مالي سال جي پهرين پنجن مهينن دوران اٽلي ڏانهن پاڪستان جي روانگي واپار ۾ ساليانو بنيادن تي 6.61 سيڪڙو جو اضافو ٿيو جڏهن ته آمدني واپار ۾ 40 سيڪڙو جي گهٽتائي رڪارڊ ٿي آهي اسٽيٽ بينڪ پاران جاري ڪيل انگن اکرن موجب مالي سال جي پهرين پنجن مهينن دوران اٽلي ڏانهن روانگي واپار ذريعي ملڪ کي 513.29 ملين ڊالرن جو ناڻو حاصل ٿيو جيڪو گذريل سال جي ان مدي جي ڀيٽ ۾ 6.61 سيڪڙو وڌيڪ آهي گذريل سال جي ان مدي ۾ اٽلي ڏانهن روانگي واپار مان 481.46 ميلن ڊالرن جو ناڻو حاصل ٿيو نومبر ۾ اٽلي ڏانهن پاڪستان جي روانگي واپار جو ڳاٽيٽو 82.27 ميلن ڊالرز رڪارڊ ڪيو ويو جيڪو آڪٽوبر ۾ 104.71 ملين ڊالرز ۽ نومبر 2024ع ۾ 86.30 ملين ڊالرز هو مالي سال 2025ع ۾ اٽلي ڏانهن پاڪستان جي گڏيل آمدني واپار وارو بل 1.135 ارب ڊالرز رڪارڊ ڪيو ويو انگن اکرن موجب جاري مالي سال جي پهرين پنجن مهينن ۾ اٽلي مان آمدني واپار تي 180.41 ملين ڊالرن جو ناڻو خرچ ٿيو جيڪو گذريل مالي سال جي ان مدي ۾ 252.11 ملين ڊالرن جي ڀيٽ ۾ 40 سيڪڙو گهٽ آهن نومبر 2025ع ۾ اٽلي مان آمدني واپار جو ڳاٽيٽو 30.23 ملين ڊالرز رڪارڊ ڪيو ويو جيڪو آڪٽوبر ۾ 40.53 ملين ڊالرز ۽ نومبر 2024ع ۾ 62.24 ملين ڊالرز هو مالي سال 2025ع دوران اٽلي مان گڏيل طور تي 538.92 ملين ڊالرن جو آمدني واپار رڪارڊ ٿيو هو.

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ تيزي، 100 انڊيڪس هڪ لک 75 هزار 584 پوائنٽس جي سطح تي پهچي ويو

اسلام آباد (اي پي پي)پاڪستان اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ گذريل ڏينهن به مثبت رجحان رهيو ۽ ڪاروباري هفتي جي چوٿين ڏينهن سيڙپڪارن جي ڀرپور اعتماد سبب مارڪيٽ ۾ زبردست تيزي ڏٺي وئي ڪاروبار جي شروعات ۾ 100 انڊيڪس 1530 کان وڌيڪ پوائنٽس جي نمايان اضافي سميت هڪ لک 75 هزار 584 پوائنٽس جي بلند ترين سطح تي پهچي ويو جيڪا مارڪيٽ جي تاريخ جي هڪ اهم اڳڀرائي آهي واضح رهي ته گذريل ڪاروباري ڏينهن جي آخر تي 100 انڊيڪس 418 پوائنٽس جي گهٽتائي کان پوءِ هڪ لک 74 هزار 54 پوائنٽس تي بند ٿيو هيو جڏهن ته ڪاروبار جي شروع ۾ سيڙپڪارن جي ڀرپور خريداري مارڪيٽ کي بيهتر مضبوط رفتار فراهم ڪئي مارڪيٽ جي ماهرن موجب سيڙپڪاري جي اعتماد ۾ اضافي معاشي اهڃاڻن ۾ بهتري ۽ مختلف شعبن خاص طور تي بينڪنگ ، توانائي ، تيل گيس ۽ صنعتي شعبن ۾ خريداري جي رجحان مارڪيٽ جي تيزي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو تجزيو ڪندڙن جو چوڻ آهي ته هاڪاري اڳڀرائي سان نه رڳو مقامي ۽ پرڏيهي سيڙپڪارن جي اعتماد ۾ به اضافو ٿي رهيو آهي جيڪو ايندڙ ڏينهن ۾ مارڪيٽ لاءِ وڌيڪ استحڪام جو سبب بڻجي سگهي ٿو

جماعت اصلاح المسلمين ضلع خيرپور جي زون جون ساليانا چونڊون ٿي گذريون

ٺري ميرواهه(ن ع) جماعت اصلاح المسلمين ضلع خيرپور جي زون جون ساليانا چونڊون صدر محمد اسماعيل پٽي جنرل سيڪريٽري محمد باقر ۽ ٻيا عهديدار چونڊيا ويا تفصيل موجب ضلع خيرپور جي زون 2 جي جماعت اصلاح المسلمين جون ساليانا چونڊون ضلع خيرپور جماعت جي اڳواڻن ظهور احمد موجائي خالد راڄپر امجد راڄپر جي نگراني ۾ ٿي گذريون جنهن ۾ هليل عهديدار چونڊيا ويا صدر محمد اسماعيل پٽي جنرل سيڪريٽري محمد باقر پٽي نائب صدر صبغت الله پٽي جوائينٽ سيڪريٽري وسيم علي خزانچي احسان علي اطلاعات سيڪريٽري اويس احمد راڄپوت لائبررين نور حسن شر ۽ ٻين کي چونڊيو ويو

پيٽ شاهه ۾ ذهني توازن وڃايل شخص پاران خودڪشي جي ڪوشش

بشير ملوڪاڻي خودڪشي ڪرڻ لاءِ ڏنبوره چوڪ پرسان بجلي جي ٿنڀي تي چڙهي ويو

حيسڪو عملو حرڪت ۾ اچي ويو، بشير ملوڪاڻي کي ٿنڀي تان لاهي سندس جان بچائي ورتي

پيٽ شاهه (ن ع) ذهني توازن وڃايل شخص پاران خودڪشي جي ڪوشش،واقعي واري هنڌ شهري وڏي انگ ۾ گڏ ٿي ويا، حيسڪو عملو حرڪت ۾ اچي ويو،مذڪوره شخص ٿنڀي تان لاهي سندس جان بچائي ورتي. پيٽ شاهه پرسان ڳوٺ شير خان ملوڪاڻي جو رهواسي بشير ملوڪاڻي پاران مبينا طور گهران ناراض ٿي خودڪشي جي ڪوشش ڪئي وئي آهي مذڪوره شخص خودڪشي ڪرڻ لاءِ ڏنبوره چوڪ پرسان بجلي جي ٿنڀي تي چڙهي ويو واقعي واري هنڌ تي صورتحال ڏسڻ لاءِ شهرين جي وڏي انگ ۾ گڏ ٿيڻ سبب علائقي ۾ بيچيني پکڙجي وئي، اطلاع ملڻ تي حيسڪو عملو فوري طور تي پهچي نوجوان کي ٿنڀي تان هيٺ لاهي سندس حياتي بچائي ورتي. ان سلسلي ۾ خودڪشي جي ڪوشش ڪندڙ بشير ملوڪاڻي جي ڀاءُ وزير ملوڪاڻي ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته "بشير جو ذهني توازن ٺيڪ ناهي ۽ هو معمولي ڳالهه تي گهران ناراض ٿي هتان نڪري آيو هو" مقامي انتظاميا پاران به صورتحال تي نظر رکي پئي وڃي جڏهن ته حيسڪو ملازمن پنهنجون صلاحيتون استعمال ڪري مذڪوره شخص جي حياتي بچائي ورتي آهي.

پيٽ شاهه ذهني توازن وڃايل شخص ٿنڀي تي چڙهيل آهي

وڳڻ ۾ ڪارهن الزام هيٺ قتل ڪيل عورت جي وارثن جو احتجاج

پوليس ڪيس جو مک جوابدار رب ڏنو چنڊ کي گرفتار ناهي ڪري سگهي: وارث

نوٽيس وٺي ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

وڳڻ(ن ع) ٻه ڏينهن اڳ قمبر ۾ نصيرآباد ناڪي وٽ مڙس ۽ ڏير پاران ڪارهن الزام هيٺ قتل ڪيل چئن ٻارن جي ماءُ مسمات وحيده چنڊ جي وارثن جو احتجاج قاتل گرفتار ڪرڻ جو مطالبو انهيءَ موقعي تي قتل ٿي ويل عورت جي ڀاءُ عاشق چنڊ پنهنجي والده ڀيڻن سان گڏجي احتجاج ڪندي چيو ته ٻه ڏينهن ٻهرياڻ نندي ڀيڻ جي شادي جو ڏاج وٺڻ وڳڻ کان قمبر روانا ٿياسين ته نصيرآباد ناڪي وٽان منهنجو ڀيڻجو نثار چنڊ سندس ڀاءُ رب ڏنو چنڊ هڪ نامعلوم هٿياربند ورن مان پسٽل ڪڍي منهنجي ڀيڻ کي گوليون هڻي فرار ٿي ويا، بروقت اسان پنهنجي ڀيڻ کي زخمي حالت ۾ قمبر اسپتال پهچايو جتي هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي وئي، اهڙي واقعي جي ايف آءِ آر قمبر سٽي ٿاڻي تي نامزد جوابدارن مٿان داخل ڪرائي آهي پر ٻه ڏينهن گذرڻ باوجود قمبر پوليس ڪيس جو مک جوابدار رب ڏنو چنڊ کي گرفتار ناهي ڪري سگهي هنن ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ايس ايس پي قمبر کان مطالبو ڪيو ته نوٽيس وٺي ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت احتجاج ڪيو ويندو

رتوديرو پريس ڪلب جي نون چونڊيل عهديدارن جي مان ۾ آجياڻو

پروفيشنل صحافي اڄ به خبر کي هر رخ کان ڏسن ٿا: ڊاڪٽر ذاڪر سولنگي

رتوديرو جي چونڊيل دوستن سدائين مثبت سوچ سان لکيو آهي: بخش علي پٽو

سوڀوديرو(ن ع) سوڀوديرو جي علائقي هنگورجا پريس ڪلب جي صدر فرمان علي سهتو جنرل سيڪريٽري اعجاز علي ڏرياهو ۽ خزانچي جميل علي پٽو طرفان رتوديرو پريس ڪلب جي نون چونڊيل عهديدارن جي مان ۾ آجياڻو ڏنو ويو.مقامي هوٽل ۾ ڏنل شاندار آجياڻي جي تقريب ۾ يوسي سيڊارجا بالا جي چيئرمين ڊاڪٽر ذاڪر سولنگي،پٽو ويلفيئر ايسوسيئيشن جي صدر بخش علي پٽو،جنرل سيڪريٽري نظام الدين پٽو،بهارو پريس ڪلب جي صدر جاويد پنهور، سماجي اڳواڻ عبدالوحيد گوپانگ،اعظم سولنگي،پ پ اڳواڻ سلطان احمد سهتو ۽ ٻين خصوصي مهمان طور شرڪت ڪئي.تقريب ۾ پريس ڪلب رتوديرو جي صدر رحيم سولنگي،جنرل سيڪريٽري آغا منظور انصاري ۽ جوائنٽ سيڪريٽري امير يار شاهاڻي ۽ ٻين کي اجرڪ ۽ ٽوپيون سميت گلن جا هار پارائي مبارڪون ڏنيون.تقريب کي خطاب ڪندي ڊاڪٽر ذاڪر سولنگي، بخش علي پٽو،نظام الدين پٽو، فرمان سهتو،جميل علي پٽو ۽ ٻين چيو ته صحافت عظيم پيشو آهي سوشل ميڊيا جي اسپيڊ تيز آهي ليڪن پروفيشنل صحافي اڄ به خبر کي هر رخ کان ڏسن ٿا هنن چيو ته رتوديرو جي چونڊيل دوستن سدائين مثبت سوچ سان لکيو آهي سندن مان عهدن کان مٿانهون آهي اميد ڪجي ٿي ته دوستن جي اعتماد تي پورو لهندا.ان موقعي تي پريس ڪلب رتوديرو جي صدر رحيم سولنگي ۽ جنرل سيڪريٽري آغا منظور انصاري چيو ته دوستن طرفان مليل مان تي شڪر گذار آهيون جن مان ڏنو سندن چوڻ هو ته پنهنجي عهدي واري عرصي ۾ صحافين جي حق توڙي صحافتي مسئلا حل ڪرڻ لاءِ ڀرپور ڪم ڪبو

سوڀوديرو رتوديرو پريس ڪلب جي نون چونڊيل عهديدارن جي مان ۾ ڏنل آجياڻي جو ڏيک

ٺرڙي محبت ۾ عدالتي حڪم تحت پوليس جو ايڪشن

پوليس ڪارروائي ڪندي عورت کي مبينہ قيد مان آزاد ڪرائي ورتو

بازياب ٿيل عورت ڪورٽ ۾ پيش، مڙس ڏي وڃڻ کان انڪار، پنهنجي ماءُ سان وڃڻ چيو

ٺرڙي محبت(ن ع) ٺرڙي محبت ٿاڻي تي سيڪنڊ ايڊيشنل سيشن جج جي حڪم تي مسمات زاهدا ملاح جي فرياد تي ايف آءِ آر داخل پوليس ڪارروائي ڪندي عورت کي بازياب ڪرائي ورتو تفصيل موجب گذريل ڏينهن سيڪنڊ ايڊيشنل سيشن جج دادوجي عدالت ۾ مسمات زاهدا زال خادم ملاح ويٺل لڳ ايڪسائيز آفيس دادو جي پٽيشن تي حڪم جاري ڪندي ٺرڙي محبت ٿاڻي جنهن ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ٺرڙي محبت ٿاڻي جي حد ڳوٺ گهنور آباد ۾ پرڻيل ناري مسمات ممتاز خاتون کي مڙس دريا خان ملاح ۽ سهري علي مراد ملاح قتل ڪري ڇڏيو آهي اسان کي ٻن مهينن کان سندس سان ملڻ ناهي ڏنو ويو شڪ آهي ته مڙس ۽ سهري قتل ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته اهڙو حڪم ملڻ بعد ٺرڙي محبت پوليس آيف آءِ آر داخل ڪري ايس ايڇ او عنايت الله چانڊيو جي اڳواڻي ۾ ڪارروائي ڪندي مسمات ممتاز خاتون کي انڊس هاءِ وي بريدارو اسٽاپ لڳ هٿ ڪري ورتو جنهن کي ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويو جتي چاڻايل عورت مڙس ڏي وڃڻ کان انڪار ڪندي پنهنجي ماءُ سان وڃڻ چيو جنهن تي هن کي ماءُ حوالي ڪيو ويو

ٺرڙي محبت پوليس ڪارروائي ۾ مبينا قيد مان آزاد ڪرايل عورت

سڪرنڊ ۾ مهراڻ ڪالوني جي مسجد حيات النبي مان چوري

پاڻيءَ جي موٽر، يو پي ايس جي بيٽري ۽ لوهي ٽيئر چوري ڪري ويا

مسجد مان چوريون معمول بڻجي چڪو آهي، ڪارروائي ڪئي وڃي: نمازي

سڪرنڊ (ن ع) پوليس رڪارڊ تحت سڪرنڊ شهر ۾ ڏوهن ۽ ڏوهارين جي مبينہ مرڪز مهراڻ ڪالوني جي جامع مسجد حيات النبي مان رات جو چور پاڻيءَ جي موٽر پٽي چوري ڪري ويا فجر نماز لاءِ جڏهن نمازي پهتا ته موٽر غائب هئي واقعي تي نمازين پاران ڳڻتيءَ جو اظهار ڪيو ويو هوڏانهن مسجد جي پيش امام حافظ پير بخش بروهي ميڊيا کي ٻڌايو ته مسجد مان چوريون معمول بڻجي چڪو آهي هڪ مهيني دوران مسجد مان ٽيون ڀيرو چوري ڪئي وئي آهي هن کان اڳ مسجد جا لوهي ٽيئر ۽ يو پي ايس جي بيٽري چوري ڪئي وئي مسجد جي تنهين شين جي مجموعي قيمت لکين روپيه آهي هن وڌيڪ ٻڌايو ته پاڙي وارن کي چورن جي خبر آهي پوليس به واقف آهي جڏهن ته ڪالوني جو ڪائونسلر به با خبر آهي پر افسوس جو مسجد جون چوريون واپس نٿيون ڪيون وڃن هوڏانهن سڪرنڊ جي ساڃهه وندن جو چوڻ آهي ته مهراڻ ڪالوني جنهن ۾ شريف ماڻهو پڻ رهن ٿا پر آڱرين تي ڳڻپ جيترن ڏوهارين ۽ چورن ڪالوني سميت شهرين لاءِ عذاب ڪري ڇڏيو آهي اسان جي اپيل آهي ته آرمي يا رينجرس گهرائي مهراڻ ڪالوني ۾ سرچ آپريشن ڪيو وڃي جنهن سان شهرين جون لکين روپين جون چوريون ملڻ جو امڪان آهي هنن اهو پڻ چيو ته مهراڻ ڪالوني جي چورن جي حمايتن پاٿاري ڪندڙن ۽ کين پوليس مان ڇڏائيندڙن خلاف به سخت ڪارروائي ڪئي وڃي ته جيئن سڪرنڊ جا شهري سک جو ساهه کڻي سگهن.

پ پ ليڊيز ونگ ضلع دادو جي مضبوطي لاءِ بيان ڏنو: شبنم طلعت مهيسر

ڪنهن تي به تنقيد ناهي ڪئي، مون کي عهدي جي لالچ ناهي، عوام لاءِ جيان ٿي

ورڪر جي حيثيت ۾ پيپلز پارٽي جي بهتري ۽ مضبوطي لاءِ عوامي خدمتون ڪندي رهندس

ميهڙ: (رپورٽ: نعمت الله مهيسر) ميهڙ پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳوڻي ايم اين اي ڊاڪٽر طلعت مهيسر جي گهرواري سنڌ جي مشهور سماجي اڳواڻ شبنم طلعت گاهي مهيسر هائوس تي آزاد پريس ڪلب ميهڙ جي صحافين سان ڳالهه ٻولهه ڪندي چيو ته مان رب پاڪ جي رضا خاطر انسانيت جي خدمت ڪندي رهي آهيان ۽ اڳتي به ڪندي رهندس اسان جو سمورو خاندان پاڪستان پيپلز پارٽي جو آهي ڪجهه ڏينهن اڳ منهنجو ميڊيا تي هليل بيان فقط ليڊيز ونگ ضلع دادو جي ٻاڌي جي مضبوطي لاءِ هيو ان بيان ۾ مان ڪنهن تي به تنقيد ناهي ڪئي مون کي ڪنهن عهدي جي لالچ ناهي مان هڪ ميمبر جي حيثيت ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي بهتري ۽ مضبوطي لاءِ عوامي خدمتون ڪندي رهندس عوام جا مسئلا حل ڪرڻ سان ئي عوام جو ساٿ ملندو هن وڌيڪ چيو ته مان عورتن جي ڀلائي ۽ مضبوطي لاءِ مهم هلائي رهي آهيان . عورتن کي پنهنجا جائز حق ڏيارڻ لاءِ ڪوششون وٺي رهي آهيان جڏهن هڪ عورت بااختيار ٿيندي آهي ته ان جو سمورو خاندان خوشحال ٿي ويندو آهي عورتن کي عزت ڏيڻ سان ئي سماج ۾ امن ۽ سڪون پيدا ٿيندو آهي پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه عورتن جي حقن لاءِ بهترين اپاءُ ورتا آهن پاڪستان پيپلز پارٽي عورتن کي برابري جا موقعا ڏنا آهن اسان شهيد راڻي بي بي محترما بينظير ڀٽو جا پيروڪار آهيون عورتن جو مردن کان وڌيڪ ووٽ آهي ان لاءِ عورتن جي مسئلن تي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي عورتون اڄ به شهيد راڻي بي بي محترمه بينظير ڀٽو سان ۽ پارٽي سان محبت رکن ٿيون انشاء الله پاڪستان پيپلز پارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جلد ملڪ جو وزير اعظم ٿيندو ۽ ملڪ ۽ قوم جي خوشحالي لاءِ بهترين قدم کڻندو.

موهن جو دڙو تي اسپين جي سياحن جو وفد نئين سال 2026 جو جشن ملهائڻ لاءِ پهتو

پرڏيهي وفد اسٽوپا گريٽ باٿ ڊي ڪي ايريا ۽ ميوزيم سميت ٻيا قديم آثار گهمي ڏٺا، ريسٽ هائوس تي جهمريون

خواهش هئي پاڪستان وڃي نئون سال موهن جو دڙو تي ملهايون، جيڪا خواهش پوري ٿي آهي: اسپين جو وفد

پنج هزار سال اڳ جي ماڻهن وڏي مهارت سان عظيم تهذيب جو بنياد وڌو جيڪو حيرت کان گهٽ ناهي، ڏسي خوشي ٿي آهي

ڏوڪري (ن ع) سنڌ جي قديم ماڳ موهن جو دڙو تي اسپين جي سياحن جو وفد نئين سال 2026 جو جشن ملهائڻ لاءِ پهتو.اسپين جو وفد ريسٽ هائوس تي جهمريون هڻي نچندا رهيا.پرڏيهي وفد اسٽوپا گريٽ باٿ ڊي ڪي ايريا ۽ ميوزيم سميت ٻيا قديم آثار گهمي ڏٺا هوڏانهن پرڏيهي اسپين جي وفد ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته 2026 نئين سال موهن جو دڙو تي ملهائڻ آيا آهيون هنن چيو ته اسان جي خواهش هئي پاڪستان وڃي نئون سال موهن جو دڙو تي ملهايون جيڪا خواهش پوري ٿي آهي.هنن وڌيڪ چيو ته ماڳ جي ماڻهن طرفان جوڙيل قديم ڊگهين پٽين ۽ گهٽين جي رٿا بندي ڪمال جي آهي پنج هزار سال اڳ جي ماڻهن وڏي مهارت سان عظيم تهذيب جو بنياد وڌو جيڪو حيرت کان گهٽ ناهي هنن وڌيڪ چيو ته مشاهدي دوران قديم ماڳ جو اوائلي ترقي جو دور حيرت کان گهٽ ناهي.هنن چيو ته قديم دنيا ۾ ٿورا ماڻهو هئا جن وڏي عقلمندي سان تهذيبن جو بنياد رکيو.هنن چيو ته مهذب دور جو موهن جو دڙو بهترين مثال آهي.هتان جا اڄ جا ماڻهو محبتي آهن.اسپين ۾ ٻين ماڻهن کي اهڙي معلومات کان واقف ڪنداسين.پرڏيهي وفد کي سنڌ ٽوئرزم جو مقامي گائيڊ ارشاد علي سولنگي موهن جي دڙي بابت بريفنگ ڏني.موهن جو دڙو ڪيوريٽر احسان عباسي پرڏيهي وفد کي ويلڪم ڪيو.هوڏانهن پرڏيهي وفد جي سيڪيورٽي سخت ڪئي وئي هئي.

ڏوڪري موهن جو دڙو تي اسپين جا سياح گهمي رهيا آهن

ڪنري تعلقي ۾ منشيات فروش وري سرگرم، ڏهه ڏينهن ۾ ٻه ايس ايڇ او بدلي، ڪڙ تيل نه نڪتو

ايم پي اي تيمور ٽالپر ۽ ايس ايس پي عمرڪوٽ عذير ميمڻ وچ ۾ اختلافن بعد سختي ڪانپوءِ وري منشيات شراب وغيره جو وڪرو شروع

ڪنري ۾ مقرر ايس ايڇ او افتخار باجوا ڪانپوءِ حسين جٽ کي وري بدلي ڪري فرحان ميمڻ کي هتي جو نئون ايس ايڇ او مقرر ڪيو

پوليس جي ملي ڀڳت سان ڪنري ٿاڻي جي پاسي ۾ تازو جيل مان آزاد ٿيل منشيات فروش جو ماوا گٽڪي جو ڪارخانو وري کوليو ويو

عمرڪوٽ (ڊ ر) پي پي ايم پي اي نواب تيمور ٽالپر ۽ ايس ايس پي عمرڪوٽ عذير ميمڻ وچ ۾ اختلافن ۽ الزام تراشي بعد ضلعي عمرڪوٽ ۾ خاص ڪري ڪنري تعلقي ۾ منشيات شراب فروشن خلاف ڪاروايون ڪري سختي ڪرڻ بعد وري اهي سماج دشمن عناصر سرگرم ٿي رهيا آهن جڏهن ته انهي تڪرار ۾ ڪنري ٿاڻي جي ايس ايڇ او حسين جٽ کي وري بدلي ڪري فرحان ميمڻ کي هتي جو نئون ايس ايڇ او مقرر ڪيو ويو آهي ڏهه ڏينهن اڳ ڪنري ۾ مقرر ايس ايڇ او افتخار باجوا کي پڻ معطل ڪيو ويو هو اهڙي طرح ڏهه ڏينهن ۾ هتان ٻن ايس ايڇ اوز کي هٽايو ويو پر ان جو ڪو اثر نه ٿيو ۽ علائقي ۾ شراب ۽ منشيات فروشي بدستور جاري آهي مليل ڄاڻ موجب پوليس جي ملي ڀڳت سان ڪنري ٿاڻي جي پاسي ۾ تازو جيل مان آزاد ٿيل منشيات فروش جو ماوا گٽڪي جو ڪارخانو وري کوليو ويو آهي پولي ٽيڪنيڪل جي عمارت وٽ ڳوٺ پوٽار چانڊيو ۾ آئيس،چرس افيم،شراب سرعام هلڻ جا اطلاع آهن اهڙي ريت ڪنري جي غريب آباد،امير آباد پاڙي،ميمڻ ناڪي،بستان،سميت مختلف هنڌن تي وسڪي شراب سان گڏ سفينا، آداب ۽ ٻين نالن واري منشيات وڪرو ٿئي پئي پر ڪير پڇڻ وارو نه آهي پوليس ۽ سياسي جهيڙي ۾ منشيات خلاف ڪافي وڏيڪو ۽ الزام تراشيون ٿيون پر ان جو مثبت اثر نه پيو نئين سال 2026 ع جي آمد سان ڪنري ۾ نئين ايس ايڇ او فرحان ميمڻ جي آمد ٿيڻ بعد ڏسجي ٿو ته ڪهڙي صورتحال ٿي ٿئي هوڏانهن منشيات شراب وغيره خلاف ڪارواين جي حوالي سان اينٽي نارڪوٽڪس فورس، ايڪسائيز پوليس ۽ ٻين فورسز جو ڪردار صفا زيرو آهي اهي اصل عملي ڪمن بدران خاموش آهن هتان جي سڄاڻ حلقن صدر مملڪت آصف علي زرداري، ميڊم فريال ٽالپر گهرو وزير ضيا الحسن لنجار آئي جي سنڌ ۽ ٻين وس وارن کان پرزور مطالبو ڪيو آهي ته انهن سماج دشمن عناصرن خلاف سخت ڪاروايون ڪري اهو آزار ختم ڪرايو وڃي

عمرڪوٽ ڪنري ٿاڻي تي مقرر نئون ايس ايڇ او فرحان ميمڻ ۽ بدلي ڪيل محمد حسين جٽ

خيرپور شهر ۾ گهرن اندر چوري ڪرڻ واري گينگ ۽ جُوا جي اڏن خلاف ڪريڪ ڊائون

چوري ڪرڻ واري گينگ ۽ جُوا جي اڏن خلاف ڪامياب ڪريڪ ڊائون دوران 7 جوابدار گرفتار ڪيا ويا

جوابدارن جي قبضي مان 9 موٽر سائيڪلون، 2 ٽچ موبائل فون ۽ نقد رقم هٿ ڪئي وئي آهي: پوليس

گرفتار جوابدارن کان وڌيڪ پڇا ڳاڇا جاري آهي، ڌاڙيلن ۽ چورن خلاف ڪارروايون اڳين جاري رکيون وينديون

خيرپور(ڊ ر) خيرپور شهر ۾ گهرن اندر چوري ڪرڻ واري گينگ ۽ جُوا جي اڏن خلاف ڪامياب ڪريڪ ڊائون دوران 7 جوابدار گرفتار ڪيا ويا جوابدارن جي قبضي مان 9 موٽر سائيڪلون 2 ٽچ موبائل فون ۽ نقد رقم هٿ ڪئي وئي تفصيل موجب خيرپور پوليس شهرين جي گهرن اندر،چوري ڪرڻ واري گينگ ۽ جُوا جا اڏا هلائيندڙ جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪندي 7 جوابدارن کي گرفتار ڪيو آهي اها ڳالهه ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو پنهنجي جاري ڪيل پڌرنامي ۾ چئي آهي هن ٻڌايو ته گرفتار جوابدارن جي قبضي مان 9 مسروقه موٽر سائيڪلون 2 ٽچ موبائل فون نقد رقم اسلحي بجلي جا تان بيٽريون ۽ چوري جو ٻيو سامان پڻ برآمد ڪيو ويو آهي ڊاڪٽر سميع الله سومرو موجب گرفتار جوابدارن ۾ اڪبر عرف اڪرو گوپانگ، امام بخش کهوسو انيس مارواڙي، چڪومل مارواڙي، ساڄڪ ابوپوٽو طارق شيخ ۽ سلطان شيخ شامل آهن جوابدارن کان وڌيڪ پڇا ڳاڇا جاري آهي جڏهن ته ڌاڙيلن ۽ چورن خلاف ڪارروايون جاري

گڏيل عرب امارات ۾ جنوري لاءِ پيٽرول جي اگهن ۾ لاٽ جو اعلان

ابوظهبي (اي پي پي)گڏيل عرب امارات ۾ جنوري 2026ع لاءِ پيٽرول ۽ ڊيزل جي اگهن ۾ لاٽ جو اعلان ڪيو ويو. پرڏيهي ميڊيا موجب فيول پرائيس ڪميٽي گذريل ڏينهن نون اگهن جي منظوري ڏني جنهن تي عمل پهرين جنوري کان ڪيو ويو آهي نون قيمتن موجب پيٽرول سپر 98 جي نئين قيمت 2.53 درهم في لٽر مقرر ڪئي وئي آهي جيڪا ڊسمبر ۾ 2.70 درهم في لٽر هئي اسپيشل 95 اگهه ۾ لاٽ ڪانپوءِ هاڻي 2.42 درهم في لٽر ۾ وڪرو ٿيندو جيڪو گذريل مهيني 2.58 درهم في لٽر ۾ دستياب هيو اي پلس 91 جي قيمت 2.34 درهم في لٽر هوندي ڊسمبر ۾ ان جي قيمت 2.51 درهم في لٽر هئي دستياب هيو اي پلس 91 جي قيمت 2.34 درهم في لٽر هوندي ڊسمبر ۾ ان جي قيمت 2.51 درهم هئي ڊيزل جي نئين قيمت 2.55 درهم في لٽر هوندي جيڪا گذريل مهيني 2.85 درهم في لٽر ۾ دستياب هئي ياد رهي ته گڏيل عرب امارات جي فيول پرائيس ڪميٽي هر مهيني پيٽرول جو تعين عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي اگهن موجب ڪري ٿي

مشهور روحاني درگاهه فقيرآباد شريف ماهوار يارهين شريف ٻارهون ساليانو عرس مبارڪ ملهايو ويو

ميهڙ (ن ع) مشهور روحاني درگاهه فقيرآباد شريف ميهڙ ۾ ماهوار يارهين شريف ٻارهون ساليانو عرس مبارڪ مشهور صوفي بزرگ مرشد سخي سيد خيرمحمد شاهه بخاري نقوي رحمة الله عليه جو نهايت عقيدت محبت سان ملهايو ويو سائين جي مزار تي چادر چاڙهي دعا گهري وئي انهي عظيم الشان جلسه عظمت سيدنا علي المرتضيٰ و سيده فاطمة الزهرا ڪانفرنس ملهائي وئي صدارت خصوصي دعا خطاب درگاهه فقيرآباد شريف جي گادي نشين ابوالخير علامه پير حافظ سخي سيد فقيرمحمد شاهه نقوي زيرنگراني صاحبزاده حافظ سيد خيرمحمد شاهه نقوي جي هن روحاني اصلاحي اجتماع ۾ مشهور عالمن مفتين گادي نشينن پروفيسر پير حافظ سخي منظور احمد مشوري درگاهه مشوري شريف پير سخي حافظ حبيب الرحمان سومرو درگاهه باقراڻي شريف نائب بلبل مدينہ مفتي عبيدالله ڏاهري الازهري شاهپور جهانيان پير مفتي شفيق احمد قادري شڪارپور پير حافظ شفيق الرحمان سومرو پير حافظ امام بخش سهتل سومرو درگاهه باقراڻي شريف پير سيد عاصم علي شاهه جيلاني درگاهه راڻي پور شريف علامه محمد عالم جت نعيمي ڪراچي پير سيد اقبال احمد شاهه درگاهه پيرڪوٽ علامه بدرالدين سرهيو حافظ درمحمد حر سهڙو لاڙڪاڻو مفتي شاهنواز ٻگهيو حيدرآباد مفتي حافظ نثار احمد ڏهر علامه صاحبزاده شڪيل احمد چنه سميت عالم سادات تشريف فرما ٿيا جڏهن ته سيد سهيل احمد شاهه خليفہ حافظ ساجد فقير فقيري آصف فقير جاگيراڻي ۽ ٻين نعتون منقبتون پڙهيون درگاهه شريف فقيرن سميت حافظن شهرين عاشقان رسول ڪثير تعداد ۾ شرڪت ڪئي هنن خطاب ۾ چيو ته محبت امن ادب پيار انساني خدمت روحاني علمي ديني خدمتن جو پيغام ڏنو ۽ فرمايو الله وارا علمي روحاني فيض جا مرڪز آهن هتي به ماڻهن کي دعا ۽ روحاني سڪون ملي ٿو عالمن وليّن جي محبت صحبت خدمت ۾ دنيا آخرت جي ڀلائي ٿيندي ۽ آخر ۾ سڀني خدمتگارن سميت سنڌ ڌرتي پياري ملڪ عالم اسلام جي خوشحالي سلامتي لاءِ دعا گهري سمورن مهمانن کي نگر پڻ کارايو ويو

سڪرنڊ جي چانڊيا هائوس تي نئين سال تي مچ ڪچهريءَ جو اهتمام

اڄڪلهه جي ٻوسٽ واري ماحول ۾ خوشيون ونڊڻ ڪنهن نعمت کان گهٽ ناهي: غلام قادر چانڊيو

اڄ به گذريل سال کي الوداع ڪرڻ ۽ نئين سال جي آجيان جي بهاني سڀ گڏ ٿيا آهيون

سڪرنڊ (ن ع) محبتن جي آستاني ۽ راڄوڻي فيصلن جي مرڪز چانڊيا هائوس سڪرنڊ تي پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻ حاجي علي نواز چانڊيو ۽ حاجي شاهنواز چانڊيو جي ميزبانيءَ ۾ نئين سال جي آجيان ۽ هر ماڻهوءَ لاءِ خوشحالي جو سال ثابت ٿيڻ تي مچ ڪچهريءَ جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ ايم پي اي غلام قادر چانڊيو ۽ ضلع ڪائونسل شهيد بينظيرآباد جي چيئرمين علي اڪبر جمالي مهمان خاص طور شرڪت ڪئي جڏهن ته سڪرنڊ پريس ڪلب جي صدر غلام حيدر سولنگي ۽ جنرل سيڪريٽري غلام نبي ملاح اعزازي مهمان طور شريڪ هئا مچ ڪچهريءَ ۾ مختلف مڪتب فڪر جي شخصيتن ڪانسواءِ پيپلز پارٽي جا سينيئر ورڪر پڻ شريڪ هئا جن ۾ غلام شاهه لغاري، علي گل جلباڻي فقير يوسف زرداري، سيد فياض شاهه غلام سرور رند، راڻو خان جلباڻي امام الدين جلباڻي ممتاز لاشاري، حاجي مراد علي ملاح، علي نواز ٻرهياڙ ۽ اسلام شاهه لغاري سميت ٻيا شامل هئا ان موقعي تي ايم پي اي غلام قادر چانڊيو ڳالهائيندي چيو ته اڄڪلهه جي ٻوسٽ واري ماحول ۽ مصروفيتن جي گهڙين مان ڪجهه گهڙيون ڪڍي خوشيون ونڊڻ ڪنهن نعمت کان گهٽ ناهي ۽ هيءَ اوطاق چانڊيا هائوس ان ۾ سدائين اهم ڪردار ادا ڪندي آهي اڄ به گذريل سال کي الوداع ڪرڻ ۽ نئين سال جي آجيان جي بهاني سڀ گڏ ٿيا آهيون مچ ڪچهريءَ دوران سنڌ جي پلوڙ راڳي دادن لطيف چانڊيو پنهنجي ٽيم سميت شريڪ ٿي سنڌ جا ثقافتي ۽ صوفياڻو ڪلام پيش ڪري ڪچهريءَ کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا ان کان اڳ پروگرام جي ميزباني حاجي علي نواز چانڊيو آيل مهمانن کي آجياڻو پيش ڪندي چيو ته ڪچهريءَ جو مقصد گذريل سال جو احتساب ۽ ايندڙ سال خوشيون ماڻڻ لاءِ محبتي ميڙيا اٿئون ڪچهريءَ جي پڄاڻيءَ تي سياري جي سوغات سان شاندار مهمان نوازي ڪئي وئي ان دوران مير عبدالجبار چانڊيو ۽ عامر علي چانڊيو آيل مهمانن جو آڌر ڀاءُ ڪيو ان موقعي تي عطا محمد چانڊيو الهورايو چانڊيو رضا محمد چانڊيو عبدالحفيظ مگسي ۽ قاضي جاويد سنائي پڻ موجود هئا

سڪرنڊ چانڊيا هائوس تي نئين سال تي مچ ڪچهريءَ جو ڏيک

سڪرنڊ پريس ڪلب جي نئين چونڊيل عهديدارن جي مان ۾ آجياڻو

اميد آهي ته سڪرنڊ پريس ڪلب پنهنجي ماضي جي روايت برقرار رکندو: ارشد آرائين

انشاء الله ڀرپور ڪوشش ڪنداسين ته پنهنجي ماضيءَ واري ڪردار کي قائم رکون: غلام حيدر سولنگي

سڪرنڊ (ن ع) سڪرنڊ پريس ڪلب جي سال 2026 لاءِ بنا مقابلي چونڊيل باڊيءَ کي بوائز هاءِ اسڪول سڪرنڊ جي هيڊ ماستر تعليمي ماهر محمد ارشد آرائين پاران آجياڻو ڏنو ويو جتي سمورن عهديدارن کي اجرڪون پارايون ويون ان موقعي تي محمد ارشد آرائين ڳالهائيندي چيو ته اسان کي اميد آهي ته سڪرنڊ پريس ڪلب پنهنجي ماضيءَ جي صاف شفاف صحافت جاري رکندي شهرين جي خدمت ڪندو ۽ مظلوم ماڻهن جو آواز ۽ پرجهلو ثابت ٿيندو ان موقعي تي صدر غلام حيدر سولنگي ڳالهائيندي چيو ته اسين شڪر گذار آهيون سائين محمد ارشد آرائين ۽ اسڪول جي اسٽاف جا جن مان ڏنو آهي انشاء الله ڀرپور ڪوشش ڪنداسين ته پنهنجي ماضيءَ واري ڪردار کي قائم رکون آجياڻي ۾ سينيئر نائب صدر حاجي عبدالله مگسي نائب صدر ذيشان سومرو جنرل سيڪريٽري غلام نبي ملاح خزانچي ولي محمد پٽي جوائنٽ سيڪريٽري عدنان خانزاده، رضا محمد سيال ۽ قاضي جاويد سنائي پڻ موجود هئا آجياڻي ۾ محمد لقمان ڪيريو حيدر خانزاده، قمر الدين جمالي گلڻ چام ڪيريو نورالدين ڪيريو شڪيل خانزاده ۽ ياسين پنهور آيل مهمانن جو آڌر ڀاءُ ڪيو

ميهڙ مشهور روحاني درگاهه فقيرآباد شريف ماهوار يارهين شريف ٻارهون ساليانو عرس مبارڪ ملهايو پيو وڃي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پهلوار پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

جمع 02 جنوري 2026ع

پيٽروليم قيمتن ۾ لاٿ جو فائدو عام ماڻهوءَ کي به ٿيڻ گهرجي!

نئين سال جي شروعات تي وفاقي حڪومت پاران پيٽروليم مصنوعات جي قيمتن ۾ گهٽتائيءَ جي اعلان کان پوءِ عوام ڪجهه قدر سُڪون جو ساهه کنيو آهي، خاص طور تي اهڙي وقت ۾ جڏهن مهانگائي عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ کي سخت متاثر ڪري چڪي آهي. پيٽرول جي قيمت ۾ في ليٽر 10 رپيا 28 پيسا گهٽتائيءَ ڪانپوءِ نئين قيمت 253 رپيا 17 پيسا مقرر ڪرڻ، جڏهن ته هاءِ اسپيڊ ڊيزل جي قيمت ۾ 8 رپيا 57 پيسا گهٽتائي بعد 257 رپيا 08 پيسا ڪرڻ واري فيصلي تي سرهائي ڏٺي پئي وڃي، جنهن جا اثر رڳو گاڏين تائين محدود ناهن پر پوري معيشت سان جڙيل آهن. خاص طور تي ڊيزل جي قيمت ۾ گهٽتائي زرعي شعبي، مال بردار ٽرانسپورٽ ۽ بجلي پيدا ڪندڙ يونٽن لاءِ اهم سمجهي وڃي ٿي، ڇاڪاڻ ته اهي ئي شعبا مهانگائي، خاص ڪري خوراڪ جي قيمتن تي سڌو اثر وجهن ٿا. معاشي ماهرن جو خيال آهي ته ڊيزل سستو ٿيڻ سان لاجسٽڪس ۽ زرعي پيداوار جا خرچ گهٽجڻ گهرجن، جنهن سان سبزين، اناج، اٽي ۽ ٻين روزمره استعمال جي شين جي قيمتن ۾ به گهٽتائي اچڻ کپي، پر هتي اهو تلخ تجربو رهيو آهي ته پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ گهٽتائيءَ جو سڌو لاڀ گهڻو ڪري عام صارف تائين منتقل نٿو ٿئي. ٽرانسپورٽ ڀاڙا گهٽجڻ بدران ساڳيا رهندا آهن، سبزين ۽ خوراڪ جون قيمتون پنهنجي جاءِ تي برقرار رهنديون آهن، جڏهن ته ڪاروباري طبقو قيمتن ۾ واڌ وقت ته فورن ردعمل ڏيکاري ٿو پر گهٽتائيءَ وقت خاموش رهندو آهي. اهڙي پس منظر ۾ سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته ڇا حڪومت رڳو نوٽيفڪيشن جاري ڪرڻ تائين محدود رهندي يا ان ڳالهه کي به يقيني بڻائيندي ته پيٽرول ۽ ڊيزل سستو ٿيڻ جو فائدو عام ماڻهوءَ تائين به پهچي؟

جيڪڏهن ڊيزل سستو ٿيو آهي ته مال بردار ٽرانسپورٽ جا ڀاڙا ڇو نه گهٽجن؟ جيڪڏهن زرعي مشينري جو خرچ گهٽ ٿيو آهي ته سبزين ۽ اناج جون قيمتون ڇو نه گهٽجن؟ اهي سوال صرف سوال ناهن، پر حڪومت لاءِ هڪ عملي امتحان آهن. ٻئي طرف پيٽروليم مصنوعات ۾ گهٽتائي سان گڏ اوگرا پاران ايل پي جي جي قيمت ۾ واڌ هڪ نئون تڪرار پيدا ڪري ڇڏيو آهي. ايل پي جي في ڪلو 10 رپيا 69 پيسا مهانگي ڪري 219 رپيا 68 پيسا مقرر ڪئي وئي آهي، جڏهن ته 11.8 ڪلو وارو گهريلو سلنڊر 126 رپيا کان وڌيڪ مهانگو ٿي 2592 رپيا 19 پيسا ٿي ويو آهي. هي فيصلو خاص طور تي انهن غريب ۽ وچولي طبقي جي خاندانن لاءِ ڳڻتيءَ جو سبب آهي، جيڪي شهري ۽ ڀهراڙيءَ وارن علائقن ۾ گيس جي کوٽ سبب ايل پي جي استعمال ڪرڻ تي مجبور آهن. هڪ پاسي حڪومت مهانگائي گهٽائڻ جون دعوائون ڪري ٿي ته ٻئي پاسي گهريلو ٻارڻ کي مهانگو ڪري عام ماڻهوءَ تي اضافي بار وڌو وڃي ٿو. اهڙي پاليسي تضاد جو شڪار نظر اچي ٿي. جيڪڏهن پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ گهٽتائيءَ سان حڪومت مهانگائيءَ کي ڪنٽرول ڪرڻ چاهي ٿي ته پوءِ ايل پي جي جهڙي بنيادي سهولت کي مهانگو ڪرڻ سان اهو مقصد ڪيئن حاصل ٿيندو؟ خاص طور تي سياري جي موسم ۾ جڏهن ايل پي جي جو استعمال وڌي ويندو آهي، ان وقت قيمتن ۾ واڌ عوام لاءِ نين تڪليفن جو سبب بڻجي سگهي ٿي.

ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته حڪومت صرف عالمي منڊيءَ جي لاٿ ۽ واڌ جي بنياد تي قيمتون مقرر ڪرڻ بدران هڪ جامع پاليسي اختيار ڪري، جنهن جو مرڪز عام ماڻهو هجي. پيٽرول ۽ ڊيزل سستو ٿيڻ سان گڏ ٽرانسپورٽ ڀاڙن، زرعي پيداوار ۽ روزمره شين جي قيمتن تي سخت نگراني ڪئي وڃي ته جيئن ڪو به طبقو ناجائز فائدو نه کڻي سگهي. ساڳي وقت ايل پي جي جي قيمتن بابت به نظرثاني ڪئي وڃي، ڇاڪاڻ ته اهو ٻارڻ هاڻي عياشي نه پر ضرورت بڻجي چڪو آهي. بهرحال، جيڪڏهن حڪومت واقعي عوام کي رليف ڏيڻ چاهي ٿي ته ان جو اثر رڳو پيٽرول پمپن جي بورڊن تي نظر اچڻ نه گهرجي، پر بازارن، سبزي منڊين، ٽرانسپورٽ ڀاڙن ۽ عام گهريلو خرچن ۾ به محسوس ٿيڻ گهرجي. ٻي صورت ۾ اهڙا فيصلا رڳو انگن اکرن تائين محدود رهندا ۽ عام ماڻهوءَ لاءِ مهانگائيءَ جو بار اڳ وانگر برقرار رهندو. حڪومت لاءِ اصل چيلينج اهو آهي ته پاليسين جو فائدو اشرافيه بدران عام شهريءَ تائين ڪيئن پهچايو وڃي، ڇاڪاڻ ته حقيقي رليف جو معيار به اهو ئي آهي.

Notes from Europe

اسان جي سماجي ذميواريءَ جو هڪ جائزو

عبدالله عثمان مورائي

ذميواريءَ بابت بحثن ۾ گهڻو ڪري هڪ مشهور جملو ورجايو ويندو آهي ته: "جيڪڏهن توهان ڪنهن مسئلي جي حل جو حصو نه آهيو ته پوءِ پڪ سان توهان مسئلي جو حصو آهيو" ظاهر ۾ هي جملو سادو لڳي ٿو پر حقيقي زندگي ايتري سادي ناهي هوندي. حقيقت ۾ اسين اڪثر انهن ٻنهي انتهائن جي وچ ۾ موجود هوندا آهيون. اسين شعوري يا لاشعوري طور تي انهن ئي مسئلن کي هٿي ڏيندا آهيون جن تي اسين پاڻ تنقيد ڪندا آهيون، پر ساڳئي وقت اسان وٽ انهن کي حل ڪرڻ جي طاقت به موجود هوندي آهي. موضوع ڀلي ڪرپشن هجي، ماحولياتي تباهي هجي يا سماجي ناانصافي، اسان جا روزمره جا فيصلا ئي طئي ڪندا آهن ته اسين مسئلي جي اندر يعني ان جو حصو آهيون يا مسئلي جي حل جو حصو آهيون.

احتساب جو آئينو : ٻين تي آڱريون کڻڻ تمام سولو آهي، پر سڀ کان ڏکيو ڪم پاڻ ڏانهن آئينو ڪرڻ آهي. اسين سماج جي خرابين لاءِ اڪثر ڪري "نظام"، سياستدانن يا ادارن کي الزام ڏيندا آهيون، پر ان نظام کي برقرار رکڻ ۾ پنهنجي ڪردار تي سوال ناهيون اٿاريندا. جڏهن اسين ظلم تي خاموش رهندا آهيون، سهولت لاءِ بي ايمانيءَ کي برداشت ڪندا آهيون يا وسيلن کي ضايع ڪندا آهيون، تڏهن اسين انهن ئي غلط ڍانچن کي مضبوط ڪندا آهيون، جن کي اسان ختم ڪرڻ چاهيون ٿا.

مثال طور، ڪرپشن تي تنقيد ته هر ڪو ڪري ٿو ۽ ان کي خراب به سمجهي ٿو پر جڏهن اسين پنهنجو ذاتي "ڪم ڪرائڻ" لاءِ رشوت پيش ڪندا آهيون، تڏهن اسين ان بدعنوان نظام جو حصو بڻجي ويندا آهيون. اهڙي طرح، ماحولياتي پاليسين تي ڳالهائيندڙ جڏهن پلاسٽڪ جو پاڻ به تمام گهڻو استعمال ڪن ٿا، تڏهن اهي منافقت جي ان دائري ۾ اچي وڃن ٿا. هيءَ اها تڪليف ڏيندڙ حقيقت آهي ته نظام ان ڪري قائم رهن ٿا، ڇو ته عام ماڻهو ڪين سهارو ڏيڻ لاءِ تيار هوندو آهي. تنهنڪري حل جو رستو ذاتي ذميواريءَ سان شروع ٿئي ٿو.

مسئلي جا مختلف طبقا ۽ اڻڄاڻائيءَ جو ڪردار : مسئلي جو حصو هجڻ هميشه خراب ارادي مان پيدا نٿو ٿئي، پر گهڻو ڪري اهو جهالت، عادت يا مجبوريءَ جو نتيجو هوندو آهي. سماجي اڻ برابريون، جنسي تعصب يا طبقاتي فرق اسان جي روزمره جي روين، مذاق، مشڪري ۽ روايتن ذريعي اڻڄاڻائيءَ ۾ مضبوط ٿيندا آهن. اهي تبصرا جيڪي اسان کي بي ضرر لڳن ٿا، اهي اڳتي هلي قومن لاءِ صدين تائين تعصب جو ٻج بڻجي ويندا آهن. اهڙن معاملن ۾ غيرجانبداري يا خاموشي، دراصل شريڪِ جرم بڻجڻ برابر آهي. عمل جي غير موجودگي ئي ظلم کي وڌڻ جي اجازت ڏئي ٿي. بهرحال، تبديليءَ لاءِ آگاهي پيدا ٿيڻ ۾ وقت لڳندو آهي. خود احتسابي يعني پنهنجو گهيرو ڪري پنهنجو حساب ڪرڻ، تعليم ۽ کليل بحث ذريعي ئي اسين پاڻ کي "غير فعال شريڪِ جرم" مان ڪڍي "فعال سڌارڪ" بڻائي سگهون ٿا.

مسئلي جي حل جو حصو ڪيئن بڻجي؟ : حل جو حصو بڻجڻ جو مطلب هميشه ڪنهن وڏي تحريڪ جي شروعات ڪرڻ ناهي، پر هي ايمانداريءَ جي ننڍڙن عملن سان شروع ٿئي ٿو. جڏهن فرد، سهولت جي بدران ايمانداري ۽ تعصب جي بدران انصاف کي چونڊيندا آهن، تڏهن سماج جو اخلاقي ماحول بدلجڻ شروع ٿيندو آهي. اسڪولن ۾ غير ضروري روايتي سوچن کي چئلينج ڪرڻ، ڪم جي جڳهين تي غيراخلاقي عملن خلاف آواز اٿارڻ ۽ روزمره جي زندگيءَ ۾ همدرديءَ جو اظهار ڪرڻ ئي اصل اجتماعي ڀلائي آهي.

سماج ۾ ٻين جي غلطين جي سڃاڻپ سولي آهي پر پنهنجي اندر موجود خرابين کي مڃڻ ۽ تسليم ڪرڻ لاءِ همت گهرجي. جڏهن اسين پنهنجي غلطين کي سڃاڻي ڪين سڌارڻ جي ڪوشش ڪنداسين، تڏهن ئي حقيقي ترقيءَ جو خواب ساڀيان ٿيندو.

اجتماعي ذميواري ۽ نظامي تبديلي : حقيقت ۾ رڳو ذاتي ذميواري ڪافي ناهي، ڇاڪاڻ ته ڪيترائي مسئلا ساختي يا انتظامي آهن جن جو تعلق قانون ۽ حڪمرانيءَ سان آهي، پر نظامي تبديلي به فردن جي اخلاقي توانائيءَ کانسواءِ ناممڪن آهي. قانون سماجي مطالبن ۽ عوامي دٻاءُ مان جنم وٺندا آهن. جڏهن ماڻهن جي وڏي اڪثريت ظلم برداشت ڪرڻ کان انڪار ڪندي آهي، تڏهن ئي پاليسيون بدلجنديون آهن. ماحولياتي تبديليءَ کان وٺي انساني حقن جي تحريڪن تائين تاريخ شاهد آهي ته اجتماعي آگاهي هميشه انفرادي جاڳرتا کان شروع ٿي آهي.

ذاتي سوچ جي اهميت : اسان جي سوچ ئي طئي ڪري ٿي ته اسين پاڻ کي بي وس مظلوم سمجهون ٿا يا فعال مددگار. هڪ شهري يا ته گهٽي ۾ گندگي ڏسي حڪومت کي بددعا ڏئي سگهي ٿو يا وري پاڻ جهڪي ان کي کڻڻ جي همت ڪري سگهي ٿو. هڪ استاد يا ته شاگردن جي غير دلچسپي تي افسوس ڪري سگهي ٿو يا وري پنهنجي پڙهائڻ جو طريقو بدلائي سگهي ٿو. فرق حالتن ۾ نه، پر سوچ ۾ آهي. جڏهن اسين پاڻ کي ذميوار سمجهون ٿا، تڏهن اسان جا ننڍڙا عمل به معنيٰ اختيار ڪن ٿا. تاريخ جي هر وڏي تبديلي غلاميءَ جو خاتمو هجي يا عورتن جا حق، انهن ماڻهن ذريعي آئي جن پاڻ کي بيوس سمجهڻ ڇڏي ڏنو ۽ اڳواڻ بڻجي عمل ڪيو. حقيقي اخلاقي قيادت سياسي عهدن ۾ ناهي پر اها والدين جي ٻارن کي ايمانداري سيکارڻ، هڪ دڪاندار جي سچائي ۽ هڪ صحافي جي ايمانداريءَ ۾ موجود آهي.

هڪ اندروني چونڊ : آخر ۾ حاصل مقصد ته مسئلي ۽ ان جي حل جي وچ واري لڪير نظامن يا سماجن مان نه پر هر انسان جي دل مان گذري ٿي. اسين يا ته پنهنجي چوڌاري ٿيندڙ تباهيءَ جا خاموش شاهد بڻجي سگهون ٿا يا وري ان جي بحاليءَ ۾ حصو وٺي سگهون ٿا. حل جو حصو بڻجڻ ڪو نعرو ناهي پر هي شعور، همت ۽ همدرديءَ سان زندگي گذارڻ جو نالو آهي. هر لمحو ۽ گهڙي اسان کي اها چونڊ پيش ڪري ٿي ته اسين دنيا جي مسئلن جي وزن ۾ واڌارو ڪريون يا پنهنجي عملن سان ان وزن کي ٿورو گهٽائي هلڪو ڪريون. اچو ته نئين سال 2026ع جي شروع ۾ پاڻ کان اهو سوال ڪريون ته جڏهن تاريخ اسان کي ياد ڪندي ته ڇا اسان جو نالو مسئلي جو حصو بڻجي رهجي ويندو يا اسان کي ان جي حل جي حصي طور سڃاتو ويندو؟

ڏگهي اننگز کيڏڻ جو ارادو



محمود شام

قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر اياز صادق شهيد بينظير ڀٽو جي ورسيءَ جي موقعي تي ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ۾ شرڪت ڪانپوءِ سکر ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي اها خواهش ظاهر ڪئي ته پاڪستان مسلم ليگ (ن) ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي ڏگهي اننگز کيڏڻ جو ارادو رکن ٿيون. انهن لفظن مان ظاهر ٿئي ٿو ته اقتدار جي ايوانن ۾ ڪهڙيون تمنائون ۽ خواهشون پرورش وٺي رهيون آهن. اهڙي خواهش تي ڀرپور ردعمل اِهو ٿي ٿو ته "تدبير کند بنده تقدير زند خنده" يا وري 'سؤ ورهين جو سامان، پل جي خبر ناهي' تاريخ جو جائزو وٺجي ته ڪنهن به حڪمران پنهنجي مدت پوري ٿيڻ تي خوشيءَ سان رخصت ٿيڻ جو مثال پيش ناهي ڪيو. سڀئي گهٽ ۾ گهٽ به ڏهاڪا اقتدار جي ڪرسي تي ويهڻ چاهيندا رهيا آهن پر اهڙي ڏگهي اننگز لاءِ جيڪي قدم عوام جي خدمت ۽ ملڪ جي استحڪام لاءِ ضروري هئا، تن کي ڪڏهن به اوليت نه ڏني وئي. ٻئي پاسي محلن جون سازشون به انهن ارادن ۾ رڪاوٽ بڻيون يا وري 'پل جي خبر ناهي' واري حقيقت پنهنجو ڪردار ادا ڪندي رهي. ڪنهن به اهڙو روڊ ميپ تيار نه ڪيو، جيڪو ماڻهن جي دلين تي حڪومت ڪرڻ جي بنياد بڻجي سگهي. پاڪستان مسلم ليگ (ن) 1985ع کان وقفي وقفي سان اقتدار ۾ رهي آهي، جڏهن ته پاڪستان پيپلز پارٽي 1971ع کان حڪومت ۾ رهي آهي. 1988ع کان وٺي ٻنهي پارٽين واري واري سان اننگز کيڏيون آهن جيڪي چار ڏهاڪا بڻجن ٿا. ان ڏگهي عرصي دوران پنجاب ۾ مسلم ليگ (ن) جا ڪيترا سال آهن، سنڌ ۾ پيپلز پارٽي جا ڪيترا سال آهن ۽ 2008ع کان وٺي سنڌ ۾ پيپلز پارٽي لڳاتار اقتدار ۾ آهي.

ڏگهي اننگز کيڏڻ جي خواهشمند اڳواڻن جي عمرن تي نظر وجهجي ته ٽي ڀيرا وزيراعظم رهندڙ ميان محمد نواز شريف ماشاءَ الله 76 ورهين جو آهي، ٻه ڀيرا صدرِ مملڪت رهندڙ آصف علي زرداري 70 ورهين جو آهي، ٻه ڀيرا وزيراعظم ۽ اوترائي ڀيرا وزيراعليٰ پنجاب رهندڙ ميان شهباز شريف 74 ورهين جو آهي، شريڪِ اقتدار رهندڙ مولانا فضل الرحمن 72 ورهين جو آهي، جڏهن ته ڏگهي اننگز جي ارادي جو اظهار ڪندڙ ۽ ٻه ڀيرا قومي اسيمبليءَ جو اسپيڪر رهندڙ اياز صادق 71 ورهين جو آهي. انهن مان ڪيترن جي بيماريءَ جون خبرون به اينديون رهنديون آهن. پاڪستان ۾ اوسط عمر کي نظر ۾ رکندي، قومي سياسي جماعتن جا اهي معزز سربراهه اڃا ڪيترا سال سرگرم ۽ فعال رهي سگهندا؟ البته محترمه مريم نواز 52 ورهين ۽ بلاول ڀٽو زرداري 37 ورهين جي عمر ۾ ڏگهي اننگز کيڏي سگهن ٿا، پر انهن طرفان به اهو واضح ناهي ته اهي ذاتي اقتدار جي استحڪام کي اوليت ڏين ٿا يا دشمنن ۾ گهيريل پاڪستان جي بقا جي فڪر رکن ٿا.

ڏگهي اننگز جي هن تڪرار ۾ آئون اوهان کي نئون سال مبارڪ چوڻ ٿو وساري ويٺس. اڄ کان پاڪستان جي عمر جو 79هون سال شروع ٿي رهيو آهي. هن وقت تائين جيڪي تجزيا ۽ اڳڪٿيون سامهون آيون آهن، تن مان ڪنهن به نجومي 2026ع کي سٺو سال قرار ناهي ڏنو. اڄڪلهه دنيا جي حڪمرانن مان ڪنهن کي به عالمي مدبر نٿو سڏي سگهجي، چاهي آمريڪا جو صدر هجي، روس جو سربراهه هجي يا برطانيا، فرانس يا ڀارت جا حڪمران. ڪو به عالمي سطح تي امن، خوشحالي ۽ بين الاقوامي هم آهنگي جو واضح لائحه عمل پيش نٿو ڪري. سڀئي پنهنجي پنهنجي دائري ۾ گهمي رهيا آهن ۽ اندروني مسئلن جا يرغمال بڻيل آهن. ڪو به ملڪ نٿو هلائي، سڀ رڳو پنهنجون حڪومتون هلائي رهيا آهن.

رڳو چين جو صدر 'هڪ پٽي، هڪ رستو' منصوبي ذريعي گهٽ ۾ گهٽ علائقائي استحڪام جي ڪوشش ڪري رهيو آهي، پر آمريڪا ۽ يورپ ان جي راهه ۾ رڪاوٽون وجهي رهيا آهن. گڏيل قومن جو عالمي ادارو به آمريڪي پاليسين جي دائري ۾ قائل نظر اچي ٿو. ان جا مختلف ادارا غربت ۾ گهٽتائي، موسمياتي تبديلي، زراعت، واپار، معيشت، علائقائي تعاون، صحت، تعليم ۽ آباديءَ جي واڌ بابت رپورٽون ۽ وارننگون جاري ڪندا رهن ٿا، پر ڀارت ۽ اسرائيل جهڙين هٽ ڌرم قيادتن ۽ انهن جي سرپرستن جي ضد سبب انساني زندگيءَ جي وقار ۽ ترقيءَ کي درپيش خطرن خلاف ڪا گڏيل عالمي ڪوشش نظر نٿي اچي. هڪ زمانو هو جڏهن عالمي قيادتون گڏجي غربت گهٽائڻ، آباديءَ جي واڌ روڪڻ، تعليم ۽ صحت جي شعبن کي هٿي ڏيڻ لاءِ مثالي تعاون ڪنديون هيون. هاڻي ڏگهي اننگز کيڏڻ جون خواهشمند مسلم ليگ (ن) ۽ پيپلز پارٽي جي نقطه نظر ۽ اهم مسئلن تي عملي قدمن کي ڏسجي ته سڀ کان اڳ غربت جي لڪير کان هيٺ وڃندڙ ماڻهن جا انگ اکر سامهون اچن ٿا. پوءِ آباديءَ ۾ واڌ ۽ عالمي قرضن جو بار، اهي ٽي مسئلا هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن.

سڀ کان پهرين اِهو به ڏسڻ گهرجي ته ڇا مسلم ليگ (ن) اها ئي جماعت آهي، جنهن جو بنياد ميان محمد نواز شريف وڌو هئو، جنهن تي پنجاب جا ماڻهو ڀرپور خوش ٿيا هئا ته آخرڪار پنجاب کي قومي سطح جو اڳواڻ ملي ويو آهي. خاص ڪري واپاري طبقو تمام مطمئن هو. ڇا اڄ به ان جون پاليسيون ساڳيون آهن ۽ ڇا اڄ به واپاري طبقو ان کان خوش آهي؟ پوءِ پاڪستان پيپلز پارٽي تي تنقيدي نظر وڌائجي ته ڇا اِها اها ئي پارٽي آهي، جنهن جو بنياد شهيد ذوالفقار علي ڀٽو 1967ع ۾ ڊاڪٽر مبشر حسن جي ڪوٺي، لاهور ۾ وڌو هئو؟

1983ع ۾ پاڪستان ۾ غربت جي لڪير کان هيٺ رهندڙ ماڻهو 15 سيڪڙو ٻڌايا ويندا هئا ۽ ڊالر 15 رپين جو هو. اڄ غربت جي لڪير کان هيٺ رهندڙ آبادي 44 سيڪڙو آهي ۽ ڊالر 282 رپين جو ٿي ويو آهي. 2017ع ۾ غربت جي لڪير کان هيٺ آبادي 24 سيڪڙو هئي، جيڪا 2020ع تائين لڳ ڀڳ ساڳي رهي. افسوسناڪ ڳالهه اِها آهي ته مسلم ليگ (ن) هجي، پيپلز پارٽي هجي يا 2018ع ۾ پي ٽي آءِ جي حڪومت، ڪنهن به غربت جي خاتمي لاءِ منظم ۽ سنجيده ڪوشش نه ڪئي. اسان جو عظيم دوست چين غربت ختم ڪرڻ ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪامياب رهيو آهي. 1990ع کان 2005ع تائين مسلسل ڪوششن سان هن غربت جي شرح تمام گهڻي گهٽائي ڇڏي. پر ڏگهي اننگز کيڏڻ جون خواهشمند اسان جون سياسي پارٽيون اڃا تائين غربت جي خاتمي کي اولين ترجيح نٿيون ڏين. غربت کان سڀ کان وڌيڪ متاثر ڀهراڙي وارا علائقا آهن، جتي ملڪ جي اڪثريت رهندي آهي. ملڪ ۾ پنهنجن وسيلن کي استعمال ڪري غربت ختم ڪري سگهجي ٿي، پر اها ترجيح انهن ٻنهي پارٽين جي ايجنڊا ۾ ناهي. آءِ ايم ايف کان قرض ورتا وڃن ٿا ۽ انهن قرضن جي ادائيگي به غربت وڌائي ٿي.

غربت جي خاتمي جو سڀ کان اثرائتو حل نوجوانن کي روزگار مهيا ڪرڻ آهي. عالمي ادارن موجب فوري طور 20 لک نوڪريون پيدا ڪرڻ جي ضرورت آهي. نه صنعتون وڌي رهيون آهن، نه ئي ملڪي پيداوار ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. پرڏيهي ڪمپنيون ۽ اسان جا ذهين نوجوان ملڪ ڇڏي رهيا آهن. آخر ۾ اسپيڪر اياز صادق کان اها ئي گذارش آهي ته هو پنهنجي ڏگهي اننگز واري خواهش سان لاڳاپيل ضروري قدمن بابت قوم کي اعتماد ۾ وٺن. بلڪ وڌيڪ بهتر اِهو ٿيندو ته هو قومي اسيمبليءَ ۾ هر علائقي جي نمائندن کي ان موضوع تي اظهار جو موقعو فراهم ڪن.

سعودي عرب ۽ گڏيل عرب امارات ۾ ڇڪتاڻ!

ساره حسن

سعودي عرب ۽ گڏيل عرب امارات وچ ۾ يمن ۾ عليحدگي پسند گروهن جي حمايت جي معاملي تي شروع ٿيل تڪرار، بظاهر امارات طرفان يمن مان پنهنجي فوج ڪڍڻ جي اعلان ڪانپوءِ ڪجهه حد تائين ختم ٿيندو نظر اچي ٿو پر مبصرن جو چوڻ آهي ته ٻنهي ملڪن وچ ۾ ڇڪتاڻ ۾ آيل گهٽتائي عارضي ٿي سگهي ٿي، جيڪا مستقبل ۾ ڪنهن ٻئي معاملي جي پسمنظر ۾ ٻيهر اڀري سگهي ٿي. گذريل ڏينهن سعودي عرب جي اڳواڻي هيٺ قائم اتحاد يمن ۾ هڪ هوائي حملي دوران گڏيل عرب امارات کان ايندڙ مبينا هٿيارن ۽ فوجي گاڏين کي نشانو بڻايو، جنهن ڪانپوءِ سعودي عرب مطالبو ڪيو ته يو اي اِي يمني حڪومت جي درخواست تي عمل ڪندي 24 ڪلاڪن اندر پنهنجي فوج يمن مان واپس گهرائي. ان تي ردعمل ڏيندي، يو اي اِي سڀني الزامن جي ترديد ڪئي، پر ساڳئي وقت پنهنجي فوج واپس گهرائڻ جو اعلان پڻ ڪيو.

مبصرن موجب، گذريل ڪجهه سالن دوران سعودي عرب ۽ گڏيل عرب امارات جا اسٽريٽجڪ ۽ معاشي مفاد ڪنهن حد تائين هڪٻئي کان مختلف ٿي ويا آهن ۽ اِهو ئي سبب آهي جو وچ اوڀر جي انهن ٻن اهم ملڪن وچ ۾ مختلف معاملن تي هلندڙ خاموش مقابلو هاڻي کُلي سامهون اچي رهيو آهي. يمن جي گهرو ويڙهه هجي يا آفريڪي ملڪن ۾ بندرگاهن ۽ فوجي اڏن جو قيام، گڏيل عرب امارات پنهنجي معاشي مفادن جي حاصلات لاءِ سرگرم نظر اچي ٿو. بي بي سي مانيٽرنگ موجب، اهڙي وقت ۾ جڏهن سعودي عرب علائقائي سياست ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي پاڻ کي سيڙپڪاري جو مرڪز بڻائڻ تي زور ڏئي رهيو آهي، تڏهن گڏيل عرب امارات آفريڪا ۽ بحيره احمر ۾ پنهنجو اثر رسوخ وڌائڻ لاءِ پنهنجي طاقت ۽ وسيلا استعمال ڪري رهيو آهي. ان جو هڪ مثال يو اي اِي جو 'ابراهيمي معاهدي' ۾ شامل ٿيڻ هو. اهڙي وقت ۾ جڏهن اسرائيل کي تسليم ڪرڻ بابت مسلمان ملڪ سعودي عرب ڏانهن ڏسي رهيا هئا، تڏهن گڏيل عرب امارات اڳتي وڌي اسرائيل کي تسليم ڪري ورتو. بين الاقوامي معاملن جي ماهرن موجب، گذريل ڪجهه سالن دوران گڏيل عرب امارات ڪيترن ئي موقعن تي خليجي ملڪن ۽ مسلم دنيا ۾ سعودي عرب جي مرڪزي حيثيت کي کليل طور چئلينج ڪندو نظر آيو آهي. مسلم دنيا جي واحد ايٽمي طاقت پاڪستان جا لاڳاپا روايتي طور سعودي عرب ۽ گڏيل عرب امارات سان ڏگهي عرصي کان دوستانا رهيا آهن. لکين پاڪستاني سعودي عرب ۽ گڏيل عرب امارات ۾ روزگار جي سلسلي ۾ آباد آهن ۽ تازو پاڪستان سعودي عرب سان اسٽريٽجڪ دفاعي معاهدو پڻ ڪيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ وچ اوڀر جي ٻن اهم ملڪن وچ ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ ۽ اختلاف جا اثر پاڪستان سميت پوري مسلم دنيا تي پئجي سگهن ٿا؟ تجزيي ڪار سمجهن ٿا ته پاڪستان ٻنهي ملڪن وچ ۾ اختلاف گهٽائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو، پر جيڪڏهن تڪرار وڌيو ته پاڪستان غيرجانبدار رهي نه سگهندو. بي بي سي اردو تجزيي ڪارن سان ڳالهائي اهو ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته مستقبل ۾ سعودي عرب ۽ گڏيل عرب امارات وچ ۾ ڇڪتاڻ وڌڻ جا امڪان ڇو آهن ۽ ان جا پاڪستان تي ڪهڙا اثر ٿي سگهن ٿا.

سعودي عرب ۽ گڏيل عرب امارات جي وچ ۾ ڇڪتاڻ اهڙي وقت سامهون آئي آهي، جڏهن يو اي اِي جو صدر شيخ محمد بن زايد النهيان نجي دوري تي پاڪستان جي شهر رحيم يار خان ۾ موجود آهي. تازي ڇڪتاڻ ڪانپوءِ پاڪستان ٻنهي ملڪن سان رابطو ڪيو آهي. اڱاري ڏينهن پاڪستان جي وزيراعظم شهباز شريف رحيم يار خان ۾ شيخ محمد بن زايد سان ملاقات ڪئي. ان ملاقات ڪانپوءِ جاري ڪيل سرڪاري بيان موجب، ٻنهي اڳواڻن وچ ۾ ٻطرفن معاملن ۽ مختلف شعبن ۾ سهڪار تي ڳالهيون ٿيون. ٻئي پاسي، پاڪستان جي نائب وزيراعظم اسحاق ڊار پڻ اڱاري واري شام سعودي عرب جي پرڏيهي وزير فيصل بن فرحان سان رابطو ڪيو. انهن ٻنهي ملاقاتن ڪانپوءِ جاري ٿيل بيانن ۾ يمن جو سڌو ذڪر ناهي. پر مبصرن جو خيال آهي ته انهن رابطن جو مقصد ممڪن طور ڇڪتاڻ گهٽائڻ هو. يمن ۾ سعودي عرب جي اڳواڻي هيٺ قائم اتحاد ۾ پاڪستاني فوجون سڌي طرح شامل ناهن. پر ان اتحاد ۾ پاڪستان جو اڳوڻو آرمي چيف جنرل (ر) راحيل شريف هڪ اهم عهدي تي موجود آهي. قائداعظم يونيورسٽي جي پروفيسر ڊاڪٽر قنديل عباس جو چوڻ آهي ته پاڪستان جا ٻنهي ملڪن سان سٺا لاڳاپا ۽ معاشي مفاد جڙيل آهن ۽ جيڪڏهن ڇڪتاڻ وڌي ته پاڪستان متاثر ٿي سگهي ٿو. بي بي سي سان ڳالهائيندي ڊاڪٽر قنديل چيو ته مسلمانن جي مقدس ترين ماڳن جي موجودگي سبب سعودي عرب پاڻ کي اسلام جو مرڪز سمجهي ٿو ۽ ماضي ۾ مسلم دنيا جا ڪيترائي اهم فيصلا سعودي عرب ۾ ٿيندا رهيا آهن. پر 2015ع ڪانپوءِ سعودي عرب جي مرڪزي حيثيت ۾ گهٽتائي آئي آهي. هن چيو ته ان جي هڪ واضح مثال خليج تعاون ڪائونسل جي ملڪن وچ ۾ اختلاف آهن. جڏهن ته سعودي عرب ۽ گڏيل عرب امارات وچ ۾ اڳ ۾ اهو اتفاق هو ته گڏجي هڪٻئي کي درپيش خطرن جو مقابلو ڪيو ويندو. تازو يمن تڪرار اِهو ظاهر ڪري ٿو ته جاگرافيائي، سياسي ۽ جيو-معاشي معاملن تي سعودي عرب ۽ گڏيل عرب امارات وچ ۾ فاصلا وڌي رهيا آهن. اوپيڪ اندر فيصلا هجن يا سوڊان، يمن ۽ ٻين سرحدي تڪرارن بابت موقف، ٻنهي ملڪن جا خيال مختلف رهيا آهن. ٻئي ملڪ آفريڪا ۾ علائقائي طاقت ۽ اثر رسوخ لاءِ پڻ هڪ ٻئي آمهون سامهون آهن. اهڙي وقت ۾ جڏهن سعودي عرب علائقائي سياست ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي سيڙپڪاري جو مرڪز بڻجڻ چاهي ٿو، تڏهن گڏيل عرب امارات آفريڪا ۽ بحيره احمر ۾ پنهنجو اثر وڌائڻ لاءِ وسيلا استعمال ڪري رهيو آهي. ڊاڪٽر قنديل عباس موجب، گڏيل عرب امارات خطي ۽ افريڪي ملڪن ۾ واپاري راهدارين ۽ فوجي اڏن جي حاصلات چاهي ٿو ۽ تيل پيدا ڪندڙ ٻين ملڪن ۾ به ڪافي سرگرم آهي. هن چيو ته سوڊان، ليبيا ۽ فلسطين جي معاملن تي ٻنهي خليجي ملڪن جي موقف ۾ تبديلي ۽ اختلاف سڄي اسلامي دنيا تي اثرانداز ٿي رهيا آهن. ڊاڪٽر قنديل عباس موجب، موجوده حالتن کي ڏسندي مستقبل ۾ تڪرار وڌيڪ وڌڻ جو خدشو موجود آهي، پر هڪ حد تائين اهي معاملا هلندا رهندا ۽ جيڪڏهن ڇڪتاڻ شدت اختيار ڪئي ته پوءِ عالمي طاقتون مداخلت ڪنديون. هن چيو ته وچ اوڀر ۾ ايران ۽ اسرائيل سبب اڳ ئي گهڻي ڇڪتاڻ موجود آهي ۽ آمريڪا نٿو چاهي ته عرب ملڪ پاڻ ۾ به وڙهن، ڇاڪاڻ ته آمريڪا جا ٻنهي ملڪن سان گهرا لاڳاپا آهن ۽ هو ٻنهي عرب رياستن کي اختلافن کان پري رکڻ جي ڪوشش ڪندو. يمن جي معاملي تي تازن تڪرارن ڪانپوءِ آمريڪي پرڏيهي وزير مارڪو روبيو سعودي عرب ۽ گڏيل عرب امارات جي پرڏيهي وزيرن سان ٽيليفون تي رابطو ڪيو. تجزيي ڪار عمر ڪريم جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن ڇڪتاڻ انتهائي حد تائين وڌي ته آمريڪا بدران ٻئي ملڪ روايتي عرب قبيلائي انداز مطابق پاڻ ۾ اختلاف جاري رکندا، ڇاڪاڻ ته قطر ۽ ٻين خليجي ملڪن وچ ۾ تڪرارن دوران به آمريڪا ڪو خاص ڪردار ادا ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو هو.

2026ع ۾ اي آءِ کان ايجنٽڪ اي آءِ جا ايندڙ انقلاب!

غلام فاروق

هٿرادو ذهانت، جنهن کي انگريزيءَ ۾ آرٽيفيشل انٽيليجنس چيو وڃي ٿو دنيا جو هڪ اهڙو شعبو آهي جيڪو روزانو نوان انقلاب آڻي رهيو آهي. 2026ع ۾ اهو شعبو اڃا وڌيڪ ترقي ڪندو ۽ زندگيءَ جي هر شعبي کي متاثر ڪندو. اڄڪلهه اسان وٽ اي آءِ جا اهڙا اوزار آهن جيڪي تصويرون ٺاهيندا آهن، سوالن جا جواب ڏيندا آهن ۽ ايترو جو وڏين وڏين ديوهيڪل مشينن کي هلائيندا آهن پر 2026ع ۾ اهي نوان باب کولندا، جيڪي انساني زندگيءَ کي نهايت آسان بڻائيندا. اچ اسان انهن نون بابن تي ڳالهائيندا سين جيڪي سائنسدانن، ڪمپنين ۽ ماهرن جي پيشنگوئين مطابق ايندا.

ايجنٽڪ اي آءِ جو عروج: هٿرادو ذهانت جو بنياد اهو آهي ته مشينون انسان وانگر سوچي ۽ فيصلا ڪري سگهن. گذريل سالن ۾ اي آءِ دنيا ۾ انقلاب آندو آهي، جهڙوڪ چيٽ جي پي ٽي وانگر اوزار جيڪي سوالن جا جواب ڏيندا آهن پر 2026 ۾ اي آءِ جا ايجنٽس جن کي ايجنٽڪ اي آءِ چيو ويندو آهي، اهي وڌيڪ طاقتور ٿيندا. اهي ايجنٽس پاڻمرادو ڪم ڪندا، جهڙوڪ آفيس ۾ ڪم ڪندڙ انسان. مثال جي طور تي مائڪروسافٽ جي ماهرن موجب اي آءِ انسانن سان گڏجي ڪم ڪندو ۽ انسانن کي وڏا وڏا ڪم ڪرڻ ۾ تمام گهڻو مددگار ثابت ٿيندو. اهي ايجنٽس ڊيٽا جو تجزيو ڪندا، مواد ٺاهيندا ۽ انسانن کي صرف حڪمت عمليءَ تي ڌيان ڏيڻ جي اجازت ڏيندا. اهڙي طرح ڪمپنيون اڳ کان تيزيءَ سان ترقي ڪنديون. مثال جي طور تي هڪ ڪمپنيءَ ۾ جڏهن ڪو ڪسٽمر فون ڪري ته "مون کي منهنجو آرڊر نه پهتو آهي" ته ايجنٽ پاڻ ئي ڪسٽمر جو آرڊر چيڪ ڪندو، ڏسندو ته پراڊڪٽ گودام ۾ آهي يا نه، پئسا واپس ڪرڻ جو فيصلو ڪندو يا نئون پراڊڪٽ موڪلڻ جو انتظام ڪندو. ڪسٽمر کي پيغام موڪليندو ته "توهان جا پئسا واپس ٿي ويا آهن" يا "نئون پيڪيٽ اڄ موڪليو ويو آهي" سڀ ڪجهه پاڻ ئي ٿي ويندو، دڪان واري کي ڪجهه به نه ڪرڻو پوندو. ان سان ڪسٽمر جلد خوش ٿيندو ۽ ڪمپنيءَ جو وقت بچندو.

فرض ڪريو ته هڪ پروگرامر کي ڪمپنيءَ جو پراڻو سافٽ ويئر بهتر ڪرڻو آهي جيڪو ڪيترن سالن کان هلندو پئي آيو آهي پر هاڻي سست ٿي ويو آهي. ان ۾ ننڍيون وڏيون غلطيون آهن ۽ ڪسٽمرن لاءِ نوان فيچر به شامل ڪرڻا آهن. اڳي اهڙو ڪم ڪرڻ ۾ مهينن جو وقت لڳي ويندو هو، ڇو ته پروگرامر کي هزارين يا لکين لائينن وارو ڪوڊ پاڻ پڙهڻو پوندو هو، سمجهڻو پوندو هو، غلطيون ڳولهڻيون پونديون هيون، ورجايل حصا درست ڪرڻا پوندا هئا ۽ آخر ۾ نئون ڪوڊ لکڻو پوندو هو، جنهن ۾ رات ڏينهن وڏي محنت ڪرڻي پوندي هئي پر تنهن هوندي به ڪي غلطيون رهجي وينديون هيون. هاڻي 2026 ۾ ايجنٽڪ اي آءِ جي مدد سان اهو سڄو منظر بدلجي ويندو. پروگرامر کي رڳو پنهنجي هوشيار اي آءِ ايجنٽ کي چوڻو پوندو ته "هيءُ منهنجو پراڻو پروگرام آهي هن کي تيز ڪر، سموريون غلطيون درست ڪر ۽ هيءُ نئون فيچر به شامل ڪري ڇڏ." ايجنٽ فوري طور تي ڪم شروع ڪري ڇڏيندو: سڄو پراڻو ڪوڊ منٽن يا ڪلاڪن ۾ پڙهي وٺندو، سموريون غلطيون، ڪمزور جاءِ ۽ سيڪيورٽيءَ جا خطرا ڳولي وٺندو ۽ ورجايل حصن کي هٽائيندو، سست هلندڙ ڪوڊ کي بهتر بڻائيندو. نئون، صاف سٿرو ۽ تيز ڪوڊ پاڻ ئي لکي ڏيندو. جيڪڏهن پروگرامر نئون فيچر شامل ڪرڻ چاهي ته اهو به فوري طور تي وڌي ويندو. آخر ۾ ايجنٽ پروگرامر کي ٻڌائيندو ته ڪهڙيون تبديليون ڪيون ويون آهن ۽ ڪيترو فائدو ٿيندو.

اهڙيءَ ريت جيڪو ڪم اڳ ۾ مهينن ۾ پورو ٿيندو هو، اهو هاڻي هڪ ڏينهن يا ڪجهه ڪلاڪن ۾ ٿي ويندو. پروگرامر جو قيمتي وقت بچي ويندو، هو نوان وڏا خيال سوچي سگهندو، ڪمپنيءَ جو سافٽ ويئر جلدي بهتر ٿيندو، ڪسٽمر خوش رهندا ۽ غلطيون به بلڪل گهٽ ٿينديون، ڇو ته ايجنٽ انسان کان وڌيڪ درست ۽ تيز طريقي سان ڪوڊ چيڪ ڪري سگهندو آهي. ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته اي آءِ ايجنٽ بار بار ٿيندڙ ڏکيا ۽ ٿڪائيندڙ ڪم پاڻ سنڀالي وٺندو ۽ پروگرامر کي رڳو اهم فيصلا ڪرڻا پوندا.

هڪ بئنڪ ۾ ايجنٽ پاڻ ئي هر وقت نيٽ ورڪ تي نظر رکندو. جيڪڏهن ڪو چور يا حملو ڪندڙ (هيڪر) ڪوشش ڪري ته ايجنٽ ترت تيار رهندو، حملو روڪيندو يا بئنڪ جي ماڻهن کي الرٽ موڪليندو. مثال: جيڪڏهن ڪو ماڻهو غلط پاس ورڊ 10 ڀيرا هڻي ته ايجنٽ پاڻ ئي ان اڪائونٽ کي بند ڪري ڇڏيندو ۽ بئنڪ کي خبر ڏيندو. هڪ ڪمپنيءَ ۾ هر مهيني بئنڪ جو بيان ايندو آهي، ايجنٽ بئنڪ جو بيان ۽ ڪمپنيءَ جي پنهنجي حساب کي پاڻ ئي ملائيندو. جيڪڏهن ڪا غلطي هوندي ته ٻڌائيندو. جيڪڏهن پئسا وڌيڪ آهن ته چوندو ته "هن ۾ سيڙپڪاري ڪري سگهو ٿا." جيڪڏهن پئسا گهٽ آهن ته خرچ گهٽائڻ جو مشورو ڏيندو. اهڙي طرح اڪائونٽنٽ جو وقت بچي ويندو. فرض ڪريو ته اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ ۾ هڪ مريض شديد تڪليف سان ايندو آهي جهڙوڪ سيني ۾ سور، ساهه جي تڪليف يا ڪنهن حادثي جي ڪري زخمي ٿيو آهي ته پوءِ هاڻ ڇا ٿيندو؟ نرس يا ڊاڪٽر کي مرض جي علامتن بابت پڇا ڳاڇا ڪرڻي پوندي هئي، پراڻيون رپورٽون ۽ دوائن جو رڪارڊ ڳولڻ ۾ وقت لڳندو هو ۽ پوءِ فيصلو ڪرڻو پوندو هو ته مريض کي فوري علاج گهرجي يا انتظار ڪري سگهجي ٿو. ايمرجنسيءَ ۾ ڪيترائي مريض هڪ ئي وقت ايندا آهن، تنهنڪري ڪڏهن ڪڏهن پيچيده ڪيسن وارن مريضن کي دير سان علاج ملندو هو، جنهن سان حالتون خراب ٿيڻ جو خطرو وڌي ويندو هو ۽ ڊاڪٽرن تي دٻاءُ به وڌيڪ پوندو هو.

چئجي ته اي آءِ ايجنٽ ايمرجنسيءَ ۾ ڊاڪٽرن جو هوشيار ساٿي بڻجي ويندو، جيڪو بار بار ٿيندڙ ڪم جهڙوڪ رڪارڊ چيڪ ڪرڻ، علامتن جو تجزيو ۽ ترجيح طئي ڪرڻ پاڻ سنڀالي وٺندو. مريضن کي تيز ۽ بهتر علاج ملندو، اسپتال جو نظام بهتر هلندو ۽ ڊاڪٽر پنهنجو وقت وڌيڪ اهم فيصلن تي لڳائي سگهندا! اهو ئي ايجنٽڪ اي آءِ جو جادو آهي جيڪو انساني جانيون بچائيندو! اهي سڀ مثال ڏيکارين ٿا ته ايجنٽڪ اي آءِ روزمره جي بار بار ٿيندڙ ڪمن کي پاڻ ئي سنڀاليندو. انسانن کي صرف اهم ۽ وڏين ڳالهين (جهڙوڪ نئين پلاننگ، فيصلا، تخليقي ڪم) تي ڌيان ڏيڻو پوندو پر ياد رکڻ ضروري آهي ته انهن ايجنٽن کي صحيح ۽ محفوظ طريقي سان استعمال ڪجي ته جيئن غلط فيصلا نه ٿين ۽ ڊيٽا محفوظ رهي. 2026ع ۾ اهي ايجنٽس هر شعبي ۾ عام ٿي ويندا. تحقيق ۾ اي آءِ مکيه حيثيت وٺندي، اهو رڳو مددگار نه پر پاڻ ئي فعال حصو وٺندو، جهڙوڪ نوان خيال قائم ڪرڻ، تجربا هلائڻ ۽ انسانن سان گڏجي ڪم ڪرڻ وغيره. فزڪس، ڪيمسٽري ۽ جيتن جڙن جي سائنس ۾ اي آءِ ليبارٽريءَ جو ساٿي بڻجي تجربا تجويز ڪندو. اهو موسم جي اڳڪٿي ۽ ماليڪيولز جي ماڊلنگ ۾ تيزي آڻيندو. اسٽينفورڊ جا ماهر چوندا آهن ته سائنسي پروگرامن ۾ نوان طريقا واضح ٿيندا ۽ نيورل نيٽ ورڪن جي اندروني ڪم کي سمجهڻ ۾ ترقي ٿيندي. اي آءِ جو بنيادي سامان وڌيڪ هوشيار ۽ سستو ٿيندو. اهو دنيا جي مختلف هنڌن تي ورهايل نظامن تي ٻڌل هوندو، جنهن سان خرچ گهٽجي ويندا. اي آءِ جي معيار کي ماپڻ جو طريقو بدلجي ويندو ته رڳو ماپ پر ذهانت جي ڪم تي ڌيان هوندو. ڊيلوئيٽ جي رپورٽ موجب هٿرادو ذهانت (اي آءِ) سامان جي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ لاءِ مليل حڪمت عمليون استعمال ڪندو، جهڙوڪ ڪلائوڊ ۽ ايج ڪمپيوٽنگ. ڪمپيوٽر پروگرام ٺاهڻ ۾ اي آءِ پروگرام جي ٻولي سکندو ۽ ان جي پسمنظر کي سمجهندي ريپوزٽري جي معلومات فراهم ڪندو. پروگرام جي لاڳاپيل تاريخ ۽ نمونن کي سمجهي بهتر مشورا ڏيندو. اهو غلطيون جلد ڳوليندو ۽ پاڻمرادو درست ڪندو، جيڪو ڪمپيوٽنگ جو ويجهڙ ۾ ٿيندڙ وڏو قدم آهي. مليل ڪمپيوٽنگ سان ڪوانٽم، اي آءِ ۽ وڏا ڪمپيوٽر گڏجي سامان ۽ دوائن جي صحيح ماڊلنگ ڪندا. مائڪروسافٽ جو ميجورانا غلطيون درست ڪندو ۽ لکين ڪيوبٽس کي هڪ چپ تي رکندو. اسٽينفورڊ جا ماهر چون ٿا ته 2026ع ۾ مڪمل اي جي آءِ نه ايندي پر هر ڪو ملڪ پنهنجو اي آءِ جو پروگرام ٺاهيندو ته جيئن آمريڪا تي گهٽ انحصار رهي. پروگرام ننڍا ۽ بهتر ٿيندا، ڊيٽا جي گهٽتائيءَ جو حل نڪرندو، ويڊيو اي آءِ ترقي ڪندي پر ڪاپي رائيٽ جا مسئلا وڌندا. ڊيلوئيٽ موجب اي آءِ جسماني طور ڪم ڪندو يعني روبوٽس سان گڏ ڪم ڪندو. ايمازون جا روبوٽس اي آءِ سان گودامن ۾ ڪم ڪندا. ايجنٽ واري اي آءِ جو اصلي چيڪ ٿيندو، رڳو ڪجهه ڪمپنيون ان کي استعمال ڪنديون پر ڪيترائي پروجيڪٽ ناڪام ٿيندا. ماهرن ۾ وڌيڪ اڳڪٿيون ڪندا! جهڙوڪ مڪمل (اي آءِ) جو بحث گهٽجي ويندو، چپس جو قدر اهم ٿيندو، (اي آءِ) ايڪشن ۾ اهم ٿيندي، دوائن واريون ڪمپنيون (اي آءِ) جا ننڍا ادارا خريد ڪنديون ۽ دماغ سان ڪمپيوٽر جو رابطو عام ٿيندو. (اي آءِ) روزمره جي زندگيءَ ۾ تبديلي آڻيندو. مثال طور سمارٽ گهرن ۾ (اي آءِ) پاڻمرادو بتيون، گرمي پد ۽ حفاظت جو خيال رکندو. تعليم ۾ (اي آءِ) شاگردن کي پنهنجي مطابق سبق سيکاريندي، جنهن سان سکڻ آسان ٿيندو. واپار ۾ (اي آءِ) اڳڪٿيءَ سان وڪرو وڌائيندو، پر ان سان گڏ مشڪلاتون به آهن جهڙوڪ نوڪرين جو گهٽجڻ. اسٽينفورڊ جا ماهر چون ٿا ته اي آءِ جي ڪم ۾ اضافو رڳو خاص شعبن ۾ ٿيندو. اي آءِ جي اخلاقي ڳالهين تي وڌيڪ ڌيان ڏنو ويندو ۽ غلط تصويرون ۽ غلط خبرن جو خطرو وڌندو. ان ڪري ماهرن موجب پاڻمرادو چيڪنگ ۽ غلط تصويرن جي پڪ ايندي ۽ ملڪ پنهنجي اي آءِ ٺاهيندا ته جيئن ڊيٽا جي پرائيويسي برقرار رهي. گهڻن قسمن واري اي آءِ لکيل، تصوير، ويڊيو ۽ آواز کي گڏجي سمجهندو، جنهن سان بهتر نتيجا ايندا. مثال طور صحت ۾ تصويرن جو جائزو بهتر ٿيندو. هٿرادو مواد ميڊيا ۾ انقلاب آڻيندو پر خطرا به وڌائيندو. ڪمپنيون (اي آءِ) استعمال ڪري مستحڪم ترقي حاصل ڪنديون، جهڙوڪ توانائيءَ جو استعمال گهٽائڻ، پر ماحول تي اثر جو خيال رکڻو پوندو. 2026 ۾ (اي آءِ) جو مستقبل روشن آهي پر احتياط سان هلڻو پوندو. انسان ۽ (اي آءِ) جو گڏيل ڪم دنيا کي بهتر بڻائيندو پر برابري ۽ حفاظت جو خيال رکڻو پوندو. هي نوان باب انساني ترقيءَ جا نوان دروازا کوليندا.

ليکڪ ماهر اقتصاديات، شماريات ۽ پي ايڇ ڊي ريسرچ اسڪالر (Artificial Intelligence) يونيورسٽي آف يوٽيمارڪوني اٽلي ايڊيشنل ڊائريڪٽر اي آئي ۽ ريسرچ، ايشين انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز آهي)

مشهور ولي الله حضرت گنبات فقير جي روحاني شخصيتن سان عقيدت!

نور سنڌي

(قسط 03)

وڏن کان مليل روايتن موجب ان دعوت بعد فقير رمضان ميربحر جي اسرار تي شاهه لطيف جڏهن به پنهنجي ڏاڏا جي مزار تي ويندو هو ته پوءِ رمضان فقير ميربحر وٽ به ويندو هو. ان دور ۾ حيدرآباد کان ملتان تائين هڪ ڪچو رستو ويندو هو، جنهن بابت مشهور ليکڪ ڪاڪو ڀيرو مل مهرچنداڻي پنهنجي مشهور ڪتاب "سنڌ جي هندن جي تاريخ" ۾ لکي ٿو ته سنڌ ۽ پنجاب وچ ۾ اپامن کان واپار هلندو هو. انهيءَ سانگي حيدرآباد کان ملتان تائين هڪ ڪچو رستو، جيڪو ٽپالي رستو سڏبو هو. هڪ ٻئي ڪتاب ۾ اچي ٿو ته ان رستي کي ماضيءَ ۾ راڙو وارو رستو سڏبو هو، جيڪو راجا ڏاهر کان به اڳ جو آهي. هن رستي تان سنڌ جو سامان پنجاب ۽ پنجاب جو سامان اُتان ذريعي ايندو ويندو هو. ڪلهوڙن جي دور ۾ ان رستي جو نالو ٽپالي رستو رکيو ويو. جتان حيدرآباد کان ملتان تائين واپار سان گڏ ٽپال جي لاءِ به استعمال ٿيندو هو. جيڪو ڀٽ شاهه پرسان گذرندو هو ۽ شاهه لطيف اُتر سنڌ ۾ جڏهن به ويندو هو ته اهو رستو وٺي ويندو هو. اهو ڪچو رستو آصف علي زرداريءَ صاحب منظور ڪيو ۽ اتي شاندار پڪو روڊ نوابشاهه کان جوڳيءَ تائين ٺهيو آهي. پاڻڌي فقير ميربحر جو وصال مخدوم محمد زمان صاحب (ڇهون سجاده نشين درگاهه سرور نوح رح) جي وصال کان ٻه سال ڪن پوءِ ٿيو. مخدوم محمد زمان صاحب جو وصال تقريبن 1770ع ۾ ٿيو. ان حساب سان پاڻڌي فقير ميربحر جو وصال 1772ع ڌاري ٿيو هوندو. ان بعد سندس قائم ڪيل فقيري آشيانو سندس فرزند مجني خان هلايو. پاڻ حضرت مخدوم سرور نوح رح جي ستين سجاده نشين مخدوم مير محمد عرف مير پير صاحب کان ذڪرولي سندن هٿ تي بيعت ڪري مريد ٿيو ۽ والد وانگر وقت به وقت حضرت مخدوم سرور نوح رح جن جي مزار اقدس تي حاضري ڀرڻ ۽ پنهنجي مرشد مخدوم ميرمحمد عرف ميرپير وٽ به حاضري ڀري زيارت ڪندو هو. سندس خواهش تي مخدوم مير محمد عرف ميربحر سندس ڳوٺ ۾ روحاني سفر تي آيو ۽ فقيري آستاني تي رات به رهيو. ان آستاني جو نالو "سروري فقير آستانو" رکيو. جڏهن ته مجنو خان ميربحر (پيو) هن راڄ جو چڱو مڙس به هو. سندس لاڏاڻي بعد سندس فرزند حاجي ميربحر چڱو مڙس رهيو. ان جي لاڏاڻي بعد سندس فرزند محمد آچر (اول)، ان جو فرزند پاڻڌي ميربحر (ٽيون). ان بعد محمد صالح ميربحر، جيڪو پاڻڌي ميربحر (ٽيون) جو ڏوهٽو هو. لڳي ٿو ته پاڻڌي ميربحر ٽيون کي پٽ جو اولاد نه هو يا ڪي ٻيا سبب آهن جو سندن پاڙي جو چڱو مڙس سندس ڏوهٽو محمد صالح ميربحر ٿيو. پاڻ جوانيءَ ۾ لڏو به رهيو. پاڻ مڃي مانيءَ وارو وڏو سخي مهمان نواز سندن سروري جماعت جي روحاني پيشوا مخدوم غلام محمد گُل سائينءَ سان ويجهو رهيو. گل سائين سندن بيحد اسرار تي وٽن تشريف فرمان ٿيو، جڏهن ته مخدوم غلام حيدر صديقي قريشي جن به محمد صالح ميربحر جن جي اسرار تي سندن وٽ تشريف فرمان ٿيا. جيڪي سيني به سيني روايتون ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون انهن موجب فقير سروري آستانو ڳوٺ مجنو ميربحر تي مٿي ذڪر ڪيل حضرت مخدوم سرور نوح رح جي سجاده نشينن کانسواءِ اٺون سجاده نشين مخدوم محمد زمان صاحب، ڏهون سجاده نشين مخدوم امين محمد، ٻارهون سجاده نشين مخدوم امين محمد پکن ڌڻي، تيرهون سجاده نشين مخدوم محمد الزمان، چوڏهون سجاده نشين مخدوم ظهير الدين عرف پريل جام صاحب به روحاني سفر تي اتي آيا هئا. سنڌ ۾ حُرن جي روحاني پيشوا پير صبغت الله شاهه راشديءَ جي اعلانيل حُر تحريڪ وطن يا ڪفن دوران ٿيندڙ وڳوڙن جي پيش نظر انگريز سرڪار جيڪي ڇڙوڇڙ گهر هئا، اهي لڏائي پرسان وڏن ڳوٺن ۾ رهائڻ واري اعلان بعد ڳوٺ مجنو ميربحر ۽ واهه جي ڪپ تي جيڪي ميربحر هئا، اهي لڏي ڳوٺ لال خان جلالائي وڃي ويٺا، اهڙي ريت قديم ڳوٺ مجنو خان مير بحر جو وجود ختم ٿيڻ لڳو پر صالح ميربحر جيڪو مخدوم غلام محمد المعروف گل سائين جن جي وصال کان ڪجهه سال اڳ لاڏاڻو ڪري ويو ۽ سندس سوڳوارن سان مخدوم غلام حيدر صديقي قريشي تعزيت ڪرڻ آيو. محمد صالح ميربحر جي لاڏاڻي بعد به پاڻڌي ميربحر اول جو قائم ڪيل فقيرانو سروري آستانو ته موجود هو پر ان جون اهي رونقون نه رهيون. هن خاندان جو ڪو اهڙو فرد نه ٿيو جو مخدوم خاندان سان جيڪو روحاني سلسلو آهي، اهو انهيءَ ليول تي برقرار رکي سگهي ۽ سروري جماعت جي روحاني پيشوا جون دعوتون ڪري يا روحاني سفر تي اچڻ لاءِ عرض ڪن. ان بعد ملدسي شهر جي الله جڙيو ميربحر اول جيڪو منهنجو سڳو ڏاڏو هو، جنهن جو خاندان به شروع کان حضرت مخدوم سرور نوح رح جو مريد رهندو اچي، ان جو مخدوم هائوس ۽ درگاهه تي اچڻ وڃڻ وڌڻ لڳو. سندس لاڏاڻي بعد سندس فرزند حاجي محمود ميربحر جيڪو منهنجو چاچو هو، اهو سروري جماعت ۾ سرگرم هو. سندس شهدادپور جي مشهور سياسي سماجي شخصيت ۽ سروري جماعت جي اهم شخصيت پير حاجي رسول بخش قريشي (جيڪو ان دور ۾ مخدوم خاندان سان ويجهو هو) سان نيازمندي هئي. حاجي محمود ميربحر کي مخدوم محمد الزمان طالب المولىٰ ۽ مخدوم امين فهيم، مخدوم خليق الزمان ۽ مخدوم شفيق الزمان ڪيس تمام گهڻو پيار ڪندا هئا. حاجي محمود ميربحر جا شهدادپور جي مشهور سياسي سماجي شخصيت پيررسول بخش قريشيءَ سان دوستي هئي ۽ وٽس تمام گهڻو اچڻ وڃڻ ٿيندو هو. جڏهن به مخدوم طالب المولىٰ سائين ۽ مخدوم غلام حيدر صديقي قريشي شهدادپور ۾ پير رسول بخش وٽ تشريف فرمان ٿيندو هو يا روحاني سفر تي ايندو هو ته انهن دعوتن پروگرامن جا انتظام حاجي محمود ميربحر جي حوالي هوندا هئا. حضرت مخدوم سرور نوح رح جي ساليانو عرس مبارڪ ۽ ڇهه ماهي سُهائي سومار شريف جي انتظامن جي حوالي سان ڪجهه ذميواريون پير حاجي رسول بخش جي حوالي هونديون هيون ۽ پير رسول بخش پاران وري درگاهه تي انهن ذميوارين جي ذميواري حاجي محمود ميربحر جي حوالي ڪئي ويندي هئي. حاجي محمود ميربحر سان سندس خميسو ميربحر، عيدن ميربحر ۽ الله بخش ميربحر جيڪو منهنجو والد بزرگوار هو ۽ محمد ميربحر سندس سؤٽ قاسم ميربحر ٻانهن ٻيلي هوندا هئا. حاجي محمود ميربحر جي دور ۾ قبلا مخدوم امين فهيم، مخدوم خليق الزمان روحاني سفر تي وٽس آيا هئا. حاجي محمود ميربحر جي لاڏاڻي بعد سندس پٽ احمد ميربحر سروري جماعت ۾ سرگرم رهيو. مرحوم حاجي محمود ميربحر جي حال حياتيءَ ۾ مون حضرت مخدوم سرور نوح رح جي ٻارهين سومار شريف ۽ ڇهه ماهي سومار شريف تي ويندو هئس. جڏهن صحافت ۾ آيس ته مون هڪ صحافي جي حيثيت سان مخدوم خاندان جي خدمت شروع ڪئي. بعد ۾ قبلا مخدوم محمد الزمان طالب المولىٰ جن جي حڪم تي 1985ع ۾ حيدرآباد مان صحافت ڇڏي هالا مان صحافت شروع ڪئي. هالا ۾ 2001ع تائين صحافت ڪيم. هڪ صحافي ۽ ليکڪ جي حيثيت سان مون جيڪي خدمتون ڪيون، تن بابت مخدوم جميل الزمان جن کي ڪيتري خبر آهي اها مون کي خبر ناهي پر ان بابت مخدوم سعيد الزمان عاطف جن کي مڪمل ڄاڻ آهي، ڇاڪاڻ ته آئون سروري تنظيم جي بنياد پوڻ کان، يعني 1981ع کان ساڻس رابطي ۾ رهيو آهيان. مخدوم محمد الزمان طالب المولىٰ جن سان مريد وارو تعلق هو **(هلندڙ)**

CLASSIFIED ADVERTISTMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج-V حيدرآباد
(روبرو جناب فهد ڪلهوڙو)
فيملي سوٽ نمبر2205 سال 2025

شريمتي جوتي ڌيءُ راڻو بالغ هندو رهندڙ ڳوٺ ڀهاول زئونر تعلقو ۽ ضلعو حيدرآباد....پلينٽف...خلاف: اشوڪ پٽ راموں ڪولهي بالغ هندو رهندڙ واقع ايگريڪلچر لينڊ مظفر سمون ديهه ٻانڊيرو شهمير جي وسي نئين موري ديهه روڊ مٽياري....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 06-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج-V حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

سول/ گارڊين جج اينڊ جي ايم II هالا
(روبرو جناب علي حسن مري)
گارڊين شپ سوٽ نمبر18 سال 2025

محمد شعيب حاجي ولد حاجي عبدالحميد رهندڙ اسٽريٽ نمبر 01 وارڊ نمبر 4 سعيد آباد ضلعو مٽياري....ايپليڪينٽ...خلاف: (1) مسمات ثمينه شعيب زال محمد شعيب حاجي (2) مسمات Afia شعيب (3) مسمات بشرا شعيب (4) مسمات مريم شعيب (5) مسمات زينب (6) جنرل پبلڪ ايٽ لارج....اپوننٽس

نالي مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين شپ درخواست زير قلم 7،09،10،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 06-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ گارڊين جج اينڊ جي ايم II هالا

ڪورٽ نوٽيس

سيڪنڊ سينئر سول جج شهيد بينظير آباد
ايف سي سوٽ نمبر269 سال 2025

محمد سليمان ولد ڪمال الدين راجپوت....پلينٽف...خلاف: (1) محسن علي ولد ميرالدين شيخ (2) سيد زاهد حسين ولد مهراب شاهه (3) سيد ذاڪر ولد مهراب شاهه (4) مختيارڪار روينيو تعلقو نوابشاهه (5) اي سي نوابشاهه (6) سب رجسٽرار نوابشاهه (7) ڊي سي شهيد بينظير آباد ....ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار اسپيسفڪ پرفارمنس آف ڪانٽريڪٽ اينڊ انجڪشن زير قلم VII رول 1 سي پي سي تحت درخواست داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 05-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سينئر سول جج شهيد بينظير آباد

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي شاهزيب ولد واحد بخش ويٺل غوثيه ڪالوني مٽياري تعلقو ۽ ضلعو مٽياري اسان جي آفيس ۾ درخوست ڏني آهي ته سندس والد نالي واحد بخش ولد محمد يعقوب ڊيٿو جيڪو ايجوڪيشن کاتي ۾ رٽائرڊ عربڪ ٽيچر هو ۽ سني فقه جو مسلمان هو جيڪو تاريخ 31-10-2025 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي هيٺين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي: (1) محمد جهانزيب (پٽ) (2) شاهزيب (پٽ) (3) محمد ابراهيم (پٽ) (4) محمد عيسيٰ (پٽ) (5) دانيال (پٽ) (6) مسمات آمنه ڊيٿو (ڌيءَ). جڏهن ته اهڙي تصديق ٻن شاهدن هر هڪ نالي: عبدالله ولد گل محمد ڊيٿو ۽ محمد آصف ولد قاسم ڊيٿو جن پڻ اسان جي روبرو ڪئي آهي جنهن ڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتيءَ جي مٿين جائز وارثن بابت ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري، مدو گذرڻ بعد ڪوبه اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ قانون موجب فوتي جو مٿين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي مسمات ٻچل زال غلام حيدر ميربحر ويٺل ڳوٺ خيبر ٽائون ميربحر محلا خيبر تعلقو ۽ ضلعو مٽياري اسان جي آفيس ۾ درخوست ڏني آهي ته سندس مڙس نالي غلام حيدر ولد حاجي خان ميربحر جيڪو پوليس کاتي ۾ رٽائرڊ سپاهي هو ۽ سني فقه جو مسلمان هو جيڪو تاريخ 11-06-2025 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي هيٺين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي: (1) مسمات ٻچل ميربحر (بيواهه) (2) نويد حيدر (پٽ) (3) غلام عباس (پٽ) (4) تانيه (ڌيءَ) (5) سهانه (ڌيءَ) (6) سونيا (ڌيءَ) (7) صبيه (ڌيءَ) (8) نوري (ڌيءَ). جڏهن ته اهڙي تصديق ٻن شاهدن هر هڪ نالي: مظفر علي ولد محمد اسماعيل ميربحر ۽ حاجي خان ملاح ولد رسول بخش جن پڻ اسان جي روبرو ڪئي آهي جنهن ڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتيءَ جي مٿين جائز وارثن بابت ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري، مدو گذرڻ بعد ڪوبه اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ قانون موجب فوتي جو مٿين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي در محمد ولد پريو خان ٻاٽي ويٺل ڳوٺ بخش ٻاٽي تعلقو مٽياري اسان جي آفيس ۾ درخوست ڏني آهي ته سندس ڀاءُ نالي محمد سومار ولد پريو خان ٻاٽي جيڪو تاريخ 17-02-2024 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي ڪاٽي تي زرعي زمين ديهه ٻنهوڙڪي ٽپو سلطانپور تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهن جو هيٺين جائز وارثن جي نالي فوتي ڪاٽو تبديل ڪري ڏنو وڃي (1) محمد بخش ٻاٽي (ڀاءُ)، (2) در محمد (ڀاءُ)، (3) محمد حسن (ڀاءُ)، (4) مسمات نسيم (ڀيڻ) (5) مسمات شبانه (بيواهه). درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي سني فقه جو مسلمان هو سندس والد، والده ۽ ٻهرين گهرواري، ڏاڏو، ڏاڏي فوتي جي حياتيءَ ۾ فوت ٿي ويل آهن. اهڙي تصديق ٻن شاهدن نالي (1) نبي بخش ولد محرم خان نائچ (2) غلام علي ولد الهه بچايو سيال جن ڳوٺ پليجاڻي ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسان جي روبرو پڻ ڪئي آهي. جنهن ڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتيءَ جي مٿين جائز وارثن بابت ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري، مدو گذرڻ بعد ڪوبه اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ قانون موجب فوتي ڪاٽو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي محمد صادق ولد الهڏنو منگريو ويٺل ڳوٺ دليل منگريو تعلقو مٽياري، اسان جي آفيس ۾ درخوست ڏني آهي ته سندس والد نالي الهڏنو منگريو ولد قل منگريو جيڪو تاريخ 16-05-2023 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي ڪاٽي تي زرعي زمين ديهه ٻاريجاڻي ٽپو جيٺنل ڪوٽ تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهن جو هيٺين جائز وارثن جي نالي فوتي ڪاٽو تبديل ڪري ڏنو وڃي (1) محمد صادق (پٽ) (2) محمد شريف (پٽ) (3) الهه بچايو (پٽ) (4) اسلم (پٽ) (5) منظور علي (پٽ) (6) محمد مشتاق (پٽ) (7) اصغر علي (پٽ) (8) ابرار احمد (پٽ)، (9)مهرالنساء (ڌيءَ)، (10) سلميٰ (ڌيءَ). درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي سني فقه جو مسلمان هو سندس گهرواري، والد، والده فوتي جي حياتيءَ ۾ فوت ٿي ويل آهن. اهڙي تصديق ٻن شاهدن نالي (1) عبدالحفيظ (2) محرم جن ڳوٺ دليل منگريو ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسان جي روبرو پڻ ڪئي آهي. جنهن ڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتيءَ جي مٿين جائز وارثن بابت ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن جي اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري، مدو گذرڻ بعد ڪوبه اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ فوتي ڪاٽو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار (روينيو) تعلقو مٽياري

عام اطلاع

آئون نالي شفيق الرحمان ولد نذير احمد ڪارڊ نمبر 41102-2496809-3 رهندڙ گولاڙچي تعلقو شهيد فاضل راهو ضلعو بدين هن اشتهار ذريعي هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪريان ته ديهه فتح پور تعلقو شهيد فاضل راهو جي ڪاتيدارن نالي قلقي نثار ولد نثار احمد ميمڻ ۽ نالي عبدالصمد ولد نثار احمد ميمڻ کان زمين زرعي جملي ايراضي (31-23) ايڪڙ خريد ڪري پنهنجي حق ۾ رجسٽري پڻ ڪرائي رهيو آهيان ڪنهن به فرد/ ماڻهو کي ڪوبه اعتراض آهي ته هن اشتهار جي 07 ڏينهن جي اندر رابطو ڪري، ٻي صورت ۾ ڪوبه اعتراض قبول ڪونه ڪيو ويندو

المشتهر: شفيق الرحمان ولد نذير احمد
فون نمبر: 0307-5791328

عام اطلاع

جيئن ته اسان وٽ فوتي قادر بخش ولد علي بخش چوهاڻ جي وارثن درخواست ڪئي آهي ته مٿي نالي وارو فوتي جيڪو روينيو ڊپارٽمينٽ ۾ رٽائرڊ گورنمينٽ ملازم هيو جيڪو تاريخ 30-10-2025 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي وارثي سرٽيفڪيٽ لاءِ فوتي جي وارثن درخواست ڏني آهي جنهن بعد حد جي تپيدار ديهه خدا بخش کان رپورٽ ورتي وئي آهي جنهن سرزمين تي وڃي ڪري ٻن مشيرن جا بيان ورتا جنهن جي رپورٽ ۽ ٻن مشيرن پنهنجي بيان ۾ فوتي جي هيٺيان زنده وارث ظاهر ڪيا آهن تفصيل وارثن جو: (1) اسد علي (فوتي جو پٽ) (2) حرمت خاتون (فوتي جي ڌيءَ) (3) اقصيٰ قادر (فوتي جي ڌيءَ) (4) مسمات منظوران (فوتي جي ڌيءَ) (5) زرينه خاتون (فوتي جي ڌيءَ) (6) مريم خاتون (فوتي جي زال). نوٽ: فوتيءَ جا پيءُ، ماءُ ۽ هڪ گهرواري نالي حضوران زال فوتي جي جيڪي فوتي جي حياتيءَ ۾ ئي فوت ٿي ويل آهن ۽ مٿي ڏيکاريل وارثن کانسواءِ فوتڻ جو ٻيو ڪوبه زنده جائز وارث ڪونه آهي جيڪڏهن ڪوبه وارث ظاهر ٿيو ته درخواست ڪندڙ ۽ ٻئي شاهد مشير قانون موجب ڏوهه جا ڏوهاري ۽ پنهنجي پاڻ کي جوابدار ٻڌل سمجهنداسين ان ڪانپوءِ جيڪڏهن مٿين وارثن يا ڪنهن به ماڻهو کي قانوني اعتراض آهي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ ڪانپوءِ 07 ڏينهن جي اندر پنهنجو دستاويزي ڪاغذات سميت هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ اچي پنهنجو اعتراض پيش ڪري اعتراض پيش نه ڪرڻ جي صورت ۾ فوتي قانون موجب هيئرشپ سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪوبه عذر ٻڌڻ جوڳو نه هوندو

مختيارڪار تعلقو ٺري ميرواهه

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي رستم علي ولد باغ علي ويٺل لڏو چانڊيو هيٺ ڄاڻايل صحيح ڪندڙ کي درخواست ڏني آهي ته سندس والد نالي باغ علي ولد مٺارو تاريخ 16-2-15اتي فوت ٿي ويو آهي فوتي جي زرعي زمين سروي نمبر 87/A13 ايراضي 1-14 ديهه لڏو چانڊيو تعلقو سڪرنڊ ۾ آهي فوتي فوت ٿيڻ وقت هيٺيان وارث ڇڏيا آهن فوتي جي وارثن جا نالا (1) رستم علي (پٽ)(2) غلام علي (3) نواب زادي (ڌي) (4) حليمان (ڌي) (5) حاڪمزادي (ڌي) (6) تهمينا (ڌي) (7) حسينا (ڌي) (8) حميده (ڌي) (9) راجبائي (زال) ٿوت اهڙو ورتل بيان معزز شاهد هر هڪ نالي (1) شير خان ولد علي حسن ويٺل لڏو چانڊيو (2) بچل خان ولد دلاور خان ويٺل لڏو چانڊيو جيڪڏهن فوتي جي مٿي ڄاڻايل وارثن کانسواءِ ڪو به وارث رهيل آهي يا ڪنهن به ماڻهو يا ڪنهن فيملي کي ڪو به اعتراض وغيره هجي ته هو هن اخباري اشتهار جي ڇپجڻ جي بعد 07 ڏينهن جي اندر لکت ۾ پنهنجو اعتراض هيٺ صحيح ڪندڙ جي روبروپيش ڪري ٻي صورت ۾ مدو ختم ٿيڻ بعد قانون موجب فوتي ڪاٽو ڦيرايو ويندو ۽ ڪو به عذر ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار تعلقو سڪرنڊ

لاتعلقي جواظهار

هر عام و خاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته منهنجا پٽ هر هڪ نالي عبدالستار پٽ نظام الدين (2) غلام ياسين ولد نظام الدين سمون ٻئي ويٺل ڳوٺ گهنڊيه تعلقو سڪرنڊ ضلعو شهيد بينظير آباد جيڪي ماڻهن جي صحبت ۾ اچي ڪري منهنجي خلاف ٿي ويا وقت به وقت مون کي تنگ ڪن ٿا ۽ وڙهن ٿا جن جي خلاف مون نوابشاهه جي سيشن ڪورٽ ۾ پروٽڪشن جوڪيس نمبر 4293/2025 داخل ڪيو آهي هن اخباري بيان ذريعي اعليٰ اختيارن متن ماڻهن يارن دوستن کي اطلاع ٿو ڪيان ته اڄ کانپوءِ منهنجو بنهي پٽن سان ڪو به واسطو نه آهي ۽ مان پنهنجي دولت کان زندگي ۾ ئي بنهي کي مڪمل عاق ڪيان ٿو ۽ اعليٰ اختيارن کي اهو عرض رکان ٿو ره مون کي ڪو به نقصان ٿيو ته ان جا ذميوار منهنجا اهي ٻئي پٽ هوندا. هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جيئن وقت ضرورت ڪم اچي سگهي

نظام الدين ولد محمد رمضان ذات سمون رهندڙ گهنڊيه تعلقو سڪرنڊ ضلعو شهيد بينظيرآباد

بقايا 1 فوت

جتي ضروري ڪارروائي بعد فوتن جا لاش وارثن حوالي ڪيا ويا هوڏانهن پوليس ڪارروائي ڪندي ٽرالر ڊرائيور کي گرفتار ڪري ٽرالر کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي. حادثي بعد فوتين جي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو جڏهن ته علائقي ۾ سوڳ واري فضا ڇانئجي وئي آهي آخري اطلاع تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو

بقايا 2 رفيق ٻانڀڻ

ڪائونسل سيٺارجا بالا جي چيئرمين ڊاڪٽر ذاڪر حسين سولنگي جي اڳواڻي ۾ ملندڙ مختلف وفدن سان ملاقات دوران ڳالهائيندي وڌيڪ چيو ته سنڌ جي اندر انتظامي ادارا معذور بڻيل آهن ڪير ڪنهن کان پڇڻ وارو ڪو نه آهي سنڌ جي زراعت کي هٽ تباهه ڪري هارين ۽ آبادگارن کي ڪنگلون ڪيو ويو آهي انهن جي سگهه کي چيهو رسايو ويو آهي هاري،مزدور ٿي روٽ جي وڏي طاقت رکڻ وارو طبقو آهي جيڪي پنهنجي زندگي گذارڻ لاءِ پريشان آهن ته اهي تبديلي آڻڻ جي طرف سوچن ٿي ڪونه ٿا هن وقت ڪمند جو فصل تيار آهي ته ان جو اڳهه آبادگارن کي نه پيو ملي هن چيو ته عوام کي سجاڳ ٿيڻو پوندو ۽ پنهنجي حقن جي حفاظت ڪرڻي پوندي

بقايا 3 دعويٰ

تي ڪٺي آئي ۽ سرڪار پاران جمعدار وزير گوڏنگ جي فرياد تي منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري گرفتار جوابدار کي لاڪپ ڪري ڇڏيو ان موقعي تي ايس ايڇ او عبدالغفور ڏايو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته گرفتار جوابدار مٿان اڳ به3 ڪيس داخل آهن ۽ ڪنهن به منشيات فروش سان ڪا به رعايت نه ڪندس منشيات فروشن خلاف ڪريڪ ڊائون شروع ڪري ڏنو آهي ڪنهن به منشيات فروش سان ڪا به رعايت نه ڪندس

بقايا 4 مجيب صحرائي

دارو بڻايو ويندو، شاگردن کي جديد سهولتون فراهم ڪيون وينديون ۽ تحقيقي ڪلچر کي مضبوط ڪيو ويندو جڏهن ته سماج جي سڀني طبقن سان لاڳاپو رکندڙ ڪامياب شخصيتن کي به دعوت ڏني ويندي، جيڪي تعليم، معاشيات، بينڪنگ، حڪومت، پاليسي سازي، تحقيق، سماجي سائنس، ادب، فنون لطيفه جي شعبن سان وابسته هوندا، ته اهي سنڌ مدرسه يونيورسٽيءَ جي شاگردن سان پنهنجيون ڪاميابيون ۽ ناڪاميون شيئر ڪن جن مان شاگرد سکي سگهن ڊاڪٽر صحرائي چيو ته ان حوالي سان سينيٽر نثار ميمڻ، عارف حسن، ڊاڪٽر عشرت حسين ۽ عبدالله حسين هارون هينئر تائين ليڪچر ڏيئي چڪا آهن جڏهن ته محترمه بشرا انصاري جو ليڪچر پڻ ان سلسلي جو هڪ حصو آهي شاگردن سان بشريٰ انصاري جو تعارف ڪرائيندي ڊاڪٽر مجيب صحرائي چيو ته هوءَ هڪ بهترين اداڪاره، ڪامياب ليکڪ، ڊراما نگار، ٽيليويزن ميزبان ۽ ثقافتي مبصر آهي، جنهن جو غير معمولي ڪيريئر ڇهن ڏهاڪن تي ڦهليل آهي هن وڌيڪ چيو ته هوءَ پاڪستان لاءِ هڪ وڏو اثاثو آهي هڪ تمام گهڻي ورسٽائل ۽ بااثر شخصيت هئڻ سبب ان ٽيليويزن ۽ پرفارمنگ آرٽس ۾ هڪ ممتاز ڪردار ادا ڪيو آهي بشريٰ انصاري چيو ته هن پنهنجي والد، صحافي ۽ ليکڪ احمد بشير جي رهنمائي هيٺ هڪ ادبي گهر ۾ پرورش پاتي سندس والد ئي کيس ڪتابن دانشورانن بحثن ۽ ترقي پسند سياسي خيالن سان روشناس ڪرايو. هن چيو ته اهڙي ماحول سندس سوچ ۽ اعتماد کي شڪل ڏني بشريٰ انصاريءَ مزاحيه انداز ۾ ننڍپڻ ۾ پنهنجي "ٽوم بواءِ" هئڻ جي ڳالهه ڪئي جيڪو وڻن تي چڙهندو هو آزاديءَ سان کيڏندو هو ۽ هڪ غير فلٽر ٿيل سرگرم ننڍپڻ مان لطف اندوز ٿيندو هو پنهنجي پيءُ بابت جذباتي انداز ۾ ڳالهائيندي، هن کيس هڪ اصول پسند انسان قرار ڏنو جيڪو صحافت ۾ بي خوف، سياسي طور تي باشعور ۽ سالميت ۾ سمجهوتو نه ڪندڙ هو. هن چيو ته کيس جيڪڏهن ڪجهه به ورثي ۾ مليو آهي ته اهو سندس والد وارو نظم و ضبط آهي هن چيو ته هن نو سالن جي عمر ۾ اداڪاري شروع ڪئي هئي هن وڌيڪ چيو ته هڪ اهڙو به وقت هئو جو هوءَ هڪ ئي وقت ڊرائيور ٻورچي صفائي ڪندڙ ۽ اداڪاره هئي پر عزم ۽ ڌيان هر شيءِ کي ممڪن بڻايو ٿي خانداني زندگي ۽ پنهنجي ڪيريئر ۾ توازن پيدا ڪرڻ تي ڳالهائيندي هن چيو ته هن هڪ ئي وقت پنهنجي اداڪاري، ڪيريئر گهريلو ذميوارين ۽ پنهنجين ڌيئرن جي پرورش کي سنڀاليو. بشريٰ انصاريءَ نوجوانن کي صلاح ڏيندي چيو ته هو پنهنجن مقصدن لاءِ پرعزم رهن هر ناڪامي کان پوءِ اٿي بيهن ۽ ڪڏهن به پنهنجو ايمان ڪمزور نه ڪن جيڪڏهن توهان ٻيهر نه اٿي بيهندا ته ماڻهو توهان تي قدم رکي لتاڙي هليا ويندا، تنهن ڪري محنت جو ڪو به متبادل ناهي سنڌ مدرسة الاسلام يونيورسٽي جي اسسٽنٽ پروفيسر ڊاڪٽر ثميره ميمڻ سيشن ماڊريٽ ڪيو جڏهن ته ميجر (ر) آفتاب لوڌي ۽ مئنيجر اسٽوڊنٽ افيئرز مسز زنيرا جلالي پڻ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو پروگرام جي آخر ۾ ڊاڪٽر مجيب صحرائيءَ مهمانن کي شيلڊون ڏنيون هن پروگرام ۾ يونيورسٽيءَ جي ڊينس، مختلف شعبن جي چيئرپرسنس، آفيسرن شاگردن ۽ ٻين مهمانن شرڪت ڪئي

بقايا 5 روڊ بلاڪ

جي ضلعي اڳواڻ علي اڪبر پوٽ ترقي پارٽي جي اڳواڻ عبدالستار ٻرڙو واپارين لطيف آفريدي هريرام ٻزرگ ادريس حسين باجواه ڊاڪٽر خالد محمود آرائين مرزا امجد بيگ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سوين شهرين واپارين دوڪاندارن پورهيتن احتجاجي مظاهرو ڪرڻ بعد مين روڊ تي ڌرڻو هڻي ڪن ڪلاڪن تائين روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو جنهن دوران گاڏين جون قطارون لڳي ويون انهيءَ موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته اسان حدخلين جي نالي تي ڪوسڪي جي سڄي شهر کي ڊاهڻ نه ڏينداسين هي سياسي مسئلو ناهي هي شهر جي سڀني ماڻهن جو بنيادي مسئلو آهي صرف حڪمرانن جي هڪ مخصوص ٽولي کي فائدو پهچائڻ لاءِ اهو ظلم ڪيو پيو وڃي اسان ائين هرگز ڪرڻ نه ڏينداسين جنهن بعد انتظاميا شهرين جي مزاحمت کي سامهون ڏسي پنهنجي فيصلي ۾ تبديلي آڻي 70 فوٽ روڊ جي حد مقرر ڪري شهرين کي راضي ڪري ورتو جنهن بعد حدخلين هٽائڻ واري ڪارروائي شروع ڪئي وئي.

بقايا 6 صحيحون

جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي ان سلسلي ۾ پاڪستان ايگريڪلچرل ريسرچ ڪائونسل (PARC) ۽ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور وچ ۾ پنجن سالن لاءِ تاريخي مفاهمتي يادداشت (MoU) تي صحيحون ڪيون ويون آهن.ان حوالي سان قومي خوراڪ تحفظ ۽ تحقيق بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جي ڊيلي ڪميٽي جو ٻيون اجلاس شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي وائس چانسلر سيڪريٽريٽ ۾ ٿيو جنهن جي صدارت ڪنوينر سيد جاويد علي شاهه جيلاني ايم اين اي ڪئي اجلاس دوران ايجنڊا موجب PARC ۽ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي جي باهمي سهڪار سان ڊيٽ پام ريسرچ انسٽيٽيوٽ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ معاهدي تي باضابطه صحيحون ڪيون ويون جنهن تي يونيورسٽي جي وائس چانسلر ميرڪورس پروفيسر ڊاڪٽر يوسف خشڪ ۽ PARC جي چيئرمين ڊاڪٽر سيد مرتضيٰ حسن اندرابي صحيحون ڪيون. هي معاهدو خيرپور ۽ آسپاس وارن علائقن ۾ کجور جي شعبي کي نئين سر ترقي ڏيڻ جي حڪمت عملي جو اهم حصو آهي ان موقعي تي ڪنوينر سيد جاويد علي شاهه جيلاني چيو ته تحقيق اهڙي هئڻ گهرجي جيڪا فصلن جي پيداوار وڌائي، موسمياتي تبديليءَ کي منهن ڏيڻ واري ٽيڪنالاجي متعارف ڪرائي ۽ هارين جي روزگار کي موسمياتي تبديلي جهڙن چئلينجن کان محفوظ بڻائي جنهن جا اهم مقصد اعليٰ معيار جي کجور جي قسمن جي جاچ ۽ افزائش، پيداوار ۾ بهتري، فصل لهڻ کان پوءِ (پوسٽ هارويسٽ) ٽيڪنالاجيز جي ترقي ۽ ويليو ايڊيشن شامل آهن ڪميٽي جي ميمبرن ايم اين ايز سيد ابرار علي شاهه، نذير احمد بگهيو ۽ ذوالفقار علي ٻن متفق طور تي انهن قدمن کي ساراهيو ۽ چيو ته سنڌ ۾ زرعي تحقيق کي وڌيڪ مضبوط ڪيو وڃي ته جيئن هارين ۽ ملڪ کي فائدو پهچي.

بقايا 7 مطالبو

دوران انهن انصاف جو مطالبو ڪيو احتجاج ڪندي محمد هارون شاهه ميڊيا کي ٻڌايو ته لڳ ڀڳ 20 ڏينهن اڳ، سندس زال ثمينه هارون ناراض ٿي وئي ۽ پنهنجن ٽن ٻارن سان گڏ گهر ڇڏي وئي سندس چوڻ موجب، سندس ماءُ پنهنجي زال کي قائل ڪرڻ ۽ کيس گهر واپس آڻڻ لاءِ ثمينه جي گهر وئي ته جيئن معاملو خوش اسلوبي سان حل ٿي سگهي محمد هارون شاهه چيو ته هر گهر ۾ ننڍا وڏا تڪرار ٿيندا آهن پر ان جي باوجود، هن صلح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هن الزام لڳايو ته هن موقعي تي سندس زال ثمينه ۽ سندس ڀائرن سندس ماءُ سان بدسلوڪي ڪئي، کيس گهر مان ڪڍي ڇڏيو ۽ توهين آميز سلوڪ ڪيو محمد هارون شاهه موجب، واقعي کان ٿوري دير بعد، سندس ٽن سالن جو پٽ، چار نامعلوم ماڻهن سان گڏ، زبردستي سندس گهر ۾ داخل ٿيو جتي هن تي موٽمار حملو ڪيو ويو ۽ بدترين تشدد ڪيو ويو محمد هارون شاهه چيو ته جڏهن کيس موقعو مليو ته هو اتان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو پر جڏهن هو بعد ۾ گهر موٽيو ته هن ڏٺو ته گهر ۾ سمورو سامان ٽڙيل پکڙيل هو جاچ ڪرڻ تي معلوم ٿيو ته 45 هزار رپيا نقد، اڍائي تولا سون جا زيور هڪ موبائل فون ۽ رڪشا جيڪو هو گذر سفر ڪندو هو سڀ ڪجهه کڻي ويو آهي متاثر شخص چيو ته هن سنگين واقعي کان پوءِ هن لاڳاپيل پوليس اسٽيشن ۾ رپورٽ داخل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر پوليس مبينا طور تي رپورٽ داخل ڪرڻ کان انڪار ڪيو جنهن سبب هو سخت ذهني پريشاني ۽ پريشاني کي منهن ڏئي رهيو آهي محمد هارون شاهه چيف جسٽس آف پاڪستان، سنڌ جي وڏي وزير، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي سکر کي پرزور اپيل ڪئي آهي ته سندس گهر مان لٽيل نقد رقم، زيور، موبائل فون ۽ رڪشا فوري طور تي واپس ڪيا وڃن، واقعي ۾ ملوث جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ڪيس ۾ سندس ماءُ کي مڪمل تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي. هن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن سندس زال ثمينه هارون واپس اچڻ چاهي ٿي ته سندس گهر جا دروازا اڃا تائين سندس لاءِ کليل آهن ٻي صورت ۾ گهٽ ۾ گهٽ سندس ٽي ٻار کيس واپس ڪيا وڃن ته جيئن هو هڪ پيءُ جي حيثيت سان پنهنجون ذميواريون پوريون ڪري سگهي.

بقايا 8 چوريون

ڏسي واپارين حد جي مارڪيٽ ٿاڻي جي پوليس کي اطلاع ڏنو جنهن تي پوليس پهچي واقعي بابت تفصيل وٺي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي ان حوالي سان متاثر دڪاندارن ميڊيا کي ٻڌايو ته گذريل رات دير سان نامعلوم چورن اشرف غلام حيدر شيخ جي ڪرياني دڪان مان ساڍا 8 لک روپيا، حاجي محمد پريل شيخ جي ڪرياني دڪان مان لکين روپيا، عامر جي ڪنفيڪشنري دڪان مان ساڍا 3 لک، ذوالفقار علي شيخ جي ڪنفيڪشنري دڪان مان 3 لک روپيا، ارشاد احمد شيخ سيٺ ڪارپوريشن ۽ احمد علي شيخ جي صابڻ جي دڪان مان لکين روپيه چوري ڪري فرار ٿي ويا آهن جڏهن ته چوري ٿيل رقم 25 لک روپين کان وڌيڪ آهي جيڪا چوري ٿي آهي هنن چيو ته اسان دڪاندار جيلس بازار ۾ پنهنجو ڪاروبار ڪندا آهيون پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته اسان لاڙڪاڻي جا واپاري غيرمحفوظ بڻيل آهيون پوليس ڏوهارين خلاف ڪارروائي ڪرڻ بجاءِ ٿاڻن تائين محدود آهي هنن مطالبو ڪيو ته جلد کان جلد چورن کي گرفتار ڪري چوري ٿيل لکين روپيا واپس ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي ٻي صورت احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي.

بقايا 9 مظاهرو

ڪئي سخت نعريبازي ڪئي جڏهن ته انصاف جي حق ۾ ۽ وڪيل نصير ڪهلوڙي خلاف آواز بلند ڪيا ويا ان موقعي تي مظاهرين چيو ته قمبر شهدادڪوٽ ۾ وڪيل نصير ڪهلوڙي جوڻيجو برادري جي بيگناهه ماڻهن تي فائرنگ ڪئي ۽ کين تشدد جو نشانو بڻايو جنهن سبب علائقي ۾ خوف ۽ دهشت ڦهلجي وئي هنن چيو ته اهو عمل نه رڳو قانون جي کليل ڀڃڪڙي آهي پر وڪالت جهڙي مقدس پيشي تي به بدنما داغ آهي احتجاجي مظاهري کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته هڪ وڪيل جو هٿيار کڻي طاقت جو استعمال ڪرڻ انتهائي قابل مذمت عمل آهي جيڪو سماج ۾ قانون جي بالادستي تي سنجيده سوال اٿاري ٿو هنن الزام هنيو ته واقعي کي ڪافي وقت گذرڻ باوجود اڃا تائين جوابدار خلاف ڪا به اثرائتي قانوني ڪارروائي عمل ۾ نه آندي وئي آهي جيڪا سراسر ناانصافي آهي مظاهرين مطالبو ڪيو ته واقعي جو فوري نوٽيس ورتو وڃي وڪيل نصير ڪهلوڙي خلاف ڪيس داخل ڪري شفاف جاچ ڪئي وڃي ۽ جوابدارن کي قانون مطابق سخت سزا ڏني وڃي هنن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن جوڻيجو برادري کي انصاف نه مليو ته احتجاج جو دائرو سڄي سنڌ ۾ وڌايو ويندو آخر ۾ مظاهرين پرامن نموني احتجاج ختم ڪيو ۽ اعليٰ عدالتي توڙي سرڪاري اختيارين کان فوري انصاف فراهم ڪرڻ جي اپيل ڪئي

بقايا 10 منعقد

ورڪشاپ سول اسپتال ڪراچي جي آرٿوپيڊڪ ڊپارٽمينٽ جي ماهرن جي سهڪار سان منعقد ڪئي وئي، جيڪا پنهنجي نوعيت جي لحاظ کان سکر ۾ پهرين باقاعده ۽ منظم تربيتي پروگرام هئي. ورڪشاپ دوران نه رڳو ڊي ڊي ايڇ بابت تفصيلي ڄاڻ فراهم ڪئي وئي، پر ڊاڪٽرن کي جديد اسڪريننگ طريقن، وقت سر تشخيص ۽ عمر مطابق علاج جي عملي تربيت پڻ ڏني وئي ورڪشاپ جو بنيادي مقصد هن خاموش پر خطرناڪ پيدائشي بيماري جي وقت سر سڃاڻپ کي يقيني بڻائڻ هو جيئن مستقبل ۾ ٻارن کي مستقل معذوري، لنگڙاپڻ ۽ مهانگين ۽ پيچيده سرجريز کان بچائي سگهجي.وقت سر تشخيص نه ٿيڻ جا سنگين نتيجا ورڪشاپ کي خطاب ڪندي آرٿوپيڊڪ ڊپارٽمينٽ جي سربراهه ڊاڪٽر عزيز الله پيو چيو ته ڊي ڊي ايڇ هڪ اهڙي پيدائشي بيماري آهي جنهن ۾ ٻار جي هپ جوجوڙ پنهنجي قدرتي جاءِ تي صحيح نموني موجود نه هوندو آهي جيڪڏهن هن بيماري جي وقت سر تشخيص نه ڪئي وڃي ته ٻار وڏو ٿي سخت جسماني معذوري لنگڙاپڻ ۽ دائمي مسئلن جو شڪار ٿي سگهي ٿو هن وڌيڪ ٻڌايو ته ڊي ڊي ايڇ هڪ بغير سور (Painless)ڊيفارمٽي آهي، تنهن ڪري والدين اڪثر شروعاتي مرحلي ۾ هن بيماري کي محسوس نٿا ڪن عام طور تي هي مسئلو تڏهن ظاهر ٿيندو آهي جڏهن ٻار هلڻ شروع ڪري ٿو ۽ ان مرحلي تي علاج انتهائي مشڪل مهانگو ۽ ڪڏهن ڪڏهن پيچيده سرجري جو تقاضو ڪندو آهي. ورڪشاپ جا اهم تربيتي نڪتا ڊاڪٽر عزيز الله پيو موجب ورڪشاپ دوران هيٺين موضوعن تي تفصيلي سيشنز منعقد ڪيا ويا:

بقايا 11 احتجاج

ٿيل آهن پر پوليس هڪ به جوابدار گرفتار ناهي ڪيو گذريل 14 سالن کان تڪرار هلي رهيو آهن جوابدار آزاد گهمي رهيا جيڪي ڪيس تان هٽ ڪرائڻ لاءِ اسان کي موٽمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن هنن آئي جي سنڌ پوليس، ڊي آئي جي سکر، ايس ايس پي گهوٽڪي ۽ ٻين وس وارن اپيل ڪندي چيو آهي ته مقتولن جي قاتلن کي گرفتار ڪري اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 12 عرس

ته اسان جي سنڌ ڌرتي ولين . اوليائين ۽ درويشن جي سرزمين آهي جن هميشه پيار امن محبت ۽ ڀائيچاري جو درس ڏنو آهي هر سال جيان هن سال به سوامي پرمانند پوري جو ميلو ڌام ڌوم سان ملهايو پيو وڃي هنن چيو ته هي عرس روحانيت جو سفر آهي جو ته سوامي پرمانن پوري پنهنجي لکڻين . شاعر ۽ ڪتابن ۾ به انسانيت ۽ امن جو درس ڏنو آهي جنهن سان روحاني منزلن کي ماڻڻ سان گڏوگڏ انسانيت جي خدمت سان ئي زندگي ۽ آخرت ۾ سڌارو ٿيندو هنن وڌيڪ چيو ته سوامي پرمانند پوري سڄي زندگي انسانيت جي خدمت ڪئي هن سنڌي . هندي . اردو . گجراتي . سنسڪرت ٻولين ۾ شاعري ڪئي سندس زندگي اسان لاءِ هڪ انمول خزاني جيان آهي اسان کي گهرجي ته سندس زندگي مان سبق سکون جنهن سان روح جو سڪون ۽ خدا کي راضي ڪري سگهون

بقايا 13 احتجاج

جي ايس ايڇ او مختيار ملڪاڻي پوليس اڪالا ساڻ ڪري شهر جي مک جناح باغ چوڪ تي واقع قاضي پيٽرول پمپ تي چڙهائي ڪري پمپ جي چوڪيدار پورهيت نور احمد جمالي کي بيگناهه گرفتار ڪرڻ سان گڏ تقريبن 7 لک روپيا روڪ رقم جي ڦرلٽ ڪري ويو آهي جڏهن ته پوليس غريب مسڪين پورهيت مٿان ڪوڙو ڪيس پڻ داخل ڪيو آهي جيڪا سراسر ناانصافي آهي هنن چيو ته ڄاڻايل ايس ايڇ او شراب جي نشي ۾ ڌت هو جنهن ورديءَ جي زور تي پيٽرول پمپ جي ٻين پورهيت سان ماري ڪرڻ سان گڏ کين ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏيندو رهيو جنهن عمل جي اسين سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيئرمين پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري، صوبائي گهرو وزير ضياء الحسن لنجار، آءِ جي سنڌ سميت لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي، ايس ايس پي ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ٿا ڪيون ته معاملي جو نوٽيس وٺي مارڪيٽ ٿاڻي جي ايس ايڇ او خلاف ڪارروائي ڪرڻ سان گڏ گرفتار پورهيت کي آزاد ڪرائي ڦر ڪيل رقم واپس ڪرائي انصاف ڪيو وڃي، ٻي صورت احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 14 اعلان

آپريٽر جي حيثيت سان او جي ڊي سي نيشيا بلاڪ ۾ کوهه ۾ 65 سيڪڙو حصو رکي ٿو جڏهن ته پي پي ايل ۽ گورنمينٽ هولڊنگز ترتيب وار 30 ۽ 5 سيڪڙو حصو رکي ٿو تفصيلن موجب، هي دريافت نيشيا بلاڪ ۾ او جي ڊي سي جي مسلسل ۽ اثرائتي ڳولا جي حڪمت عملي جو نتيجو آهي ۽ برڳزئي ايڪس-1 (سلنٽ) کوهه جي کوٽائي 30 ڊسمبر 2024 تي شروع ڪئي وئي هئي ۽ ڪانگريالي فارميشن ۾ 5,170 ميٽر جي ڪل کوٽائي تائين کوٽائي ڪئي وئي هئي اوپن هول وائر لائن لاگ ڊيٽا جي ٽيڪنيڪل بنيادن جي بنياد تي ڏٽا فارميشن ۾ هڪ ڪيسڊ هول ڊرل اسٽيم ٽيسٽ (DST-02)ڪيو ويو ٽيسٽ دوران کوهه 3,880 پائونڊ في چورس انچ جي وهڪري جي دٻاءُ ۽ 32/64 انچ چوڪ تي روزانو 4,100 بيرل تيل ۽ 10.5 ملين معياري ڪيوبڪ فوٽ گئس پيدا ڪري رهيو آهي نئين دريافت ملڪ ۾ ملڪي طور تي موجود توانائي وسيلن کي وڌائي قومي توانائي جي فراهمي ۽ طلب جي فرق کي ختم ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي ۽ او جي ڊي سي جي هائيڊرو ڪاربن ذخيرن کي وڌيڪ مضبوط ڪندي پاڪستان جي توانائي سيڪيورٽي مقصدن کي حاصل ڪرڻ ۾ پڻ حصو وٺندي او جي ڊي سي ملڪ ۾ تيل ۽ گئس جي وڌيڪ ذخيرن کي دريافت ڪرڻ جي ڪوشش جاري رکندي پاڪستان کي مضبوط معيشت ۽ قابل اعتماد توانائي فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي

بقايا 15 ڇڪتاڻ

عبدالعليم مهيري کي جلد کان جلد بازياب نه ڪرايو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو پرامن ڌرڻي دوران اوچتو صورتحال تڏهن خراب ٿي وئي جڏهن گولاڙچي پوليس، ڊي ايس پي رحيم بخش خاصخيلي ۽ ايس ايڇ او انور لغاري جي اڳواڻي ۾ ڌرڻي تي ڪاهه ڪئي پوليس طرفان ڇتي فائرنگ ۽ شيلنگ ڪئي وئي، جنهن بعد مظاهرين پاران پڻ پٿراءُ ڪيو ويو ان دوران ڪيترين ئي گاڏين جا شيشا ٽٽي پيا، جڏهن ته علائقو ميدان جنگ جو منظر پيش ڪرڻ لڳو ۽ ماڻهو خوفزده ٿي ڀڄندا رهيا. واقعي دوران پوليس طرفان شاگرد جي والد محمد ابراهيم مهيري ۽ نور محمد مهيري کي گرفتار ڪيو ويو جيڪي بعد ۾ ڇڏايا ويا. آزادي بعد محمد ابراهيم مهيري ۽ نور محمد مهيري ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سندن پٽ بيگناهه آهي ۽ سندس ڪٿي گم ٿيڻ بابت پوليس سنجيده ڪردار ادا ڪرڻ بدران احتجاج ڪندڙن تي تشدد ڪيو هنن چيو ته پوليس ڪارروائي سراسر ظلم آهي ۽ جيڪڏهن عبدالعليم مهيري کي جلد بازياب نه ڪرايو ويو ته هو احتجاج جاري رکندا. ڌرڻي ۾ شريڪ اڳواڻن پوليس فائرنگ، شيلنگ ۽ ڪارڪنن جي گرفتاري جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي مطالبو ڪيو ته شاگرد عبدالعليم مهيري کي فوري طور بازياب ڪرايو وڃي

بقايا 16 ظاهر

بلوچ ۽ ڊي ايڇ او سانگهڙ دولت جمالي جي طرفان شهدادپور ڊي ايس پي آفيس ۾ سرهاڙي لنڊو دريا خان رند ٿاڻي کانسواءِ شهدادپور پوليس جي 384 پوليس اهلڪارن جي هيپاٽائيٽس بي سي ايڇ آئي وي ٽيسٽون ڪيون ويون جنهن ۾ 22پوليس اهلڪارن کي هيپاٽائيٽس سي ظاهر ٿي ان موقعي تي ڊائريڪٽر سمس اسپتال ڊاڪٽر بشير احمد جمالي ڊي ايس پي شهدادپور مير جاويد ٽالپر پاران ڪئمپ جو جائزو وٺندي چيو ته ڪئمپ لڳائڻ جو مقصد سنڌ پوليس فورس جي جوانن جي چڪاس ۽ بيماري جي خبر پئجي سگهي ۽ انهن جي سرڪاري سطح تي علاج ڪرائي سگهجي ان موقعي تي ڊاڪٽر اسلم چنو ڊاڪٽر عرفان ڳرواڻ ۽ سندن ٽيم پوليس اهلڪارن جون ٽيسٽون ڪيون

بقايا 17 تقريب

ويجهو ڳوٺ علڻ خان ڪوسو ۾ سينئر هاءِ اسڪول استاد الله ڏنو ڪمبوه جي رٽائرمينٽ تي منعقد ڪيل تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو تقريب ۾ تعلقي ايجوڪيشن آفيسر پرائمري ٽنڊو باگو امتياز پان اڳوڻي تعلقي ايجوڪيشن آفيسر عبدالرزاق خاصخيلي گستا ضلعي بدين جي سينئر نائب صدر محمد حنيف ملاح، تعلقي ٽنڊو باگو جي صدر قائم علي ڪوسو بدين ضلعي جي پ ٽ ا اڳواڻ ذوالفقار علي رند، علي اڪبر چانڊيو جماعت اسلامي اڳواڻ عبدالڪريم بليدي ۽ ٻين مقررن عبدالرشيد ڪمبوهه، خالد محمود آرائين گل حسن پوٽ، ولي محمد ملڪ ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته اڄ اسين هتي هڪ معزز استاد جي خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيا آهيون جنهن پنهنجي زندگي جا قيمتي سال علم جي شمع روشن ڪندي گذاريا. استاد جي رٽائرمينٽ اصل ۾ ڪم تان رخصتي نه پر هڪ سفر جو اختتام آهي جيڪو نسلن جي تعمير تي مشتمل آهي الله ڏنو ڪمبوهه نه رڳو شاگردن کي نصابي علم ڏنو پر اخلاقيات، نظم و ضبط، محنت ۽ سچائي جهڙا قيمتي اصول پڻ سيکاريا آخر ۾، الله ڏنو ڪمبوهه تقرير ڪندي اسڪول جي عملي ۽ ٻين استادن جو بهترين تقريب منعقد ڪرڻ تي شڪريو ادا ڪيو ۽ تقريب ۾ ملندڙ موٽ کي پنهنجي لاءِ اعزاز قرار ڏنو

بقايا 18 گرفتار

سالن جو نيڪ محمد، ڪورنگي نمبر 5 ويجهو 20 سالن جو احمد ۽ پاڪ ڪالوني وڏو بورڊ چمن سينيما ويجهو 30 سالن جو محمد اسلم شامل آهن ڇيپا فائونڊيشن جي ترجمان چيو ته ڪورنگي علائقي جي مارڪيٽ ويجهو نامعلوم طرف کان ايندڙ گولي لڳڻ سان 11 سالن جي ماهه جبين زخمي ٿي اعظم بستي گلي نمبر 13 جي ويجهو نامعلوم طرف کان ايندڙ گولي لڳڻ سان 35 سالن جي خالق مسيح زخمي ٿيو ۽ صفورا چورنگي جي ويجهو نامعلوم طرف کان ايندڙ گولي لڳڻ سان 7 سالن جي فريحا زخمي ٿي ساڳئي طرح نارٿ ناظم آباد بلاڪ آئي امام ڪلينڪ جي ويجهو اڻڄاتل طرف کان ايندڙ گولي لڳڻ سان 16 سالن جو شام ڪمار زخمي ٿيو جوهر موڙ جي ويجهو 65 سالن جو حاجي ظهير زخمي ٿيو لياري ڪالا ڪوٽ جي ويجهو 45 سالن جو جان بهادر زخمي ٿيو ۽ لياقت آباد 420 هوٽل جي ويجهو 18 سالن جو فيضان زخمي ٿيو منظور ڪالوني ۾ شاليمار بيڪري ويجهو هڪ شخص انڌي گولي لڳڻ سان زخمي ٿيو جنهن جي سڃاڻپ 71 سالن جي سلامت گل جي نالي سان ٿي ۽ قيوم آباد ويجهو هڪ عورت انڌي گولي لڳڻ سان زخمي ٿي گلزار هجري سڪندر ڳوٺ ويجهو هڪ عورت زخمي ٿي لياري جونا مسجد ويجهو هڪ مرد اڻڄاتل طرف کان گولي لڳڻ سان زخمي ٿيو لانڍي ايريا حسيني امام بارگاهه ويجهو هڪ عورت زخمي ٿي جڏهن ته ڪورنگي نمبر 5 ويجهو 8 سالن جي فاريه زخمي ٿي سڄل گلزار هجري ۾ 45 سالن جي شميم نالي هڪ عورت اڻڄاتل طرف کان گولي لڳڻ سان زخمي ٿي ۽ لانڍي نمبر 6 جو 18 سالن جو محمد حسين اڻڄاتل طرف کان گولي لڳڻ سان زخمي ٿيو ڪشمير روڊ ويجهو هڪ شخص زخمي ٿي پيو جنهن جي سڃاڻپ 34 سالن جي شهزاد جي نالي سان ٿي گارڊن پي ايس او پمپ ويجهو هڪ شخص گولي لڳڻ سبب زخمي ٿي پيو جنهن جي سڃاڻپ 44 سالن جي احمد جي نالي سان ٿي ريسڪيو ذريعن موجب، طارق روڊ نوراني ڪباب هائوس ويجهو هڪ گولي لڳڻ سبب ٻه ماڻهو زخمي ٿيا، جن جي سڃاڻپ 30 سالن جي فراز ۽ 25 سالن جي سفيان جي نالي سان ٿي ڪراچي ۾ اڻڄاتل طرفن کان فائرنگ ۾ زخمي ٿيندڙ ماڻهن کي عباسي جناح ۽ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو ٻئي پاسي پوليس شهر جي مختلف علائقن ۾ نئين سال جي موقعي تي هوائي فائرنگ جي الزام ۾ 59 ماڻهن کي گرفتار ڪيو آهي ۽ انهن کان هٿيار هٿ ڪيا آهن ايس ايس پي ضلعي سينٽرل ذيشان صديقي موجب خواجه اجمير نگري پوليس نئين سال جي موقعي تي هوائي فائرنگ ۾ ملوث هڪ جوابدار محمد سليمان کي گرفتار ڪيو ۽ غير قانوني هٿيار هٿ ڪيا هن چيو ته گلبرگ پوليس هوائي فائرنگ جي الزام ۾ 3 ماڻهن عثمان، بلال ۽ بلاول کي گرفتار ڪيو ۽ غير قانوني هٿيار هٿ ڪيا هن چيو ته يوسف پلازه پوليس هوائي فائرنگ جي الزام ۾ 5 جوابدارن کي گرفتار ڪيو جوهر آباد پوليس 2 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ۽ سپر مارڪيٽ پوليس هوائي فائرنگ جي الزام ۾ هڪ جوابدار کي به گرفتار ڪيو پوليس چيو ته قائد آباد پوليس مظفر آباد ڪالوني تي ڇاپو هنيو ۽ هوائي فائرنگ ۾ ملوث جوابدار سلمان کي گرفتار ڪيو ۽ 30 بور پسٽول گوليون ۽ خرچ ٿيل گولا هٿ ڪيا. گلشن معمار پوليس نئين سال جي موقعي تي هوائي فائرنگ ڪندڙ جوابدار ولي محمد کي گرفتار ڪري هٿيار هٿ ڪيا. پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته ضلعي سينٽرل پوليس هوائي فائرنگ ۾ ملوث 19 ملزمن کي گرفتار ڪيو جڏهن ته ضلعي اوڀر پوليس 17 ملزمن کي حراست ۾ ورتو ساڳئي طرح ضلعي سٽي پوليس ڪارروائي ڪندي 7 ملزمن کي گرفتار ڪيو پوليس ٻين ضلعن ۾ به بروقت قدم کنيا. هوائي فائرنگ ۾ ملوث 6 ملزمن کي ملير ضلعي مان گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته 3 ملزمن کي اولهه ضلعي مان حراست ۾ ورتو ويو ڪورنگي پوليس 2، ضلعي ڏکڻ پوليس 3 ۽ ڪياماڙي ضلعي پوليس 2 ملزمن کي گرفتار ڪيو پوليس اختيارين موجب، گرفتار جوابدارن جي قبضي مان هٿيار به هٿ ڪيا ويا آهن جڏهن ته انهن خلاف ڪيس داخل ڪيا ويا آهن ۽ وڌيڪ قانوني ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي پوليس جو چوڻ آهي ته هوائي فائرنگ هڪ سنگين ڏوهه آهي جيڪو قيمتي انساني جانين جي نقصان جو سبب بڻجي سگهي ٿو تنهن ڪري ان خلاف زيرو ٽالرنس پاليسي اختيار ڪئي وئي آهي

بقايا 19 ملهائي وئي

ڪرائي دعائون گهريون ويون ورسي تقريب ۾ سياسي سماجي اڳواڻن شهرين معززين ۽ برادري جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جڏهن ته ورسي تقريب ۾ رٽائرڊ ڊي ايس پي صوفي قربان ملاح واپاري اڳواڻ حاجي اسماعيل ميمڻ سينئر صحافي سيد ميرادشاهه اديب ۽ صحافي عثمان پنهور رئيس اعظم خان رند رئيس غلام مرتضيٰ خان رند گل حسن رند رئيس حاجي اسماعيل خان رند استاد اڳواڻ الله بچايو رند سائين محمد رند پ پ سٽي بلاڪ جو صدر محمد حسن عرف پيو ميمڻ سيد منصوب ڪاظمي پريس ڪلب بلاڪ شاهه ڪريم سرپرست اعليٰ الهيار عرف ياري رند پريس ڪلب جو صدر محمد يعقوب سليو يوسي بلاڪ جو چيئرمين يار محمد لاشاري يوسي حاجي محمد جت جو چيئرمين عبدالڪريم جت پ پ اڳواڻ عبدالعليم مگسي رئيس اشرف جتوئي مگسي قومي اتحاد جو اڳواڻ رئيس ممتاز خان رند ڊاڪٽر اسلم رند امجد علي رند مولوي ناظم علي جعفري اصغر جتوئي شعيب جت ظفر وڙائچ مختيار ڪوسو .ذوالفقار بگهيو .نظير ڪوسو ۽ ٻين هزارن جي تعداد ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي ان موقعي تي تقريب خطاب ڪندي قربان ملاح سيد مير بادشاهه ۽ ٻين چيو ته رئيس خان محمد رند هڪ باڪردار ۽ دلير انسان هئا مظلومن جو پرڇهلو هو يارن جو يار هو ان ڪيل خدمتون ڪنهن کان به لڪل ناهن اڄ ان جي 12 هين ورسي آهي مرحوم خان محمد رند جا فرزند جس لهن جيڪي هر سال پنهنجي والد جي ياد ۾ ورسي ملهائن ٿا ان موقعي تي مرحوم رئيس خان محمد رند جي فرزندن رئيس زاهد خان رند ۽ شهمير خان رند پنهنجي خطاب ۾ چيو ته بابا سائين اسان کي هميشا نصيحتون ڪندا هئا ته ڪنهن سان به ناجائزي نه ڪجو غريبن مسڪين ماڻهن ۽ برادري جي ماڻهن جا هٿ ڏوڪي ٿي منهنجو نالو روشن ڪجو بابا جي نقش قدم تي هلي ڪري ان جي ڏنل سبق تي عمل ڪري رهيا آهيون اڄ بابا جي 12 هين ورسي آهي بابا جي ياد کي تازا ڪرڻ لاءِ اسان هر سال ورسي ملهائيندا آهيون. جڏهن ته ان موقعي تي سوين ماڻهن ۾ في سبيل الله خيرات جي مانيءَ پڻ تقسيم ڪئي وئي.

بقايا 20 سالگرهه

پيش ڪيون ويون تقريب ۾ حيدرآباد هاءِ ڪورٽ سان لاڳاپيل سينئر توڙي جونيئر وڪيلن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي وڪيل اڳواڻن ايڊووڪيٽ عشرت لوهار جي قانوني خدمتن، وڪيلن جي ڀلائي لاءِ ڪيل جدوجهد ۽ بار ايسوسيئيشن جي مضبوط ڪردار بابت خيالن جو اظهار ڪيو تقريب کي خطاب ڪندي مقررن چيو ته ايڊووڪيٽ عشرت لوهار هميشه وڪيلن جي مسئلن جي حل لاءِ اڳڀرو رهيو آهي ۽ هن پنهنجي قيادت دوران هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن کي هڪ مضبوط ۽ متحرڪ اداري طور منظم ڪيو آهي وڪيلن جو چوڻ هو ته عشرت لوهار جي قيادت ۾ وڪيلن جي حقن عزت ۽ وقار جي تحفظ لاءِ نمايان قدم کنيا ويا آهن تقريب دوران شرڪت ڪندڙ وڪيلن پاران عشرت لوهار لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو ويو ۽ سندس ڊگهي عمر سٺي صحت ۽ ڪامياب قانوني زندگي لاءِ دعائون ڪيون ويون

بقايا 21 احتجاج

2026ع جي شروعات حيدرآبادپريس ڪلب جا رستا احتجاج کان خالي رهيا حيدرآباد پريس ڪلب آڏو احتجاجن جي ڪوريج ڪرڻ وارا صحافي توڙي فوٽو گرافر به نئين سال جي پهرين ڏينهن خوشگوار لمحن ۾ نئين سال 1جنوري سال 2026ع جو پهرين ڏينهن دلچسپ ڪڇهرين ٽهڪن کان وٺي نئين سال جي پهرين ڏينهن کي خوب انجوائي ڪري ڏهاڙي کي يادگار بڻائي ڇڏيو

بقايا 22 فوت

اسپتال حيدرآباد پهچايو ويو جتي هو فوت ٿي ويو. فوتي جو لاش ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو

بقايا 23 مچ ڪچهري

خاصخيلي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندي محفل مچائي ڇڏي جڏهن ته پانسري نواز عرفان ۽ ارباب ڪوسي پڻ خوب داد حاصل ڪيو انهي موقعي تي مچ ڪچهري ۾ شهر جي سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن سميت قومپرستن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ٻئي طرف مچ ڪچهري جو پروگرام آرگنائيز ڪندڙ سوشل ورڪر مددگار گروپ جي سرواڻ تابع علي قمبراڻي ٻڌايو ته مددگار گروپ پاران منعقد ڪيل مچ ڪچهري ۾ ثقافتي ويچار سگهڙن جي ٻولي ۽ نئين سال جون امنگون هن ڪچهري جو خاص مرڪز رهيون ان چيو ته هن ڪامياب پروگرام جي پويان مددگار گروپ جي مڙني دوستن جي اڻٿڪ محنت، خلوص ۽ پنهنجي ڌرتيءَ سان لڳاءُ شامل آهي.ان وڌيڪ چيو ته ثقافت ئي قومن جي سڃاڻپ آهي ۽ جڏهن نوجوان پنهنجي ورثي جي مالڪي ڪن ٿا ته مستقبل روشن نظر اچي ٿو شهرين جو تعاون رهيو ته مددگار گروپ پاران اهڙن پروگرامن ذريعي پنهنجي ثقافت کي وڌيڪ اجاگر ڪيو ويندو

بقايا 24 اهلڪار برطرف

حسين بخش راڄڙ ۽ اهلڪار پرڪاش ميگهواڙ ۽ هڪ ڳوٺاڻو ڀلاڄ ميگهواڙ گرفتار ٿيل آهن مقتول رمضان ڪوسو جي وارثن فريادي عبدالسلام ڪوسو جو چوڻ آهي ته اسان امن پسند ماڻهو آهيون اسان سان ظلم جي انتها ڪئي وئي آهي قتل ڪيس ۾ ملوث رهيل جوابدار اهلڪارن کي به نوڪري مان برطرف ڪيو وڃي روپوش ڄاڻايل جوابدار گرفتار ڪيا وڃن.

بقايا 25 ملاقات

اٿارٽي جي ملازمن جي پگهارن سميت ٻين جائز مسئلن جي حل لاءِ گورک هلز اٿارٽي کي باقاعده طور تي لکت ۾ خط اماڻيو ويندو جيئن ملازمن کي درپيش مشڪلاتن جو ترت ازالو ممڪن بڻائي سگهجي. ضلعي انتظاميه ملازمن جي مسئلن جي حل لاءِ سنجيده قدم کڻي رهي آهي ۽ ڪنهن سان به ناانصافي ٿيندي ياد رهي ته گورک هلز ڊولپمينٽ اٿارٽي جي ملازمن گذريل ڏهاڙي گورک روڊ تي احتجاج پڻ ڪيو هو ۽ پگهارن جي بروقت ادائيگي جو مطالبو ڪيو هو

بقايا 26 لياقت جتوئي

آهي پر کيس ناحق قيد ڪيو ويو آهي هن چيو ته "ان جو ڪهڙو ڏوهه آهي جو هن ڪيترن سالن کان جيل ۾ آهي؟ جنهن وٽ 184 سيٽون آهن اهو جيل ۾ آهي، جنهن وٽ 20 سيٽون آهن اهو ملڪ جو وزير اعظم آهي، جنهن وٽ 30 سيٽون آهن اهو ملڪ جو صدر آهي، جنهن وٽ 17 سيٽون آهن اهو وزيراعليٰ آهي اهو ظلم ۽ زيادتي آهي ۽ مستقبل ۾ ان جو نقصان ملڪ کي برداشت ڪرڻو پوندو" لياقت علي خان جتوئي وڌيڪ چيو ته سڄي ملڪ ۾ ٽول پلازا ڪولي لٽمار جاري آهي سڀ ملي جلي ڪرپشن ۽ ڪرپشن ڪري رهيا آهن شهرن ۾ ماڻهن کي پيئڻ جو پاڻي گيس ۽ بجلي ناهي، امن امان خراب آهي روڊ رستا تباهه آهن نوڪريون پيسن تي ملن ٿيون جڏهن ته غريب والدين محنت مزدوري ڪري پنهنجن ٻارن کي پڙهائين ٿا، پر انهن لاءِ نوڪرين جا دروازا بند آهن پبلڪ سروس ڪميشن جهڙي اداري ۾ سري عام نوڪريون وڪرو ٿي رهيون آهن ۽ حڪمران صرف تماشائي بڻيل آهن

بقايا 27 احتجاج

بخش ملاح جي وارثن کي به بروقت اطلاع نه ڪيو ويو 3 ڪلاڪن تائين ميڊيا کي جيل کان ٻاهر رکي خانه پوري واريون ڪارروايون مڪمل ڪرڻ بعد جيل انتظاميه مڪلي پوليس کي گهرائي لاش سندن حوالي ڪري ڇڏيو.مڪلي پوليس ايمبولينس ذريعي فوت ٿيل قيدي جو لاش پوسٽ مارٽم لاءِ سول اسپتال ٺٽو منتقل ڪري ڇڏيو دير سان اطلاع ملڻ بعد ڳوٺ کان سجاول قيدي جا وارث روانا، وارثن پاران جيل انتظاميه تي سندن نوجوان قيدي تي تشدد جو الزام جاچ ڪري انصاف ڏيارڻ جو مطالبو . ذريعن موجب ڊسٽرڪٽ جيل ٺٽو جي 2 مهينا اڳ کلڻ سان ئي قيدين تي تشدد روز جو معمول بڻيل آهي جيل انتظاميه پئسن جي اوڳاڙي لاءِ قيدين کي سخت تشدد جو نشانو بڻائي ٿي فوت ٿيل قيدي علي بخش ولد حسين ملاح جو تعلق سجاول لڳ ڳوٺ حسين ملاح سان آهي کيس 6 ٻارڙن جو اولاد آهي

بقايا 28 علامه ناظر عباس

ملڪي حالتن کي بهتر بنائڻ لاءِ نوجوانن کي سياست ۾ عملي ۽ سرگرم ڪردار ادا ڪرڻو پوندو ڇو ته سياسي عمل ۾ شموليت وقت جي اهم ضرورت بڻجي چڪي آهي شيعه علماءِ ڪونسل جي عهديدار ارشاد علي رند پاران ڏنل آجيائي واري تقريب جي موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته اسلامي تحريڪ پاڪستان ۽ شيعه علماءِ ڪونسل ايندڙ بلدياتي چونڊن ۾ ڀرپور حصو وٺنديون ۽ هر سطح تي پنهنجا اميدوار ميدان ۾ بيهارينديون علامه ناظر عباس تقوي سياسي قوتن کي پيغام ڏيندي چيو ته سياسي مقابلي جو مطلب انتقامي ڪارروايون نه هونديون آهن ايف آءِ آر داخل ڪرائڻ دٻاءُ وجهڻ ۽ ڌمڪيون جهڙا حربا جمهوري عمل جي خلاف آهن هي 90ع واري ڏهاڪي جي سياست نه پر سوشل ميڊيا ۽ عوامي شعور جو دور آهي جتي هر شهري کي آئين موجب چونڊ وڙهڻ جو حق حاصل آهي ۽ چونڊ عمل ۾ شفافيت يقيني بڻائڻ لازمي آهي هن ضلع سانگهڙ ۾ شيعه علماءِ ڪونسل جي عهديدارن ۽ ڪارڪنن کي ڪجهه حلقن پاران تنگ ڪرڻ بابت الزام لڳائيندي چيو ته ضلع ۾ انتقامي ڪارروايون ڪيون پيون وڃن، جڏهن ته ماضي ۾ سندن اميدوارن پاڪستان پيپلز پارٽي سان سهڪار به ڪيو ۽ گڏيل معاهدا به طئي ٿيا، پر انهن معاهدن تي عمل نه ڪيو ويو جيڪو سياسي مخالفت جي برابر آهي

بقايا 29 راڳ رنگ

محرم فقير مگڻهار رمن شيخ علي حيدر سولنگي،پريم ساگر .عباس فقير نقرچ ساوڻ فقير طوطو ڀيل ملو مري سلطان فقير گلبهار مري ۽ ٻين راڳين صوفياڻو راڳ ٻڌائي محفل مچائي

بقايا 30 ڪانفرنس

ڏڙي ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ طرفان سياسي سماجي ۽ ڳاهوڙي ڪردار مرحوم حاجي خان عباسي جي سالگرهه ۽ سندس ياد ۾ ادبي ڪانفرنس ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي ترجمان رمضان ميمڻ ڪهاڻيڪار پروين ساس جو اڳوڻو سيڪريٽري جنرل يوسف سنڌي، تخليقي شاعر امر شيخ ليکڪ ۽ صحافي زاهد اسحاق سومرو رشيد آزاد سومرو عبدالڪريم پليجو انور ملاح اشرف پليجو حبيب [illegible] ميمڻ ماما منٺار دايو عبدالقيوم سومرو محمد منجهري داڻود امر ميمڻ نظام ميمڻ امان [illegible] عباسي حاجي صالح ڪڇي امين سومرو جمال ناصر ميمڻ موسي سومرو سميت مختلف ادبي ماڻهن خطاب ڪري حاجي عباسي جي زندگي تي ڳالهائي سندس مزاحمتي تي جهدوجهد تي کيس زبردست ڀيٽا پيش ڪئي هنن خطاب ڪندي چيو ته حاجي خان عباسيءَ صرف هڪ نالو ناهي پر اهو ڏڙي جي سياسي ۽ سماجي تاريخ جو هڪ اڻ وسرندڙ جدوجهدي اهم روشن باب آهي، جيڪو پنهنجي بامقصد حياتيءَ دوران ڪمال جي شعوري هلچل مچائيندي پنهنجو پاڻ ملهايو هن چيو ته پرجوش عزم جو جبل رکندڙ اهو ڏڙي جو مزاحمتي ڪردار حاجي عباسي جيڪو اڌ صديءَ کان مٿي عرصي تائين سياسي، سماجي، ادبي، واپاري ۽ طبقاتي جدوجهدن جي ڪئيل مثالي قدمن ۾ هن ڏڙي جي به ڪڪاوٽ نه آندي، هنن وڌيڪ چيو ته پرهيزگار مذهبي گهراڻي ۾ جنم وٺندڙ حاجي عباسي جيڪو انسان دوست

گذريل سال 2025 سڄي دنيا لاءِ هڪ سنگين ڏيجارينڊڙ ثابت ٿيو: ارسلان اسلام شيخ

دعا آهي ته نئون سال ملڪ ۽ قوم لاءِ مثبت تبديلين جو پيغام کڻي اچي

سکر (بيورو رپورٽ) نئين سال 2026 جي شروعات تي ميئر سکر ۽ سنڌ حڪومت جي ترجمان بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ سکر ۽ سڄي پاڪستان جي ماڻهن کي دلي مبارڪباد ڏني ۽ دعا ڪئي ته نئون سال ملڪ ۽ قوم لاءِ امن، خوشحالي، استحڪام ۽ مثبت تبديلين جو پيغام کڻي اچي هن چيو ته نئون سال اسان کي اميد، عزم ۽ اجتماعي ذميواري جي نئين احساس سان اڳتي وڌڻ جو موقعو فراهم ڪري ٿو ۽ اسان کي هڪ قوم جي حيثيت سان پنهنجي مستقبل کي محفوظ بڻائڻ لاءِ گڏيل ڪوششون تيز ڪرڻ گهرجن ميئر سکر چيو ته گذريل سال 2025 سڄي دنيا لاءِ هڪ سنگين ڏيجارينڊڙ ثابت ٿيو چاڪاڻ ته اهو تاريخ جي گرم ترين سالن مان هڪ هو ۽ عالمي گرمي پد صنعتي دور جي مقابلي ۾ 1.5 ڊگري سينٽي گريڊ جي خطرناڪ سطح تي پهچي ويو نتيجي طور پاڪستان باقي دنيا سان گڏ سخت موسمياتي تبديلي، گرمي جي لهرن، ٻوڏ، خشڪ سالي ۽ ماحولياتي عدم توازن جهڙن سنگين چئلينجن کي منهن ڏئي رهيو آهي جيڪي انساني زندگين معيشت ۽ ايندڙ نسلن جي مستقبل لاءِ هڪ وڏو خطرو بڻجي چڪا آهن هن چيو ته انهن حالتن کي نظر ۾ رکندي ماحولياتي اثرن کي گهٽائڻ لاءِ سکر ۾ هڪ لک وڻ لڳائڻ جو جامع عزم ڪيو ويو آهي هن مهم ۾ مقامي سرڪاري ادارن تعليمي ادارن، ڪاروباري برادري، نوجوانن عورتن ۽ عام شهرين جي مڪمل شرڪت کي يقيني بڻايو ويندو هن چيو ته وڻ هوائي آلودگي ۾ گهٽتائي، گرمي پد جي توازن ۽ صحتمند شهري زندگي جا ضامن آهن ڊجيٽل پوک مهم شروع ڪئي وئي ميئر سکر بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ اعلان ڪيو ته وڻ پوک جي عمل کي مڪمل شفاف ۽ پائيدار بڻائڻ لاءِ سکر ۾ ڊجيٽل پوک مهم شروع ڪئي پئي وڃي، جنهن تحت پوکيل وڻن کي ڊجيٽل سسٽم ذريعي رجسٽريشن، نگراني ۽ ٽريڪ ڪيو ويندو هن واضح ڪيو ته هن مهم جو مقصد صرف وڻ پوکڻ نه پر انهن جي بقا، سار سنڀال ۽ ماحولياتي اثر کي يقيني بڻائڻ آهي هن وڌيڪ ٻڌايو ته ڊجيٽل پوک مهم لاءِ خاص گاڏين جو پڻ بندوبست ڪيو ويو آهي ته جيئن وڻن جي بروقت پهچائڻ پوک، نگراني ۽ سار سنڀال جي عمل کي وڌيڪ اثرائتو بڻائي سگهجي ۽ اهي سرگرميون شهر جي مختلف علائقن ۾ مسلسل جاري رهي سگهن ميئر سکر چيو ته نوجوان، شاگردن سول سوسائٽي ۽ هر شهري جي شرڪت هن مهم ۾ مرڪزي حيثيت رکي ٿي هن عوام کي اپيل ڪئي ته هر شهري گهٽ ۾ گهٽ هڪ وڻ ضرور لڳائي ۽ ان جي حفاظت کي پنهنجي اخلاقي ۽ شهري ذميواري سمجهي هن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت ۽ مقامي ادارا ماحولياتي تحفظ، گرين بيلنس جي واڌاري ۽ پائيدار شهري ترقي جي قدمن ذريعي گڏيل قومن جي پائيدار ترقي جي مقصدن (SDGs)کي حاصل ڪرڻ لاءِ سنجيده ۽ عملي قدم کڻي رهيا آهن آخر ۾ بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ هڪ ڀيرو ٻيهر قوم کي نئين سال جي مبارڪباد ڏني ۽ اميد ظاهر ڪئي ته سال 2026 پاڪستان ۾ ماحولياتي شعور قومي اتحاد ۽ مثبت تبديلين جو سال ثابت ٿيندو ۽ پوري قوم گڏجي هڪ سرسبز محفوظ ۽ پائيدار مستقبل جي بنياد رکندي

ٽنڊوآدم لڳ ڪار جو پيڇو ڪندي پوليس موبائل حادثي جو شڪار، 4 اهلڪار زخمي

سوئي گئس اسٽاپ وٽ حادثي ۾ اهلڪار نصرالله، ظفر، مرتضيٰ ۽ اظهر زخمي ٿي پيا

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم لڳ سوئي گئس اسٽاپ وٽ نامعلوم ڪار جو پيڇو ڪندي اي ٽي ايف پوليس جي موبائل روڊ تان لهي ديوار ۽ دڪان سان ٽڪرائجي وئي جنهن جي نتيجي ۾ 4 پوليس اهلڪار نصرالله ظفر . مير مرتضيٰ ۽ اظهر علي سخت زخمي ٿي پيا جن کي تعلقي اسپتال ٽنڊوآدم مان طبي امداد ڏيڻ بعد نوابشاهه اسپتال ريفر ڪيو ويو.

پنوعاقل ويجهو ڪوچ جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر، عورت سميت ٻه ڄڻا زخمي

پنوعاقل(ن ع) پني عاقل ويجهو ماشاءالله فلور مل وٽ تيز رفتار ڪوچ موٽرسائيڪل سوار مٿان چڙهي وئي، حادثي جي نتيجي ۾ حسين بيلي گهوٽڪي واسي قائم الدين گهوٽو ۽ سندس ساٿس گڏ هڪ عورت سخت زخمي ٿي پيا. مقامي ماڻهن ۽ ريسڪيو عملي زخمين کي فوري طور ڳنڀير حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو جتي کين طبي امداد ڏيڻ بعد سکر ريفر ڪيو ويو.

پرڇهلو بڻجي قومي ۽ طبقاتي جدوجهدن جو اثرائتو محور رهيو ۽ طبقاتي تحريڪ کان وٺي قومپرست سياست تائين هميشه مظلومن جو آواز بڻجي ميدان ملهائيندو رهيو ان کان اڳ ۾ حاجي خان عباسي جي سالگراهه جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو

بقايا 31 منعقد

جيل تي ممڪن ٻاهرين هٿياربند حملي، جيل اندر هنگامي بدامني، قيدين جي هنگامي صورتحال ۽ ٻين غير متوقع واقعن بابت عملي مشقون ڪرايون ويون ايڪسرسائيز متعلق جيل سپرنٽينڊنٽ مظهر علي ڀٽو ٻڌايو ته آئي جي جيل فدا حسين مستوئي جي هدايتن تي سنڌ جي سمورين جيلن ۾ اهڙي طرح جون ايڪسرسائيز ڪيون پيون وڃن اهڙين موڪ ايڪسرسائيزن جو بنيادي مقصد موجوده ڪانٽيجنسي پلان، تيز ردعمل واري نظام ۽ سيڪيورٽي انتظامن جي اثرائتي هجڻ جو جائزو وٺڻ آهي، جيئن ڪنهن به هنگامي صورتحال ۾ جاني ۽ مالي نقصان کان بچي سگهجي جيل انتظاميا موجب موڪ ايڪسرسائيز سان نه صرف ادارن وچ ۾ هم آهنگي وڌندي، پر عملي کي به حقيقي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ بهتر تياري حاصل ٿيندي، جيڪا جيل جي مجموعي سيڪيورٽي کي وڌيڪ مضبوط بڻائيندي ان موقعي تي انچارج ڊپٽي جيل سپرنٽينڊنٽ سڪندر علي مگسي اسسٽنٽ جيل سپرنٽينڊنٽ علي گل گبول اسسٽنٽ جيل سپرنٽينڊنٽ عبدالحميد سومرو ايم ايس سول اسپتال بدين ڊاڪٽر مير اختر ٽالپر ڊاڪٽر اطهر داڻوداڻي ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيسر سرفراز سمون ڊاڪٽر آفتاب پرڳڙي ۽ ٻين موڪ ايڪسرسائيز ۾ حصو ورتو

بقايا 32 زخمي

سيريس هجڻ ڪري زخمي کي خيرپور اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي ٻڌايو پيو وڃي ته ڪالهه ملاح ۽ ٻانڀڻ ڌرين جي وچ ۾ پاڻي جي معملي تي جهيڙو ٿيو هيو جو اڄ سروڙو اسٽاپ تي ٻيٺا هيا ته ٻانڀڻ ڌر پاران گولي هلائي وئي جنهن سبب اسٽاپ تي ٻيٺل علي حسن مري گولي لڳڻ سبب سخت زخمي ٿيو آهي ٺري ميرواهه پوليس جو چوڻ آهي ته صورتحال ڪنٽرول هيٺ آهي جلد ڪيس داخل ڪري جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويندو

بقايا 33 احتجاج

ڪنهن اڳواٽ اطلاع ۽ متبادل انتظام جي سندن دڪان هٽايا ويا، جنهن سبب سندن روزگار سخت متاثر ٿيو آهي دڪاندارن انتظاميا خلاف نعريبازي ڪئي ۽ انصاف جو مطالبو ڪيو

بقايا 34 داخل

ٻوزدار جي معرفت سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بينچ جي آئيني عدالت ۾ چوپائي مال ۽ قيمتي سامان جي واپس ڪرائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي.درخواستگذارن جي وڪيل ايڊووڪيٽ عالم شير ٻوزدار سنڌ هاءِ ڪورٽ بينچ سکر جي احاطي ٻاهران درخواست گزار سان گڏ ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته ٽي مهينا اڳ گهوٽڪي پوليس قتل ڪيس جي الزام هيٺ درخواستگذارن جي گهرن تي ڇاپا هنيا، جن دوران وزير گل حسن ۽ صادق سميت 12 ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو، اوباوڙو ٿاڻي جي پوليس گهرن مان لکين رپين جو گهريلو سامان ۽ 140 مال مويشي ڪاهي وئي. ڊي ايس پي اوباوڙو عبدالقادر ۽ ايس ايڇ او رفيق سوسرو عدالتي حڪمن جي باوجود مال مويشي واپس نه پيا ڪن. عدالت جي حڪم بعد پوليس رڳو 20 مينهون واپس ڪيون آهن جڏهن ته عدالتي حڪمن باوجود 120 چوپايو مال اڃان واپس نه ڪيا ويا آهن جن ۾ 84 مينهون، 20 ٻڪريون ۽ 16 ڏڳيون شامل آهن.ڪروڙين رپين ماليت جا مال مويشي ۽ لکين رپين جو گهريلو سامان پوليس جي قبضي ۾ آهي.ايڊووڪيٽ عالم شير ٻوزدار موجب، عدالت مال مويشي فوري طور واپس ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي، ٻي صورت ۾ پوليس خلاف توهين عدالت جي ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا 35 مطالبو

وقت اڳ منهنجي پٽ کي مون پنهنجي گهران بي دخل ڪيو هو جنهن بعد هو پنهنجي ڏاڏي وٽ رهندو هو جنهن دوران منهنجو پٽ پنهنجي ڏاڏي جي گهر جي پلاٽ کي وڪرو ڪري ڇڏيو آهي، امان الله خاصخيلي موجب هن جي پيرسن پيءُ جي نظر به ڪمزور آهي ۽ ڪنن کان به تمام گهٽ ٻڌندو آهي، پيرسن عليل هجڻ ڪري جي چالاڪي سمجهي نه سگهيو هن جو چوڻ هو ته منهنجي پيءُ سان گڏ منهنجي فوتي ڀاءُ ثناءُ الله عرف جاني جون يتيم پوٽيون جيوڻي، نوربانو ۽ پوٽو اسد الله رهندا آهن جن جو پيءُ ثناء الله فوت ٿيل آهي ۽ سندن جي ماءُ به ٻي شادي ڪري ڇڏي آهي هن جو چوڻ هو ته اهو گهر منهنجو پيرسن پيءُ انهن يتيم ٻارڙن کي ڏئي چڪو آهي پر منهنجو پٽ انهن يتيم ٻارڙن سان ظلم ۽ ڏروکو ڪندي پلاٽ کپائي ڇڏيو آهي جيڪا پڻ يتيم ٻارڙن سان بي انتها ناجائزي آهي، هن اعلي اختيارين کي اپيل ڪندي گهر ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي پلاٽ جو وڪرو بند ڪرائڻ سميت منهنجي پٽ خلاف قانوني ڪارروائي ڪري يتيم ٻارڙن کي دربدر ٿيڻ کان بچائي انصاف ڪيو وڃي

بقايا 36 ڦر

هٿا. معاشرن جو چوڻ آهي ته جوابدارن گهر وارن تي تشدد ڪيو جڏهن ته گهر جي عورتن سان به بدتميزي ڪئي وئي، ڊگهي وقت تائين جاري رهندڙ واردات دوران علائقي جي پوليس مڪمل طور لاعلم رهي ۽ غفلت پري ننڊ سمهيل نظر آئي. سال 2025 پنهنجي پڇاڙي تي پهچندي هڪ بي خاندان کي پنهنجي سڄي جمع پونجي کان محروم ڪري ويو جڏهن ته شهر ۾ وڌندڙ ڏوهن ۽ پوليس جي ناقص ڪارڪردگي بابت سنگين سوال اڀري آيا آهن.

بقايا 37 زخمي

شهزاد ۽ فوڪل پرسن عرفان داڻود پوٽا سول اسپتال پهچي زخمين جي عيادت ڪئي ۽ انهن جي خيريت پڇي ان موقعي تي انهن ڊاڪٽرن کي متاثر ماڻهن جو بهترين علاج فراهم ڪرڻ جون هدايتون پڻ جاري ڪيون بعد ۾، صوبائي وزير جي هڪ خاص ٽيم پڻ اسپتال پهتي ۽ زخمين سان ملاقات ڪئي ۽ علاج جي صورتحال جو جائزو ورتو طبي ماهرن سان صلاح مشوري ۾، زخمين کي بهتر علاج لاءِ ريسڪيو 1122 جي خاص ايمبولينس ذريعي GIMS اسپتال منتقل ڪيو ويو انتظاميا موجب واقعي جي جاچ ڪئي پئي وڃي، جڏهن ته مستقبل ۾ اهڙن واقعن کي روڪڻ لاءِ سيڪيورٽي اپاءَ سخت ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي انتظاميا شهرين کي اپيل ڪئي آهي ته آتشبازي ۽ عوامي تقريب دوران جاري ڪيل سيڪيورٽي هدايتن تي سختي سان عمل ڪن ته جيئن ڪنهن به ناخوشگوار واقعي کان بچي سگهجي

بقايا 38 دعويٰ

سميت گرفتار ڪري ورتو ان موقعي تي شهيد عبدالمالڪ پتو ٿاڻي جي اي ايس آءِ حاڪم علي لاشاري صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته هڪ جوابدار هٿيار سميت پڪڙي لاڪ اپ ڪري ڇڏيو سندس ڏوهاري جي مٿان سرڪار پاران ڪيس داخل ڪري ڇڏيو ڪورٽ سگهوري ۾ پيش ڪيو ويندو ايس ايس پي لاڙڪاڻو احمد فيصل چوڌري جي اي ايس آءِ حاڪم علي لاشاري سميت ٽيم کي مبارڪون ڏنيون وڌيڪ اي ايس آءِ حاڪم علي لاشاري چيو ته جيڪو به شهيد عبدالمالڪ پتو ٿاڻي جي حد ۾ ڏوهه ڪندو ته ان کي بخش نه ڪيو ويندو ڀلي ڪيترو بااثر ڇو نه هجي ان کي پڪڙي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو

بقايا 39 احتجاج

سان گڏجي ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته ايڇ بي ايل بينڪ اسڪوائر برانچ کان پهرين ته ٻه لک ڇٽيهه هزار لون کڻي بئنڪ کي واپس ڪيو آهي جنهن کان پوءِ ٻيهر جاءِ جي مرمت لاءِ 3 لک ٽيٽيهه هزار لون جي اپلائي ڪئي جنهن تي بينڪ منهنجو لون ٻيهر منظور ڪيو ۽ بينڪ عملي فون ڪري گهرائي لون جي منظوري جو اطلاع ڏنو جنهن تي بينڪ پهچڻ تي مون کي صرف 28 هزار ڏنا ۽ 3 لک پنج هزار جي رقم ٻئي قسط ۾ ڏيڻ بجاءِ عملو پاڻ ئي لون جي رقم ڳڙڪائي ويو آهي، جنهن جي شڪايت بينڪ جي انتظاميه سان ڪئي پر ڪو تدارڪ نه ڪيو ويو جڏهن ته لون جي رقم ته نه ملي پر ڊفالٽر قرار ڏئي نوٽيس جاري ڪيا ويا آهن جيڪا سراسر ناانصافي آهي هن ايڇ بي ايل بئنڪ جي اعليٰ عملدارن کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي منهنجي ڪيس جي انڪوائري ڪرائي ملوث عملي خلاف ڪارروائي ڪري مون مسڪين سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا 40 مظاهرو

۾ جئي سنڌ تحريڪ پاران ڪوٽڙيو گهنور ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪيو ويندو احتجاج بعد سروهه سنڌي سهيل ڪلوڙ ۽ ٻين پاران جئي سنڌ تحريڪ جي شهيد چيئرمين شفيع محمد ڪرناڻي جي 69 هين سالگرهه جو ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويو

بقايا 41 بي نقاب

دستاويز جعلي ثابت ٿيا آهن ڪوڪو گرين انتظاميه پاران پيش ڪيل ٽائيٽل چين جو باريڪ بيني سان جائزو ورتو ويو جنهن ۾ هر اهم ڪڙي جعلي دستاويزن تي ٻڌل نڪتي تحقيق مان وڌيڪ معلوم ٿيو ته زمين جي خريداري جي ابتدائي داخلا نمبر 58/35 مارچ 1994ع ۾ رڪارڊ آف رائيٽس (ROR) ۾ بغير ڪنهن اڳين جائز داخلا جي ڪئي وئي هئي اها داخلا رڳو زباني بيان جي بنياد تي ڪئي وئي ۽ دعويٰ ڪيل طور سرڪاري بيانن جي ڪتاب جي هڪ مخصوص صفحي تي درج هئي جنهن بابت جاچ تصديق ڪئي آهي ته اهو صفحو موجود ئي ناهي 1996ع کان پوءِ واري داخلا رجسٽرڊ سيل ڊيڊ جي بنياد تي ظاهر ڪئي وئي پر حيدرآباد جي مائيڪرو فلمنگ يونٽ ۽ ٺٽي جي سب رجسٽرار آفيس ٻنهي تصديق ڪئي ته ڄاڻايل ڊيڊ (سيريل نمبر 16، رجسٽريشن نمبر 14) نه مائيڪرو فلم ٿيل آهي ۽ نه ئي ان جو ڪو رڪارڊ موجود آهي جولاءِ 2007ع ۾ جعلي "گهٽ وڌ فارم" استعمال ڪري زمين جي نوعيت تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جڏهن ته جاچ مان ثابت ٿيو ته اهو فارم سروي اينڊ سيٽلمينٽ ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ پاران جاري ڪيل ئي ناهي جنوري 2018ع ۾ زرعي زمين کي غير زرعي استعمال ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ هڪ ٻي داخلا پڻ ڪئي وئي جيڪا مختيارڪار جي لازمي صحيحن کانسواءِ هئي وڌيڪ اها به انڪشاف ٿيو ته ٺٽي جي ان وقت جي اسسٽنٽ ڪمشنر (اي سي) جي صحيحن بابت پيش ڪيل دعويٰ به غلط آهي ڇو ته سرڪاري رڪارڊ موجب مذڪوره اي سي ان تاريخ تي نيب جي حراست ۾ هو جاچ دوران صوبائي لينڊ رڪارڊ مينيجمينٽ سسٽم (LARMIS)ذريعي به تصديق ڪئي وئي ته ڄاڻايل 250 ايڪڙ زمين جو ڪو به سرڪاري رڪارڊ موجود ناهي انتهائي ڳڻتي جوڳي ڳالهه اها به سامهون آئي آهي ته ڪوڪو گرين هائوسنگ سوسائٽي جي انتظاميه سوسائٽي جي نالي تي گهٽ ۾ گهٽ ٻه بئنڪ اڪائونٽ کوليا، جن ذريعي عام ماڻهن کان غيرقانوني طور تي لڳ ڀڳ 68 ملين رپيا گڏ ڪيا ويا.ڊي جي نيب (ڪراچي) شڪيل احمد دراني غيرقانوني قبضي هيٺ آيل سرڪاري زمين ۽ لوٽيل رقم جي واپسي لاءِ نيب جي عزم کي ورجائيندي چيو ته اهڙن عنصرن کي بغير ڪنهن ڊپ جي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو هن وڌيڪ چيو ته چيئرمين نيب ليفٽيننٽ جنرل (ر) نذير احمد جي ويزن تحت نيب ڪراچي بدعنواني خلاف جدوجهد لاءِ مڪمل لڳن ۽ پيشهوراڻي مهارت سان ڪم ڪري رهيو آهي .

بقايا 42 فوت

جي محمد صفر ولد الله واسيو جي نالي سان ٿي آهي شاهه لطيف ٽائون ٿاڻي جي پوليس موجب واقعي بابت وڌيڪ قانوني ڪارروائي ڪئي پئي وڃي

اوٻاوڙو پرسان تيز رفتار ٽرالر ۽ موٽر سائيڪل ۾ ٽڪر سبب عورت ٻار سميت فوت، مڙس زخمي

الائنس شوگر مل وٽ حادثي ۾ 25 ورهين جي الله واڌائي چاچڙ هڪ سالا پٽ سميت موقعي تي ئي فوت ٿي وئي

حادثي ۾ زخمي سڄڻ چاچڙ، عورت ۽ ٻار جي لاش کي پوليس ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو

لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيا آهن، ڊرائيور کي گرفتار ڪري ٽرالر کي تحويل ۾ ورتو آهي: پوليس

اوٻاوڙو (رپورٽ غلام قمبر بوهڙ) اوٻاوڙو ويجهو قومي شاهراهه تي الائنس شوگر مل پرسان تيز رفتار ٽرالر ۽ موٽر سائيڪل وچ ۾ زور دار ٽڪر لڳڻ سبب موٽر سائيڪل تي سوار ڪشمور واسي 25 سالا نوجوان عورت الله واڌائي چاچڙ پنهنجي هڪ سالا معصوم پٽ محمد پناهه سميت موقعي تي ئي فوت ٿي وئي، جڏهن ته سندس مڙس سڄڻ چاچڙ زخمي ٿي پيو معلوم ٿيو آهي ته حادثي جو شڪار ٿيل خاندان ڪشمور کان گهوٽڪي پنهنجي مائٽن ڏانهن وڃي رهيا هئا ته اوچتو تيز رفتار ٽرالر موٽر سائيڪل کي ٽڪر هنيو جنهن سبب عورت ۽ معصوم ٻار ٿڌي تي ئي دم ڏئي ڇڏيو واقعي کان پوءِ اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي فوتين جا لاش ۽ زخمي کي تعلقه اسپتال اوٻاوڙو منتقل ڪيو

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: سنڌ مدرسته السلام يونيورسٽي ۾ تقريب کي اڳواڻ خطاب ڪري رهيا آهن

سنڌ مدرسة الاسلام يونيورسٽي کي هڪ معياري تعليمي ادارو بڻايو آهي: مجيب صحرائي

شاگردن کي تحقيقي ڪلچر ڏيڻ لاءِ سماج جي ڪامياب شخصيتن کي به دعوت ڏني ويندي آهي

يونيورسٽي جا شاگرد پنهنجن مقصدن لاءِ پرعزم رهن، هر ناڪامي کان پوءِ اٿي بيهن: بشريٰ انصاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ مدرسة الاسلام يونيورسٽي جي وائس چانسلر ڊاڪٽر مجيب صحرائيءَ پنهنجي آجياڻي تقرير ۾ ممتاز فنڪاره بشريٰ انصاري جو سنڌ مدرسة الاسلام يونيورسٽي ۾ ليڪچر ڏيڻ ۽ ميجر (ر) آفتاب لوڌي ۽ ٻين مهمانن جي شرڪت تي ٿورو مڃيو ڊاڪٽر مجيب صحرائي پنهنجي تقرير ۾ چيو ته جڏهن هو 2020 ۾ سنڌ مدرسة الاسلام يونيورسٽي ۾ وائس چانسلر مقرر ٿي آيو هئو ته هن فيصلو ڪيو هو ته يونيورسٽي کي هڪ معياري تعليمي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

سنڌ جي اندر انتظامي ادارا معذور بڻيل آهن ڪير ڪنهن کان پڇڻ وارو ئي نه آهي: رفيق احمد ڀانڀڻ

گڏيجي(ن ع)سنڌ ۾ لا قانونيت جو راڄ آهي شهري،واپاري ۽ ڳوٺاڻا غير محفوظ آهن اهڙن خيالن جو اظهار سنڌ جي اڳوڻي وزير ۽ جي ڊي اي اڳواڻ ڊاڪٽر محمد رفيق ڀانڀڻ پنهنجي رهائش گاهه تي يونين

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

بوزدار وڏا پوليس پاران جوابدار کي شراب جي بوتلن سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

بوزدار وڏا (ن ع) بوزدار وڏا ٿاڻي جي ايس ايڇ او عبدالغفور ڏايو سپاهه سميت گشت دوران بوزدار وڏا مٺ پل تان جوابدار غلام حسين عرف گامو ولد فدا حسين گوپانگ کي گرفتار ڪري تلاشي دوران 4 شراب جون بوتلون هٿ ڪري گرفتار جوابدار کي ٿاڻي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ڪوسڪي شهر ۾ حدخلين هٽائڻ خلاف شهرين جو احتجاجي ڌرڻو، روڊ بلاڪ

واپارين ۽ جماعت اسلامي اڳواڻن مين روڊ تي ڌرڻو هڻي ٽن ڪلاڪن تائين روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو، ٽريفڪ معطل

اسان حدخلين جي نالي تي ڪوسڪي جي سڄي شهر کي ڊاهڻ نه ڏينداسين هي سياسي مسئلو ناهي:مظاهرين

شهرين جي احتجاج بعد انتظاميا 70 فوٽ روڊ جي حد مقرر ڪري شهرين کي راضي ڪري ورتو

شادي لارج (ن ع) ڪوسڪي شهر ۾ حدخلين هٽائڻ جي نالي تي شهر کي اسڪائي ڪندرات بنائڻ جي خلاف ڪوسڪي شهر مڪمل طور بند شهرين واپارين جو مظاهرو ڌرڻو احتجاج روڊ بلاڪ ڳاڏين جون قطارون لڳي ويون ڪوسڪي شهر کي مخصوص ڌر جي فرمائش تي ڊاهڻ نه ڏينداسين.علي اڪبر پوٽ.بدين ضلعي جي مرڪزي شهر ڪوسڪي ۾ روڊ هائي وي تعلقو انتظاميا ٽنڊو باگو ۽ انڪروچمينٽ ڪامورن پاران 110 فوٽن تائين روڊ لاءِ صفائي جو شهرين واپارين کي ماپ ڏيڻ بعد مشينري گهرائي اڏيل سڄي کي اسڪائي طور ڊاهڻ خلاف جماعت اسلامي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي نئين سال جي رات 6 دڪانن مان 25 لکن کان وڌيڪ ماليت جون چوريون

جيلس بازار ۾ جوابدار دڪانن جي ڇت ڀڃي اندر داخل ٿي لکين رپين جو سامان کڻي ويا

متاثر دڪاندارن جو احتجاج، جوابدار گرفتار ڪري چوري ٿيل سامان واپس ڪرائڻ جو مطالبو

لاڙڪاڻو (س ر) لاڙڪاڻي شهر جي مارڪيٽ ٿاڻي جي حد جيلس بازار ۾ نئين سال جي رات دير سان نامعلوم چورن ٻن ڪرياني دڪانن ٻن ڪنفيڪشنري، هڪ بيج ۽ هڪ صابڻ جي دڪانن جي ڇت ڀڃي اندر داخل ٿي 25 لک رپيين کان وڌيڪ روڪ رقم ۽ سي سي ٽي وي جي ڊي وي آر چوري ڪري آسانيءَ سان فرار ٿي ويا، صبح جي وقت دڪانن ۾ پيل سامان وکريل

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

شاهه عبداللطيف يونيورسٽي ۽ پي اي آر سي ۾ مفاهمتي يادداشت صحيحون ڪيون ويون

خيرپور(ڏ ر) زرعي تحقيق کي هٿي ڏيڻ ۽ کجور جي فصل ۾ انقلابي تبديلي آڻڻ لاءِ هڪ اهم قدم طور اعليٰ سطحي پارلياماڻي ضلعي ڪميٽي خيرپور ۾ ڊيٽ پام ريسرچ انسٽيٽيوٽ کي مضبوط بڻائڻ

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ جوڻيجا برادري طرفان قمبر شهدادڪوٽ جي وڪيل خلاف مظاهرو

جوڻيجا ويلفيئر آرگنائيزيشن جي سڏ تي پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو ويو

وڪيل نصير ڪلهوڙي جوڻيجا برادري جي بيگناهه ماڻهن تي فائرنگ ۽ تشدد ڪيو آهي: الزام

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي ۾ جوڻيجو برادري طرفان وڪيل نصير ڪلهوڙي خلاف سخت احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج جوڻيجا ويلفيئر آرگنائيزيشن جي سڏ تي ڪوٽڙي پريس ڪلب آڏو ڪيو ويو جنهن ۾ جوڻيجو برادري جي مردن بزرگن ۽ نوجوانن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي احتجاج جي اڳواڻي جوڻيجو ويلفيئر آرگنائيزيشن جي مرڪزي اڳواڻن برڪت علي جوڻيجو احمد علي جوڻيجو ڪريم داد جوڻيجو رفيق جوڻيجو سميت ٻين ڪئي مظاهرين هٿن ۾ بينر ۽

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

سکر واسي جو زال ۽ سندس ڀائرن پاران ڪيل ظلم، زيادتي خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي بندهاڻي محلي علائقي جي رهواسي ۽ بندهاڻي برادري سان تعلق رکندڙ محمد هارون شاهه پنهنجي زال ۽ سندس ڀائرن پاران ڪيل ظلم زيادتي ۽ ناانصافي خلاف سکر پريس ڪلب جي سامهون احتجاج ڪيو احتجاج

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

جي ايم سي سکر ۾ ٻارن ۾ ٿيندڙ پيدائشي پيچيده بيمارين جي آگاهي لاءِ ورڪشاپ منعقد ڪئي وئي

سکر (بيورو رپورٽ) غلام محمد مهر ميڊيڪل ڪاليج (جي ايم سي) سکر ۾ ٻارن ۾ ٿيندڙ پيدائشي پيچيده بيماري ڊيوليمينٽل ڊسپليسيا آف هپ (DDH) بابت هڪ جامع سائنسي ۽ تربيتي ورڪشاپ منعقد ڪئي وئي هي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

سکر: ڊپٽي ڪمشنر شهزاد خان پوليو مهم جي حوالي سان اجلاس جي صدارت ڪندي

ميرپور ماٿيلو ۾ خانپور مهر واسين جو پوليس جي زيادتين خلاف ايس ايس پي آفيس آڏو احتجاج

ڳوٺ ناڙي گڏاڻي واسين مسمات نورجهان گڏاڻي، پروين، عارف،مسمات شبانه ۽ ٻين احتجاج ڪيو

بااثر جوابدار ناڙي گڏاڻي، ظفر گڏاڻي جاويد، عبدالمجيد گڏاڻي کي قتل ڪري فرار ٿي ويا آهن: مظاهرين

جوابدار آزاد گهمي رهيا ۽ ڪيس تان هٿ ڪڍائڻ لاءِ موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن، انصاف ڪيو وڃي

ميرپورماٿيلو(ن ع) خانپور مهر جي ڳوٺ ناڙي گڏاڻي جا رهواسي گڏاڻي برادري جا مرد،عورتون ٻاڪ ڪتاب ڪٺي ميرپورماٿيلو پهچي ايس ايس پي گهوٽڪي جي آفيس آڏو خانپور مهر پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي اڳواڻن مسمات نور جهان گڏاڻي مسمات پروين، عارف،مسمات شبانه ۽ ٻين چيو ته جوابدار ثناء الله گڏاڻي،غوث بخش ،الهجوايو،حيدر گڏاڻي سميت 11 جوابدارن سڱ واري تڪرار تان مختلف وقتن تي 4 ڳوٺاڻن ناڙي گڏاڻي ظفر گڏاڻي جاويد، عبدالمجيد گڏاڻي کي قتل ڪري فرار ٿي ويا آهن جن جا ڪيس خانپور مهر پوليس ٿاڻي تي داخل

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ سوامي پرمانند پوري جو عرس، عقيدتمندن جي آمد

هندو برادري عقيدت مندن، پنچائتن ۽ سنتن جي وڏي انگ ۾ شرڪت

گادي نشين سوامي نند لال پوري سمادي درگاهه تي چادر چاڙهي ملڪ ۽ قوم لاءِ پرارٿنا ڪئي

ٽنڊوالهيار(ڏ ر) ٽنڊوالهيار ۾ هندو برادري جي بزرگ سوامي پرمانند پوري جو 33 عرس ميلو راما پير مندر ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ سنڌ سميت پاڪستان جي مختلف ضلعن مان هندو برادري جي عقيدتمندن ۽ پنچائتن . پڳتن . سنتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جڏهن ته گادي نشين سوامي نند لال پوري سمادي درگاهه تي چادر چاڙهي ملڪ ۽ قوم لاءِ پرارٿنا (دعا) پڻ گهري ان موقعي تي درگاهه جي گادي نشين سوامي نند لال پوري . شيام سندر . ڪيول داس . پرت راج . مکي منوهر داس . ڪشور ڪمار پرمائي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار: هندو برادري جي بزرگ سوامي پرمانند پوري جو عرس ملهايو پيو وڃي

لاڙڪاڻي ۾ پيٽروليم مزدور اتحاد طرفان پوليس هٿان گرفتار ڪيل پورهيت جي آزادي لاءِ احتجاج

لاڙڪاڻو(س ر) لاڙڪاڻي ۾ پورهيت تنظيم پيٽروليم مزدور اتحاد طرفان مارڪيٽ ٿاڻي جي پوليس هٿان مبينا گرفتار ڪيل پورهيت جي آزادي لاءِ قائد عوام پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي پيٽرول ليم مزدور اتحاد جي چيئرمين اختيار جمالي حافظ روشن جمالي، ممتاز علي، غلام حيدر سيال، جاويد جمالي دودو چانڊيو عاقب سنديلو طفيل چانڊيو ۽ ٻين ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته گذريل رات دير سان مارڪيٽ ٿاڻي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

او جي ڊي سي جو ڪوهاٽ ضلعي مان تيل ۽ گئس جي وڏي دريافت جو اعلان

برگزئي ايڪس-1 کوهه مان روزانو 4,100 بيرل تيل ۽ 10.5 ملين ڪيوبڪ فوٽ گئس پيدا ٿئي ٿو

کوهه جي کوٽائي 30 ڊسمبر 2024 تي شروع ٿي ۽ ڪانگرپالي فارميشن ۾ 5,170 ميٽر تائين کوٽائي ڪئي وئي هئي

اسلام آباد(اپ ر) قوم لاءِ نئين سال جو تحفو! آئل اينڊ گئس ڊولپمينٽ ڪمپني لميٽيڊ (او جي ڊي سي) خيبر پختونخواهه صوبي جي ڪوهاٽ ضلعي ۾ واقع ڳولاچي ڪوهه برگزئي ايڪس-1 (سلنٽ) ۾ دتا فارميشن مان تيل ۽ گئس جي وڏي دريافت جو اعلان ڪيو آهي برگزئي ايڪس-1 کوهه روزانو 4,100 بيرل خام تيل ۽ 10.5 ملين ڪيوبڪ معياري فوٽ گئس پيدا ڪري ٿو

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

گولاڙچي لڳ ڪنڀي گم ڪيل عبدالعليم مهيري جي بازيابي لاءِ احتجاجي ڌرڻو پوليس ڇڪتاڻ

شاگردن جي وارثن، مهيري برادري ۽ قومپرست اڳواڻن بدين-ڪراچي ٽرڪول روڊ تي ڌرڻو هنيو، ٽريفڪ معطل

جڏهن ته گولاڙچي پوليس جي ڌرڻي تي ڪاهه، شيلنگ، مظاهرين پاران پٿراءُ، علائقو ميدان جنگ بڻجي ويو

پٽ بيگناهه آهي، سندس ڪنڀي گم ٿيڻ بابت پوليس سنجيده ڪردار ادا ڪرڻ بدران احتجاج ڪندڙن تي تشدد ڪيو: محمد ابراهيم مهيري

گولاڙچي(ات ر) نائين ڪلاس جي شاگرد عبدالعليم مهيري جي ڪنڀي گم ٿيڻ خلاف سندس وارثن مهيري برادري ۽ قومپرست تنظيمن پاران گولاڙچي پرسان ٻجل واٽر بس اسٽاپ وٽ بدين—ڪراچي ٽرڪول روڊ تي پرامن ڌرڻو هنيو ويو ڌرڻي سبب روڊ جي ٻنهي پاسن کان ٽريفڪ معطل رهي ۽ علائقي ۾ سخت ڇڪتاڻ پيدا ٿي وئي ڌرڻي ۾ جسقم سينيئر وائيس چيئرمين سائين اسماعيل ناز نوتڪاڻي سورهيا سنڌي جسقم ضلعي اڳواڻ پرويز ميس نويد سنڌي سميت وڏي انگ ۾ ڪارڪنن ۽ علائقي واسين شرڪت ڪئي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته شاگرد

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

پنگريو ۾ استاد الله ڏنو ڪمبوهه جي رٽائرمينٽ تي شاندار تقريب

استاد تعليم جي واڌاري ۽ معياري تعليم ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا: عبدالحفيظ

هڪ سٺو استاد هڪ بهتر سماج جي جوڙڻ ۾ تمام گهڻو مدد ڪندو آهي

پنگريو(ن ع) تنظيم اساتذه پاڪستان سنڌ جي جنرل سيڪريٽري پروفيسر عبدالحفيظ احمداڻي چيوآهي ته استاد تعليم جي واڌاري ۽ معياري تعليم ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا هڪ سٺو استاد هڪ بهتر سماج جي جوڙڻ ۾ تمام گهڻو مدد ڪندو آهي استادن کي دنيا ۾ هڪ اهم مقام ڏنو ويندو آهي اسان جي سماج ۾ اهڙن استادن کي به وڏي عزت جي نظر سان ڏٺو ويندو آهي جيڪي ايمانداري ۽ نظم و ضبط سان پنهنجا فرض ادا ڪن ٿا هن اهڙو اظهار پنگريو

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

سوئٽزرلينڊ: مشهور سياحتي ماڳ تي نيو ايئر نائيٽ دي ڌماڪي بعد ايمبولينس بيٺل آهي

ضلعي سانگهڙ جي 22 پوليس اهلڪارن کي هيپاٽائيٽس سي ظاهر

شهدادپور(ن ع) هوم ڊپارٽمينٽ سنڌ حڪومت جي طرفان آءِ جي سنڌ جي هدايتن تي ايس ايس پي سانگهڙ عابد

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: نئين سال جي جشن دوران آتشبازي جو هڪ دلڪش نظارو

عمران خان تي ظلم ۽ زيادتي ڪئي پئي وڃي، عوام ساڻس گڏ آهي: لياقت جتوئي

ملڪ ۾ ڪرپشن، بجلي، گيس ۽ پاڻي جي بحران، نوڪرين جي وڪرو ۽ پبلڪ سروس ڪميشن تي سخت تنقيد

غريب ۽ يتيمن جا وسيلا حڪمرانن جي غلط استعمال ۾ وڃن پيا، ايندڙ ڏينهن ۾ سخت احتساب ٿيندو

راڌڻ (رپورٽ: ستار ميراڻي) جي ڊي اي اڳواڻ ۽ اڳوڻي وڏي وزير لياقت علي خان جتوئي عوامي رابطا مهم جي سلسلي ۾ ڪڪڙ ۾ غازي خان بروهي جي بيٺڪ تي ڪارڪنن گڏجاڻي کي خطاب ڪيو ۽ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته عمران خان جي سياست ناڪام ناهي پاڪستان جو اهڙو سياسي ليڊر آهي جنهن کي ملڪ جو عوام پسند ڪري ٿو ۽ سڄو ملڪ ساڻس گڏ

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

دادو ۾ ڊپٽي ڪمشنر سان گورک هلز ڊولپمينٽ اٿارٽي جي ملازمن جي وفد جي ملاقات

ملاقات ۾ ملازمن پگهارن جي عدم ادائيگي ۽ ٻين مسئلن بابت آگاهي ڏني وئي

جائز مسئلا لکت ۾ گورک هلز اٿارٽي ڏانهن موڪليا ويندا: ڊپٽي ڪمشنر

دادو(ڏ ر) ڊپٽي ڪمشنر دادو سيد مرتضيٰ علي شاهه سان سندن آفيس ۾ گورک هلز ڊولپمينٽ اٿارٽي جي ملازمن جي وفد ملاقات ڪئي ملاقات دوران ملازمن پنهنجي پگهارن جي عدم ادائيگي سميت ٻين درپيش مسئلن بابت ڊپٽي ڪمشنر دادو کي آگاهه ڪيو ڊپٽي ڪمشنر پگهارن جي جائز مسئلي جي حل جي خاطري ڪرائي هن چيو ته گورک هلز ڊولپمينٽ

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي: وڪيل نصير ڪلهوڙي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

ملي: رمضان ڪوسو قتل ڪيس ۾ ملوث ٻه پوليس اهلڪار برطرف

ايس ايس پي ٿرپارڪر اهلڪار شوڪت راهمون ۽ لعل محمد ٻجير کي برطرف ڪري ڇڏيو

قتل ڪيس ۾ ايس ايڇ او حسين بخش راڄڙ، پرڪاش ميگهواڙ ۽ گوناٿو ڀلاڄ ميگهواڙ گرفتار

ملي (ڏ ر) ڊيلو ٿاڻي جي حد ۾ پوليس هٿان بي دردي سان قتل ڪيل نوجوان رمضان ڪوسو ڪيس ۾ ملوث ٻن اهلڪارن کي ايس ايس پي ٿرپارڪر شعيب ميمڻ نوڪري مان برطرف ڪري ڇڏيو آهي ايس ايس پي ٿرپارڪر شعيب ميمڻ پاران ڊس مس ڪيل اهلڪارن ۾ شوڪت راهمون ۽ لعل محمد ٻجير شامل آهن جڏهن ته رمضان ڪوسو قتل ڪيس ۾ ايس ايڇ او

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ميرپوربٺورو ۾ مددگار گروپ پاران نئين سال جي آمد تي ثقافتي مچ ڪچهري

سرنديناز محمد حسن ملاح ۽ فنڪار منصور خاصخيلي پنهنجو فن ڏيکاريندي محفل مچائي

اهڙن پروگرامن سان نوجوانن ۾ ورثي جي شعور کي اجاگر ڪيو ويندو آهي: تابع علي قمبراڻي

ميرپوربٺورو(ن ع) ميرپوربٺورو ۾ سال 2026 جي آمد جي موقعي تي مددگار گروپ جي سرواڻ تابع علي قمبراڻي جي اڳواڻي ۾ سنڌ جي ثقافت اجاگر ڪرڻ لاءِ شهر جي پبلڪ پارڪ ۾ شاندار مچ ڪچهري جو پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ سنڌ جي نالي وارن ۽ مشهور ايوارڊ يافته فنڪارن سرنديناز محمد حسن ملاح ۽ اڀرندڙ نوجوان فنڪار منصور

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ نوجوان موٽر سائيڪل تان ڪري فوت

قاسم آباد واسي سرفراز ڪلهوڙو جي موٽرسائيڪل اوچتو سلپ ٿي پئي

حادثي سبب مٿي ۾ ڌڪ لڳڻ جي ڪري دم ڌڻي حوالي ڪيو

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد ۾ نوجوان موٽر سائيڪل تان ڪري فوت ٿي ويو آهي ٻڌايو پيو وڃي ته قاسم آباد جي ڳوٺ منٺار شورو جو رهواسي نوجوان 26 سالن جو سرفراز ڪلهوڙو موٽر سائيڪل تي سوار ٿي وڃي رهيو هو ته علي پيلس وٽ سندس موٽر سائيڪل سلپ ٿي پئي جنهن ڪري هو روڊ تي ڪريو ته ڪيس مٿي ۾ ڌڪ لڳڻ سبب بيهوش ٿي ويو نوجوان کي سول

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد پريس ڪلب تي سال جي پهرين ڏينهن تي ڪو به احتجاج نه ٿيو

نئين سال 2026ع جي شروعات حيدرآباد پريس ڪلب جا رستا احتجاج کان خالي رهيا

نئين سال جو پهريون ڏينهن بغير احتجاجن جي يادگار ڏهاڙي طور ياد رکيو ويندو

حيدرآباد (رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) سنڌ جي سياسي سماجي تنظيمن عام ماڻهن جي احتجاج جو مرڪز حيدرآباد پريس ڪلب آڏو هوندو آهي نئين سال 2026ع جو پهريون ڏينهن خميس تي حيدرآباد پريس ڪلب آڏو ڪنهن به عوامي ياذاتي مسئلي بابت احتجاج ڪرڻ لاءِ ڪير به نه آيو نئين سال جو پهريون ڏينهن بغير احتجاجن جي يادگار ڏهاڙي طور يادرکيو ويندو نئين سال

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ميرپورماٿيلو: ڳوٺ ناڙي گڏاڻي جا ڳوٺاڻا ٻاڪ ڪتاب ڪٺي ايس ايس آفيس اڳيان پوليس خلاف احتجاج ڪندي

حيدرآباد هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن ۾ ايڊووڪيٽ عشرت لوهار جي سالگره ملهائي وئي

ايڊووڪيٽ ڪيول ڪمار ۽ ايڊووڪيٽ مير مرتضيٰ ابڙو پاران سالگره جو ڪيڪ ڪٽيو ويو

وڪيلن پاران عشرت لوهار جي قانوني خدمتن ۽ بار ايسوسيئيشن جي مضبوط ڪردار کي ساراهيو ويو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي صدر نامياري قانوني اڳواڻ ايڊووڪيٽ عشرت لوهار جي سالگره تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب دوران هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي مئنيجمينٽ ڪميٽي جي ميمبرن ايڊووڪيٽ ڪيول ڪمار ۽ ايڊووڪيٽ مير مرتضيٰ ابڙو پاران سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو جڏهن ته وڪيل برادري ايڊووڪيٽ امتياز چنا، سهيل ميمڻ سميت ٻين پاران کيس دل جي گهراين سان واڌايون

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

بلڙي شاهه ڪريم ۾ مرحوم رئيس خان محمد رند جي ورسي ملهائي وئي

ورسي تقريب ۾ سياسي ۽ سماجي اڳواڻن، صحافين ۽ شهرين جي شرڪت

رئيس خان محمد رند هڪ باڪردار ۽ دلير انسان هئا مظلومن جو پرڇهلو هو: اڳواڻ

بلڙي شاهه ڪريم(ٽ ر) لاڙ سنڌ جي ناليواري جهوني سياستدان رند برادري جي عظيم شخصيت مرحوم رئيس خان محمد رند جي 12 هين ورسي بلڙي شاهه ڪريم پرسان ڳوٺ رئيس خان محمد رند ۾ سندس پٽن رئيس زاهد خان رند شهمير خان رند شاهد خان رند ۽ مجاهد خان رند جي اڳواڻي ۾ ملهائي وئي سندس پڳدار پٽ رند قومي اتحاد سنڌ جي نائب صدر زاهد خان رند جي اڳواڻي ۾ سندس قبر تي گلن جي چادر چاڙهي سندس مغفرت لاءِ قرآن خواني

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۽ ڀرپاسي ڇتن ڪتن 10 ڄڻن کي ڏاڙهي زخمي ڪري وڌو، اسپتال منتقل

زخمي مرتضيٰ، نعمان علي موسيٰ، مسمات نصرت، سيرت، اسلم ۽ ٻين کي اسپتال آندو ويو

اسپتال ۾ ويڪسين نه ملڻ تي وارثن جو احتجاج، اعليٰ عملدارن کي نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

خيرپور(ڏ ر) خيرپور ۽ آس پاس ڇتن ڪتن جو آزار وڌي ويو آهي ڇتن ۽ رولو ڪتن حملا ڪري 10 ڄڻن کي ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو آهي جن کي سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو آهي جن ۾ مرتضيٰ نعمان احمد علي موسيٰ مسمات نصرت سيرت اسلم شمن عمران شامل آهن جڏهن ته ڪتن جي آزار سبب شهري سخت پريشان ٿي ويا آهن شهرين موجب ڇتي ڪتي جي بچاءُ وارين ويڪسين نه ملڻ ڪري خانگي اسٽورن تان وٺي علاج ڪرائڻ تي مجبور آهن

ايمسٽرڊيم: نئين سال جي جشن دوران قديمي چرچ کي لڳل باهه جو ڏيک

ڪراچي ۾ نئين سال دوران ٿيل فائرنگ سبب ٻارڙن، عورتن سميت 24 ڄڻا زخمي، 59 جوابدار گرفتار

مختلف علائقن ۾ هوائي فائرنگ دوران زخمي ٿيلن کي اسپتال پهچايل جو سلسلو رات دير تائين جاري رهيو

پوليس ڪارروايون ڪندي فائرنگ جي الزام ۾ 59 ماڻهن کي گرفتار ڪري هٿيار هٿ ڪري ورتا

گرفتار ڪيل جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري وڌيڪ قانوني ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي: پوليس عملدار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي شهر ۾ نئين سال 2026 جي جشن ملهائڻ دوران هوائي فائرنگ جي نتيجي ۾ نامعلوم طرفن کان ايندڙ گولين سبب زخمي ٿيل شهرين کي اسپتال پهچايل جو سلسلو رات دير تائين جاري رهيو جڏهن ته ٻارڙن، عورت ۽ نوجوان ڇوڪري سميت 25 ماڻهو زخمي ٿيا، جڏهن ته پوليس هوائي فائرنگ جي الزام ۾ 59 ماڻهن کي گرفتار ڪيو ڇيپا فائونڊيشن جي ترجمان شاهد چوڌري موجب رات دير سان شهر جي مختلف علائقن ۾ هوائي فائرنگ دوران نامعلوم طرفن کان ايندڙ گولين سبب 25 ماڻهو زخمي ٿيا هن چيو ته زخمين ۾ چنيسر ڳوٺ ويجهو 36 سالن جو مختيار گوليمار حاجي مريد ڳوٺ ويجهو 33 سالن جو نبيل نيو سبزي منڊي ميزان بينڪ ويجهو 40

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ٺٽو ڊسٽرڪٽ جيل ۾ اهلڪارن جي مبينا تشدد ۾ قيدي علي بخش ملاح فوت، وارثن جو احتجاج

مڪلي پوليس ايمبولينس ذريعي فوت ٿيل قيدي جو لاش پوسٽ مارٽم لاءِ سول اسپتال ٺٽو منتقل ڪري ڇڏيو

وارثن پاران جيل انتظاميه تي سندن نوجوان قيدي تي تشدد جو الزام جاچ ڪري انصاف ڏيارڻ جو مطالبو

ڊسٽرڪٽ جيل ٺٽو ڪافي عرصي کان قيدين تي تشدد معمول بڻيل آهي، جيل انتظاميه پئسن جي اوڳاڙي لاءِ قيدين کي تشدد جو نشانو بڻائي ٿي: ذريعا

ٺٽو (ڏ ر) ڊسٽرڪٽ جيل ٺٽو ۾ اهلڪارن جي مبينا تشدد ۾ قيدي فوت ٿي ويو مڪلي پوليس پهچي ضروري ڪارروائي بعد فوت ٿيل قيدي جو لاش سول اسپتال ٺٽو منتقل ڪري ڇڏيو هڪ مهينو اڳ سڄاول جي رهواسي قيدي علي بخش ملاح کي ٿر جي الزام هيٺ هاف فرائي ڪيو ويو هو جنهن کي ٽنگهه ۾ گولي لڳي هئي، گذريل هڪ مهيني کان ٿر ۽ مبينا پوليس مقابلي جي ڪيس ۾ هاف فرائي ٿيڻ بعد قيدي علي بخش ملاح کي ڊسٽرڪٽ جيل ٺٽو منتقل ڪيو ويو هو جتي هو اڄ مبينا طور جيل پوليس جي تشدد ۾ فوت ٿي ويو مبينا تشدد ۾ فوت ٿي ويل قيدي علي

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم: پوليس موبائل حادثي ۾ زخمي ٿيل پوليس اهلڪار

نوجوانن کي سياست ۾ اڀرو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي: علامه ناظر عباس تقوي

ٽنڊوآدم (ن ع) شيعه علماءِ ڪونسل پاڪستان جي مرڪزي ايڊيشنل سيڪريٽري علامه ناظر عباس تقوي نوجوانن تي زور ڏيندي چيو آهي ته پاڪستان جي نظام کي تبديل ڪرڻ ۽

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

دڙي ۾ سنڌي ادبي سنگت طرفان حاجي خان عباسي جي ياد ۾ ڪانفرنس

ساس، جسقم، قومي عوامي تحريڪ، واپاري ايسوسيئيشن، پ پ ش پ ۽ صحافين جي شرڪت

اڳواڻن حاجي عباسي جي زندگي تي ڳالهائيندي سندس جدوجهد تي زبردست ڀيٽا پيش ڪئي

دڙو (رپورٽ: اعجاز اختر ميمڻ) دڙي ۾ سنڌي ادبي سنگت طرفان مزاحمتي ڪردار ۽ شاندار گهڻ پاسائي اهم شخصيت حاجي خان عباسيءَ جي ياد ۾ ڪانفرنس. ساس، جسقم، قومي عوامي تحريڪ، ايس ڪي پي واپاري ايسوسيئيشن، ڪميونسٽ پارٽي، پ پ ش پ، واپارين، مائٽن سميت شاعرن اديبن صحافين جي وڏي انگ ۾ شرڪت، کيس زبردست ڀيٽا پيش، تفصيل موجب

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

ڪيرو لڳ صوفي شاعر منٺار فقير جي ميلي جون 2 روزه ميلو شروع، راڳ رنگ

ڪيرو (ن ع) ناليواري بزرگ صوفي شاعر منٺار فقير جي ساليانو ميلي جون 2 ڏينهن وارين تقريبن جو افتتاح درگاهه منٺار فقير جي گادي نشين فقير محمد بخش "ضامن" درگاهه تي چادر چاڙهي ڪيو ان موقعي تي صوفياڻي راڳ جي محفل ٿي جيڪا پرهه ڦٽي تائين جاري رهي جنهن ۾ سڪندر فقير پاڳچند لاڪاڻي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

ڊسٽرڪٽ جيل ڪريڪشنل فيسيلٽي بدين ۾ گڏيل موڪ سيڪيورٽي ايڪسرسائيز منعقد

جيل پوليس، صحت کاتو، فائر برگيڊ، ايمبولينس سروس 1122 ۽ ٻين ادارن مشقن ۾ حصو ورتو

ايڪسرسائيز دوران جيل تي ممڪن حملا، بدامني ۽ قيدين جي صورتحال تي مشقون ڪرايون ويون

موڪ ايڪسرسائيز جو مقصد موجوده ڪانٽينجنسي پلان ۽ تيز ردعمل واري نظام جو جائزو وٺڻ آهي: جيل سپرنٽينڊنٽ

بدين (ڏ ر) ڪنهن به ايمرجنسي صورتحال، دهشتگردي، جيل اندر بدامني يا اوچتن حادثن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڊسٽرڪٽ جيل ڪريڪشنل فيسيلٽي بدين ۾ گڏيل موڪ سيڪيورٽي ايڪسرسائيز منعقد ڪئي وئي ايڪسرسائيز جو مقصد جيل جي سيڪيورٽي تياريءَ جو جائزو وٺڻ ۽ لاڳاپيل ادارن وچ ۾ رابطي ۽ هم آهنگي کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ آهي ڊسٽرڪٽ جيل بدين جي سپرنٽنڊنٽ آفيسر انچارج مظهر علي ٻيهڻ جي اڳواڻي ۾ ٿيندڙ موڪ ايڪسرسائيز ۾ جيل پوليس، صحت کاتو فائر برگيڊ، ايمبولينس سروس 1122 ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن شرڪت ڪئي ايڪسرسائيز دوران

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ٽري ميرواهه لڳ پاڻيڻ ۽ ملاح برادري جهيڙو، واٽهڙو گولي لڳڻ سبب زخمي

موروڙو اسٽاپ تي ٽرين ۾ پاڻي جي تڪرار تان فائرنگ ۾ علي حسن مري زخمي ٿي پيو

زخمي کي اسپتال نيو ويو جتان ڳڻتي جوڳي حالت ۾ خيرپور اسپتال منتقل ڪيو ويو

ٽري ميرواهه (ن ع) ٽري ميرواهه ٿاڻي جي حد موروڙو اسٽاپ تي پاڻيڻ ۽ ملاح برادري جي پاڻي جي تڪرار تان جهيڙي ۾ واٽهڙو گولي لڳڻ سبب زخمي ٿيو آهي ٽري ميرواهه پوليس واقع واري هنڌ پهچي زخمي علي حسن مري کي ٽري ميرواهه اسپتال منتقل ڪيو جتي زخمي جي حالت انتهائي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

پٿورو پرسان ٻڇاءُ بند ۾ انڪروچمينٽ خلاف آپريشن، دڪاندارن جو احتجاج

آپريشن دوران قومي شاهراهه ۽ مکيه روڊن تان قبضا ۽ عارضي دڪان هٽايا ويا

متاثر دڪاندارن جو روڊ بلاڪ ڪري سخت احتجاج، انتظاميا خلاف نعريبازي

پٿورو (ن ع) پٿورو پرسان ٻڇاءُ بند ۾ انڪروچمينٽ خلاف آپريشن دڪاندارن جو احتجاج روڊ بلاڪ ڊائريڪٽر نيشنل هاءِ وي ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر پٿورو ٽائون آفيسر پٿورو پاران ٻڇاءُبند اسٽاپ تي انڪروچمينٽ خلاف آپريشن ڪيو ويو جنهن دوران قومي شاهراهه ۽ مکيه روڊن تان غيرقانوني قبضا ۽ عارضي دڪان هٽايا ويا ڪارروائي کانپوءِ متاثر دڪاندارن طرفان احتجاج ڪندي روڊ بلاڪ ڪيو ويو احتجاج ڪندڙ دڪاندارن جو چوڻ هو ته بنا

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

پٿورو: حدخلين خلاف ڪارروائي ڪئي پئي وڃي

بوزدار وڏا: پوليس پاران شراب سميت گرفتار ڪيل جوابدار

سکر هاءِ ڪورٽ ۾ اوٻاوڙو واسين پاران چوري ٿيل مال ۽ سامان جي واپسي لاءِ درخواست داخل

سکر(بيورو رپورٽ) اوٻاوڙو پوليس پاران چوپايو مال ۽ سونو زيور ۽ ٻيو سامان واپس ڪرائڻ لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بينچ ۾ آئيني درخواست داخل ان سلسلي ۾ سليمان شر سڄاول شر مسمات مهراڻي ۽ مسمات گوگي ايڊووڪيٽ عالم شير

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ ڪوٽ لالو واسي پيرسن جو پٽ سان گڏجي پوٽي جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

خيرپور(ڏ ر) ڪوٽ لالو ريلوي اسٽيشن جي رهواسي امان الله خاصخيلي پنهنجي پيرسن پيءُ رحمت الله خاصخيلي ۽ يتيم ڀائٽين سان گڏجي پنهنجي پٽ احسان الله خاصخيلي خلاف احتجاج ڪيو ان حوالي سان امان الله خاصخيلي جو چوڻ هو ڪجهه

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ شادي واري گهر تي هٿياربندن جي ڪاهه، سونا زيور، روڪ رقم ۽ قيمتي سامان ڦر

سرجاني ۾ ڪار سوار پنج هٿيابندن گهرڀاتين کي يرغمال بڻائي ڦرلٽ ڪندي سڄو گهر خالي ڪري ڇڏيو

جوابدار گهر مان ويهه تولن کان وڌيڪ سون، پنج لک روپيا نقد رقم ۽ اسلحو به کڻي فرار ٿي ويا

جوابدار اسلام آباد نمبر پليٽ واري اڇي رنگ جي ڪار ۾ سوار ٿي آيا هئا، گهرڀاتين تي تشدد پڻ ڪيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ضلع ويسٽ ٿاڻو سرجاني جي حد اندر سال 2025 جي آخري ڏينهن شهر قائد جي رهواسين لاءِ هڪ ٻيو ڏکوئيندڙ تحفو سامهون آيو جتي سال جي سڀ کان آخري وڏي واردات پيش آئي. سرجاني ٽائون جي گلشن شيراز علائقي ۾ سفيد ڪار گينگ سان واسطو رکندڙ پنج مسلح جوابدار شادي واري گهر تي ڌاڙو هنيو ۽ پورو گهر خالي ڪري ڇڏيو. واردات شام ساڍي چار وڳي کان ڇهين وڳي تائين لڳ ڀڳ ڏيڍ ڪلاڪ جاري رهي. متاثر خاندان موجب، جوابدار گهر مان ويهه تولن کان وڌيڪ سون، پنج لک روپيا نقد رقم ۽ اسلحو به کڻي ويا. چوري ٿيل سون جي ماليت چاليهه لک روپين کان وڌيڪ ٻڌائي پئي وڃي. جوابدار اسلام آباد نمبر پليٽ واري سفيد ڪار ۾ سوار ٿي آيا

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ لينس ڊائون پل تي آتشبازي دوران ٽي ماڻهو زخمي

پيادل پل پار ڪندڙ ٽن ڄڻن کي چنگاري لڳڻ سبب باهه لڳي وئي

زخمين کي اسپتال نيو ويو جتي ڊي سي پهچي زخمين جي عيادت ڪئي

سکر(بيورو رپورٽ) سکر ۾ لينس ڊائون پل تي آتشبازي دوران هڪ افسوسناڪ حادثي ۾ ٽي ماڻهو زخمي ٿي پيا اهو واقعو ان وقت پيش آيو جڏهن آتشبازي جي ڪري احتياطي تدبيرن جي طور تي پل کي ٽريفڪ ۽ عام شهرين لاءِ بند ڪيو ويو هو جڏهن ته ٽي ماڻهو پيادل پل پار ڪري رهيا هئا ته آتشبازي دوران اوچتو باهه ۽ چنگاري سبب سڙي ويا. انهن کي فوري طور تي بچايو ويو ۽ سول اسپتال سکر منتقل ڪيو ويو جتي انهن کي ابتدائي طبي امداد فراهم ڪئي وئي. واقعي جي اطلاع ملندي ئي ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: مينهن کان پوءِ گرلز ڪاليج روڊ تي جمع ٿيل برساتي پاڻي جو ڏيک

لاڙڪاڻي پرسان پوليس ڪارروائي، هڪ ڏوهاري هٿيار سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

لاڙڪاڻو (س ر) لاڙڪاڻي شهيد عبدالمالڪ ٻنو ٿاڻي جي پوليس جي ڪامياب ڪارروائي هڪ ڏوهاري هٿيار سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي. لاڙڪاڻو پيپلز ڪالوني ۾ جوابدار پوليس کي ڏسي ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي جوابدار کي پوليس پڪڙي ورتو جوابدار رحيم بخش ولد رسول بخش ڪلهوڙو ٻڌايو پيو وڃي، پوليس هڪ ڏوهاري کي هٿيار

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ ضلعي ڪائونسل ملازم پاران معصوم ٻارڙن سان گڏجي حبيب بينڪ انتظاميا خلاف احتجاج

لاڙڪاڻو(رپورٽ عبدالوحيد ابڙو) لاڙڪاڻي ۾ ضلعي ڪائونسل جي ننڍي ملازم پاران پنهنجي معصوم ٻارڙن سان گڏجي حبيب بينڪ انتظاميه جي مبينا ناجائزين خلاف قائد عوام پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ ملازم ارباب علي بروهي پنهنجي معصوم ٻارڙن امام زادي، صنم ۽ محسن بروهي

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

واهي پانڌي: خودڪشي ڪندڙ نوجوان جو لاش پيل آهي

ڪڙيوگهنور ۾ گم ٿيل ذوالفقار راهمون جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو

جيئي سنڌ تحريڪ پاران پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي

ذوالفقار راهمون کي پوليس اهلڪارن گولاڙچي ويجهو ڪنڀي گم ڪيو ويو آهي:مظاهرين

ڪڙيوگهنور(ن ع) ڪڙيوگهنور جي ڳوٺ پير ڏنو راهمون جي مبينا ٻه هفتا اڳ گم ٿيل ذوالفقار راهمون جي بازيابي لاءِ نيشنل پريس ڪلب اڳيان جيئي سنڌ تحريڪ جي اڳواڻ سورهيه سنڌي، سهيل ڪلوڙ عظيم سنڌي، حيدر سنڌي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي سورهه سنڌي ۽ ٻين چيو ته ٻه هفتا اڳ ذوالفقار راهمون کي پوليس اهلڪارن پاران گولاڙچي ويجهو ڪنڀي گم ڪيو ويو آهي هنن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن ذوالفقار راهمون تي ڪو ڪيس وغيره آهي ته ان کي ڪورٽ ۾ پيش ڪيو وڃي ٻي صورت

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

ٺٽي ويجهو ڪروڙين رپين جي سرڪاري زمين تي غيرقانوني رهائشي اسڪيم جي سازش بي نقاب

ديهه ڪوهستان ۾ سپر هاءِ وي تي واقع 250 ايڪڙ سرڪاري زمين تي غير قانوني طور قبضو ڪيو ويو

”ڪرڪر گرين هائوسنگ اسڪيم“ منصوبي لاءِ سرڪاري زمين کي دوکي سان استعمال ڪيو

نيب پاران جامع جاچ بعد750 ملين رپيا ماليت جي زمين جا سمورا دستاويز جعلي ثابت ٿيا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نيب ڪراچي جامع جاچ ذريعي ٺٽي جي ديهه ڪوهستان ۾ سپر هاءِ وي تي واقع لڳ ڀڳ 250 ايڪڙ سرڪاري زمين جنهن جي ماليت 750 ملين رپيا آهي تي غيرقانوني قبضي، غبن ۽ دوکي سان وڪرو ڪرڻ واري وڏي اسڪيم کي بي نقاب ڪري ڇڏيو آهي نيب موجب رهائشي اسڪيم ”ڪرڪر گرين هائوسنگ اسڪيم“ پنهنجي منصوبي جي شروعات لاءِ هن سرڪاري زمين کي دوکي سان استعمال ڪيو نيب جي انڪوائري مان معلوم ٿيو آهي ته روينيو رڪارڊ ۾ درج ڪيل داخلا من گهڙت آهن جعلي اسٽيمپ پيپر استعمال ڪيا ويا ۽ هن ڏهاڪن تي پکڙيل سيل ڊيڊس جو ڪو به وجود ناهي جاچ نتيجن موجب هائوسنگ اسڪيم ۽ زمين جي مالڪي بابت سڀئي

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ٽرين اچڻ دوران هڪ موٽرسائيڪل سوار ٽريڪ پار ڪري رهيو آهي

ڪراچي ۾ ٿڌي کان بچڻ لاءِ ٻاريل باهه ۾ سڙي سيڪيورٽي گارڊ فوت ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي ضلعي ملير ۾ منزل پمپ ويجهو باهه لڳڻ سبب سڙي هڪ شخص فوت ٿي ويو ريسڪيو عملدارن موجب اورنگزيب ٽائون جي جوڳيءَ موڙ ويجهو باهه لڳڻ جي واقعي ۾ سڙي هڪ شخص فوت ٿي ويو. فوت ٿيل شخص سيڪيورٽي گارڊ هو جيڪو ٿڌ کان بچڻ لاءِ باهه سان هٿ گرم ڪري رهيو هو ته اوچتو باهه ۾ سڙي ويو حادثي ۾ سڙي فوت ٿيل شخص جي سڃاڻپ 45 سالن

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.